
ڪلامِ جمال
(شاعري)
جمال مراد گبول

# ڪلامِ جمال

(شاعري)

## جمال مراد گبول

ڊجيٽل ايڊيشن:
2018ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

حق ۽ واسطاليکڪ وٽ محفوظ

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | **ڪلامِ جمال** |
| صنف: | شاعري |
| شاعر: | جمال مراد گبول |
| ڇاپو پهريون: | سال 2018ع |
| تعداد: | پنج سئو |
| پروف ريڊنگ: | تنوير جمال گبول ساڪرائي |
| ڪمپيوٽر لي آئوٽ: | مور ساگر / جهانزيب علي جوڻيجو |
| ڇپيندڙ: | ساحل پرنٽر اينڊ پبليشر حيدرآباد 03332634650 |
| مُلهه: | 300/= روپيا |

Book Name: **KALAM_e_JAMAL** (Poetry)

By: Jamal Murad Gabool

Publishing Year: **2018**

Proofreading: Tanveer Jamal Gabool Sakrai

Prize: **Rs.300/=**

# ارپنا

سنڌ جي سيني بهترين شاعرن، اُنهن استادن جن مونکي پڙهڻ، لِکڻ سيکاري هن ڪتاب ڇپرائڻ جي قابل بنايو. فرمانبردار شاگردن، خيرخواه دوستن ۽ نيڪ فرزند **تنوير جمال گبول** کي منسوب ڪريان ٿو. جيڪو منهنجي آئيندي نسل جي سلسلي وڌائڻ جو واحد ذريعو آهي.

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **”ڪلامِ جمال“** اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب **جمال مراد گبول** جي شاعريءَ جو مجموعو آهي.

”جمال“ صاحب رِوايتن جو امين شاعر آهي، پختو سُخنور آهي، فني لحاظ کان استاد شاعر آهي. دؤر جديد ۾ جيڪي شاعر پنهنجين فني صلاحيتن سان معتبر مقام حاصل ڪري چُڪا آهن، انهن مان هڪ معتبر شاعر آهي. مضبوط ايمان ۽ صالح عقيدي سان هو سماجي براين کان ”باغي“ شاعر آهي. بي ربط سماجي نظم ۽ معاشري جي اڻنگي چال خلاف هو سخت مزاحمتي شاعر آهي. اخلاقيات جو مجسم، انسانيت جو علمبردار ۽ پنهنجي ملڪ ۽ قوم سان محبت ڪندڙ هِن شاعر وٽ اعليٰ انساني قدرن جا جهجها جهول پريل آهن.

هي ڪتاب **ساحل پرنٽرز ۽ پبلشرز** حيدرآبادڙو پاران 2018ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پياري مور ساگر جوٽيجي جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي سنڌ سلامت لاءِ موڪلي.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# فهرست


ارپنا

پنهنجي پاران — جمال مراد گبول — 07

جمال يار جون ڳالهيون (مهاڳ) — ڊاڪٽر اسد جمال پلي — 14

حمد، نعت ۽ قصيده — 21

غزل — 45

ڪلام — 129

نظم — 155

# پنهنجي پاران

**ٿُنهنجي شانَ برابر شاهَ نہ ڪو، ٿُنهنجي سُونَهن سندو مَٽ مانُ نہ ڪو.**
**ٿُنهنجي خيال ڪان خالي ساهَ نہ ڪو، قربان هزارين مان نہ رُڳو.**

اُن مالڪَ مهربانَ جا لکين ٿورا ۽ ڪروڙين ڪرم آهن، جنهن مون جهڙي ناچيز ادنيٰ انسان کي هن ڪتاب "ڪلامِ جمال" ڇپرائڻ جي توفيق عَطا فرمائي. هن کان اڳ منهنجا ٻہ ڪتاب "پَلٽيا پُورَ پرين جا" ۽ "نياپو نينهَن جو" ڇپجي منظر عام تي اچي چُڪا آهن. جيڪي علم دوستن، گهڻ گُهرن، اهلِ ذوق حضرات، ساجاهَ وندن، اديبن ۽ شاعرن ۾ مقبوليت ماڻي چُڪا آهن. اِنهيءَ حوصلا افزائيءَ جي ڪري، دل ۾ ويهي ويچار ڪيم تہ ڇپيل مواد مان چونڊ ڪري، نئون مواد مِلائي، ان کي ڇپرائي منظر عام تي آڻڻ گُهرجي. مونکي اميد آهي تہ هي منهنجو اَپرو سَيرو پورهيو، اوهان دل گهُرين دوستن کي پسند پَوندو.

**انتظاري، بيقراري، شرمساري، ناخوشي،**
**عشق عاشق ساهَ سان، سانڍي رکن هي چار چيز.**

شاعري هڪ لطيف فن آهي، جيڪو هر انسان جي دل ۽ دماغ تي، وجداني ڪيفيت طاري ڪندو آهي. شاعري نہ صرف جوانن ۽ ٻُڍن ماڻهن جو ڪم آهي، پر ٻارن جي دلين تي بہ جادُوءَ جو اَثر رکي ٿي. نثر جي بار بار پڙهڻ سان، انسان جي دل ڪٽي ٿي پوندي آهي. ان ڪري نظم کي جيترا دفعا پڙهبو ان مان هر ڀيري نئون حظ ۽ لُطف ملندو آهي. اڪثر ڪري ڏٺو ويو آهي تہ نظم ۾ ڪيل ڳالهيون، وڏن توڙي ٻارن جي دلين تي آسانيءَ سان نقش ٿي وينديون آهن. منهنجي هن ڪتاب ۾ حمد، نعتون، غزل، مثلث، مُخمس ۽ مسدس شامل آهن. جن ۾ حسن و عشق جي لوازمات، ڀرپور انداز ۾ موجزن آهن.

**زرخريد ويا ڪِ عاشق يا گدا، احسان مند،**
**عجز ۽ آزي ڪري، يڪدم نمن هي چار چيز.**

جذبات، احساسات ۽ مشاهدات جو نمونو پڻ پيش ڪيو ويو آهي. عيش

عشرت ۽ دنيا جون سڀ لذتون ترڪ ڪري عمر جون جُدا جُدا موسمون ۽ انهن موسمن جون بهارون، ڏينهَن جون عيدون ۽ راتين جون شبِ براتون، دل جو آرام ۽ من جون خوشيون ۽ طبيعت جا رنگ رُوپ ڇڏي الله تعاليٰ جي ذڪر فڪر ۾ گذارڻ ۽ ان جي تعريف ڪرڻ کي نهايت نعمت سمجهان ٿو. هي منهنجا شعر جذبات جي پڙڪندڙ شعلن تي پچي راس ٿي، عالمِ وجود ۾ آيا آهن ۽ سندن سوز و گداز جي تاثير کي پُر سوز دليون ڪڏهن بہ وساري نٿيون سگهن.

**توتان جان فِدا، ڪن شاهہ گدا، ري ناڻي ٻانها ٻيل ٻڌا،**

**ٿيا خادم تنهنجي خلق سندا، خاقان هزارين مان نہ رڳو.**

جنهن ماڻهوءَ جي دل درد سان ڀريل نہ آهي، سو بُلند درجي تي پهچي نٿو سگهي. اُهو درد ئي آهي، جيڪو انسان جي رڳ رڳ کي ساز جي تارن وانگر ڇيڙي، عشق ۽ مُحبّت جو نغمو بنائي ٿو. جنهن شاعر جي ڪلام ۾ انساني زندگيءَ جي عڪاسي ۽ ترجماني موجود نہ آهي، ان کي شاعر چوڻ، خُود صنفِ شاعريءَ جي توهين آهي.

**مَٽ نہ تنهن محبوب جا، مرجان، موتي ۽ مٽيان،**

**”ڪوهنورن“ ڪان ڪٿر، تنهن يار جون ڳالهيون ڪريون.**

زماني جي علحدگي، انقلاب ۽ ان جي لاڙهن چاڙهن ۾ اچي، هلندڙ رسم مطابق، مونکي بہ مجموعو لکڻو پيو. جنهن جا آشڪار الفاظ اوهان سڀڻن جي سامهون آهن. آئون پاڻ کي عظيم شعراءَ جي هام هَٽي، شامل ڪرڻ مُناسب نٿو سمجهان، پر ايترو ضرور چوندس تہ شاعري منهنجي طبيعت ۾ رچيل آهي. شاعريءَ جي لاءِ جيڪا حساس دل گُهرجي، اهائي دل منهنجي سيني ۾ موجود آهي. دل جا جذبا، واقعن ۽ حادثن جو مشاهدو ڪري، وارداتِ قلب جو روپ اختيار ڪرڻ ڪانپوءِ، شاعريءَ جي موجن ۾ تبديل ٿي، محَوءِ مست ٿين ٿا، انکي شاعري چئبو آهي. شاعر ڪهڙو نہ سُهڻو خيال پيش ڪيو آهي.

**ماڪَ جا مِنڙا موتي ميڇُو، مصريءَ کي ڪن ماند مِٺا،**

**چاهَ منجهان اڄ چونڊي ڀريون، پيرن جا ڪي پاند مِٺا،**

**پيار ٻنا چو پاڻ وڃايون، وقت مڙيئي وِڻواند مِٺا،**

**پنهنجي اکين ۾ پاڻ لِڪُون، ٻئي اهڙي رَهوُن ڪا راند مِٺا،**

**ڳِلَ ڳِلَ لائي، پاڪَرَ پائي، هيڪندا ٿي پاڻ هَلئُون،**

**پرت پَڪيءَ جا پيوند پائي، جُهولا جوڙي پاڻ جُهلئُون.**

مُقدس ۽ مذهبي ڪتابن جو وڏو حصو شاعريءَ تي ئي مُشتمل آهي.

“انجيل”, “سام ويد” ۽ “گيتا” شاعري آهي. “سعدي”, “رومي”, “جامي”, “حافظ”, “فردوسي”, “پتائي”, “احمد ملاح”, “سچل”, “سامي”, “فيض بخشاپوري”, “اقبال” ۽ “غالب” وغيره.

**پڌل ڪنهن ذات تي ناهي، طبيعت ڏات موليٰ جي،**
**فڪر ناهي جي ”واصف“ ڪو ٿيس پيدا لُوهارن ۾.**

شاعري هندي توڙي سنڌي هُجي، فارسي يا عربي هُجي، انگريزي يا بنگالي هُجي، پنجابي يا سرائڪي هُجي، شاعر ڪڏهن رقيب رُوءِ سياه جي آڙ ۾، ڪڏهن مذهبي تقدس جي آڙ ۾، ڪڏهن محبوب ۽ معشوق جي جفا شعار رَوش جي آڙ ۾، ڪڏهن باغبان ۽ صيّاد جي آڙ ۾، پنهنجي ذهني بغاوت کي ظاهر ڪيو آهي. شاعر جي ذهني ۽ فڪري بغاوت جي عنصر کي عشق چئبو آهي. “عشق هڪ آتش فَشان پهاڙ آهي”. جنهن جي صحبت ۽ سِتم جي معيار کي شعر چئبو آهي.

**تنهنجون مونسان ڪيئن نهن ٿيون، هوڏ ۽ هستيون رُوپ ۽ رنگ،**
**من جون مستيون، بالا دستيون، تيز طبع تون شوخ ۽ شنگ،**
**آئون تہ ازل کان تنهنجو آهيان، عاشق عابد مست مَلنگ،**
**ميڻ بتيءَ جيئن پاڻ پچين ٿو پِره تَلڪ آئون تنهنجو پتنگ،**
**پاڻ جَليو ٿو مونکي جلائين، جذبي ۾ ٿا پاڻ جَلئُون،**
**پرت پَڪيءَ جا پيوند پائي، جُهولا جوڙي پاڻ جُهلئُون.**

منهنجو والد صاحب تمام غريب ماڻهو هو. تنهنڪري ننڍي هُوندي کان ئي، غربت واري زندگي گُذارڻ لڳس. پرائمري تعليم پُوري ڪري، هاءِ اسڪول ۾ داخلا وَرتم. جتان 1982ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيم.

غربت جي ڪري اڳتي پڙهي نہ سگهيس !! ڪجھ عرصو ايريگيشن کاتي ۾ بہ نوڪري ڪيم. 1984ع ۾ مونکي ماستريءَ جي نوڪري ملي. ان کان پوءِ نوڪريءَ دوران انٽر، بي اي ۽ بي ايڊ بہ ڪري وَرتم.

**جڏهن هو ساٿ قسمت جو، تڏهن ساٿي هزارين هُئا،**
**مُقدّر جي بدلجڻ سان، زماني جي هَوا بَدلي.**

2016ع جو سال مونکي اهڙو تہ ڏکيو لڳو جو (55) سالن جي عمر ۾ مونکي نوڪريءَ تان، پنج سال اڳ ۾ ئي رٽائرڊ ٿيڻو پيو.

**آسرو جن تي رکيئي، “حامي” انهن تختا ڪيئي،**

## سادگيءَ آخر انهيءَ منزل تي پهچائي ڇڏيئي.

رٽائرڊ ٿيڻ جو سبب هي هو ته مين پرائمري اسڪول ميرپور ساڪري ۾ آئون سيني ماسترن کان سينيئر هُئس. هيڊ ماستريءَ جو حق منهنجو هو. مون کي (33) سالن جي سروس ۾ ڪنهن به آفيسر نه غير حاضر ڪيو ۽ نه وري ڪڏهن پگهار بند ٿي. پنهنجي ڊيوٽي سچائيءَ ۽ ايمانداريءَ سان سر انجام ڏنم.

**جلالِ بادشاهيءَ کان بُلند آ حالِ درويشي،**

**شهنشاهيءَ فقيريءَ جي، ڪئي آ نازبَرداري.**

(فيض بخشاپوري)

اهي ماستر جيڪي هَميشه دير سان ايندا هُئا، يا وري موڪل جو فارم ڇڏي ويندا هُئا، بئي ڏينهن تي اچي فارم ڦاڙي صحيح ڪري ڇڏيندا هُئا. ڪي ماستر اهڙا به هُوندا هُئا جن جي حوالي ڪو به ڪلاس نه هُوندو هو فقط امتحان واري ڏينهن اردو ڪلاسن ۾ پنهنجو نالو لکائي، رزلٽ شيٽ ۾ پاڻ کي ڳڻائي، نتيجو ڏيکاريندا هئا، ڪيترا ٻار پرائيوٽ اسڪولن مان آڻي، اُنهن جو امتحان ڪرائيندا هُئا، غير حاضر ٻار پاس ڪرائڻ ۽ ماسترن جون ڪوڙيون صحيحون ڪرڻ، سندن مشغلو هوندو هو.

بقول شاعر جي:

**مٿان سمجهين مٿان ڪونهي، ڇپيو جيڪو ڦٻيو مونکي،**

**ٻَديءَ جو بدترين بدلو وٺڻ وارو خُدا آهي.**

انهن سَببن جي ڪري، حد جي سُپروائيزر، ماسترن ۽ ٻين مَٿ گهرن منهنجي اندروني طرح مخالفت ڪئي، ته جيڪڏهن مين پرائمري اسڪول جو هي هيڊ ماستر ٿي ويو ته پوءِ اسان جي هڪ هَٽي ختم ٿي ويندي

**نه درياءِ مُحبّت ۾ ڪئي تن صاف دل ڌوئي،**

**ڦِرن ٿا ٻي وُضو احرام ۾ ڪعبي جي چوڌاري.**

(فيض بخشاپوري)

اِن ڪري پ ٽ الف وارن ضلعي جي صدر کان وٺي، تعلقي جي صدر تائين، پنهنجا نوازيءَ تحت، سندن پنهنجو پ ٽ الف جو خزانچي، اسڪول ۾ هيڊ ماستر مُقرر ڪرايو جيڪو تمام جونيئر هو. اِنهيءَ ناانصافي ڪرڻ تي، مونکي تمام گهڻو ڏُک پُهتو!!!. بقول فيض بخشاپوري جي:

*ڪافر نمازيوں نے، نبي کو کيا شهيد،*

فرمانِ مصطفیٰ ہے، میری جان حسین ہے۔

خير !مون خدا تي ڀروسو رکي، پنج سال اڳ ۾ ئي، رٽائرمينٽ وٺي ڇڏي ۽ هي شعر دُهرائيندو رهيس !!!

**ڏٺاسون عابد و زاهد، سڀئي زَر پرست آهن،**

**اسان مستن جي محفل ۾ نہ لائق آهن پائيءَ جا.**

(مير عبدالحسين سانگي)

منهنجي پڙهندڙن کي، تخليقات ۾ سادگيءَ جي سُگند ضَرور ملندي، سرزمينِ سنڌ ۽ اهلِ زمين وارن سان ٿيندڙ زيادتين جي خلاف، ڪنهن نہ ڪنهن انداز ۾ ضرور نظر ايندي. بقول شاعر جي

**فَنا هر چيز ٿي ويندي، بقا ڪنهن چيز کي ڪونهي،**

**مگر دائم، فقط قائم، رهڻ وارو خُدا آهي.**

ان ڪانسواءِ توحيد ۽ توڪل جي روشن جَهلڪ ۽ سرورِ ڪائنات جن سان والهانہ مُحبّت ۽ غلامانہ عقيدت جو اِظهار ڀرپور انداز ۾ ڏسڻ ۾ ايندو. جنهن کي آئون پنهنجي دنيا ۽ آخرت جي نجات جو واحد ذريعو ۽ وسيلو سمجهان ٿو. بقول شاعر جي

تنهنجا مائل ميڪائيل جهڙا، ڪئين عاشق اسرافيل جهڙا،

تنهنجي در تي جبرائيل جهڙا، دربان هزارين مان نہ رُڳو.

منهنجي شاعري علمِ عُروض، بندشِ مضمون ۽ فنِّ لطيفہ جي معيار تي ڪيتري قدر پُوري آهي. انهيءَ جو فيصلو اوهان سڄڻن جي سامهون آهي.

ٿورائتو آهيان ڊاڪٽر اسد جمال پلي جو جنهن پنهنجا مفيد رايا ڏيئي منهنجي رهنمائي ڪئي ۽ هن ڪتاب جو مهاڳ لکيو.

بنده ناچيز

**جمال مراد گبول**

ميرپور ساڪرو

0316_1324600

| | |
|---|---|
| ج | جيڪي شاعر آهي لِکيو تنهن ۾ نالي کي نهار. |
| م | ميرپور هن ساڪري تي، شل سدائين ٿئي سُڪار. |
| ا | انتظاري سپ لهي، گُلزار بنجي لالہ زار. |
| ل | لات لاکيڻي ٿئي، عالم سڄي ۾ آشِڪار. |
| گ | گُل ٽڙن گُلزار ۾، صبح و مَسا شل ٿئي بَهار. |
| ب | بَس بهاري جا تہ بادل، اچ ڪٽي ڏاتر ڏيکار. |
| و | وقت سارو خوش گذارين، منهنجي ساٿيہ جا سنگهار. |
| ل | لطف سان ڪر پنهنجو لائق، پاڪ تون پروردگار. |

نوٽ: هن شعر جي هر هڪ سٽ جو پهريون اکر کڻبو تہ "جمال گبول" لکجي ويندو. (صنفِ توشيع)

****

هُئا جي سالن کان سڪايل، "بي ثمر" غم ۾ غريب.
ٿي امڙ اڄ ان جي راضي، آهي بابو خوش نصيب.
هي "ثمر باغِ دهر جو" ٿيو عطا تن کي عجيب.
1961ع

شال خوشين ۾ گُذاري، جانِ من جاني "جمال"
آ دعا "اسلم" سندي، ڏيندي دنيا تنهنجا مِثالَ.

شاعر جمال مراد گبول جو يومِ ولادت انگن ۾
عبدالله خان گبول عرف "اسلم" ساڪرائي پاران لکيل

# “قطع تاريخ”

عيسوي سن جو جَڏهن، مون هو پُڇو ”هاتُف“ ڪنا،
تان اُتان آواز آيو، غيب پاران جا بَجا،
“تذڪرو محبوب تنهنجو آهي” هي جڳ ۾ ”جمالَ“
1914+74+30=2018 لامِ جي 74
ڪر لفظ سان، سالِ وِلادت مرحَبا.
30

ڪتاب ڪلامِ جمال جي ڇپرائڻ جو سال انگن ۾.

****

طُفل هي دُنيا ۾ ٿيندو، “شاعرِ خُوش آفتاب”
1961
هڪ سئو ارڙهن ياد پِي، يومِ ولادت مرحَبا.
118 (جمع) 15 12
15_12_1961

شاعر جمال مراد گبول جو يومِ ولادت انگن ۾ (لهر ڪيٽوي)

**مهاڳ**

# جمال يار جون ڳالهيون

”جمال“ جي معنيٰ ئي آهي سونهن. سونهن تَريءَ هيٺيان لڪائي سگهبي ئي ناهي، ڇاڪاڻ تہ اُها ”سِج“ آهي جنهن جو ذرو جڏهن ”چَنڊ“ جي منهن تي پوي ٿو تہ انهيءَ سان بہ پيو سڄڻن کي پيٽجي، جيڪي سدائين سوجهرو آهن. هاڻي جنهن کي ”جمال“ جي تخلص جي چاليهئين پتي بہ نصيب ٿئي اهو ڪهڙي مقام تي هوندو، اها ڳالهہ سمجهڻ مشڪل نہ آهي. اهو انهيءَ ڪري نہ تہ منهنجو بہ ساڳي تخلص آهي. پر اِهو انهيءَ ڪري تہ منهنجي شناسائي بہ انهيءَ سونهن سان آهي جنهن کي ادبي دنيا ۾ ”جمال مراد“ جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. منهنجي ساڻس پهرين ملاقات جشنِ معمور جي مشاعري ۾ ٿي جڏهن پاڻ پنهنجي وڏائي ڏيکاري سمنڊ جي ڇولين (ميرپور ساڪرو) مان نڪري اچي ڊولو مارل (لطيف ننگر) جي پَٽن تي پهتو. اها سندس وڏائي بہ هئي تہ قرب بہ هئو. ان ڪانپوءِ اڄ تائين وِيلَ نہ وسرندڙ هن سونهن جي پَرتَوي جي علم ۽ فن مان آئون مسلسل فيضياب آهيان. مون سندس ڪچهرين ۽ شاعري مان جيڪي پِرايو آهي انهيءَ موجب ”جمال“ صاحب رِوايتن جو امين شاعر آهي، پختو سُخنور آهي، فني لحاظ کان استاد شاعر آهي. دؤر جديد ۾ جيڪي شاعر پنهنجين فني صلاحيتن سان معتبر مقام حاصل ڪري چُڪا آهن، انهن مان هڪ معتبر شاعر آهي. مضبوط ايمان ۽ صالح عقيدي سان هو سماجي براين کان ”باغي“ شاعر آهي. بي ربط سماجي نظم ۽ معاشري جي اڻنگي چال خلاف هو سخت مزاحمتي شاعر آهي. اخلاقيات جو مجسم، انسانيت جو علمبردار ۽ پنهنجي ملڪ ۽ قوم سان محبت ڪندڙ هِن شاعر وٽ اعليٰ انساني قدرن جا جهجها جهول ڀريل آهن. سندس ڪلام ۾ اهو سيڪجهہ ملي ٿو جيڪو سماج جي هڪ صالح ڪردار جي ڪردارسازي لاءِ ضروري آهي. پنهنجي

ڪلام ۾ هو ٻنهي جهانن جي خلقڻهار جي حمد هيئن ٿو بيان ڪري ته.

**تنهنجو در داتا ڇڏي، ٻيو ڪنهن جو در مان ڳوليان،**
**تو سِوا مالڪ مِٺا، مان عرض هي ڪنهن کي ڪيان.**

**ظاهري ڪر ڪا ضيائي، ۽ جهجهو روشن ’جمال‘،**
**ڪر اميدون منهنجون پوريون، سڻ تون سائين سڀ سوال،**
**تون ئي ڪل تي آهين قادر، رحم توکان ٿو گهران.**

مالڪِ دوجهان جي مِهر سان رحمت العالمين آيو جنهن جي اچڻ سان نه صرف ٻئي جهان روشن ٿيا بلڪ سک، امن ۽ آسودگي جا چڙ ڪڪر وسي پيا. بي سهارن، اپرن، يتيمن ۽ اڙيالن جو واهرو آيو. شاعر وٽ دليل آهي ته:

**مهر ڪئي مالڪ مٺس، ٻئي جڳ مليا جنهن کي ’جمال‘**
**سيني سيني سان لڳايو، جڳ سڄو روشن ٿيو.**

**زنده دفن ڪيئون ٿي، نازڪ نياڻيون جڏهن،**
**ان دؤر ۾ ته دلبر، ڏيندڙ ڇمار آيو.**

ساڳي موضوع جي شاعرانه رِوايتن کي اڳتي هن طرح ٿو نباهي ته:

**چارئي تنهنجا چڱا، جن جان ڪئي توتان فدا،**
**تون خدا جو آهين نائب، جان مِن اي جاودان!**

شاعرانه اسلوب ۾ هي حقيقتون دلڪش به آهن، ته ساڳي وقت عقائد جي نشاندهي سان گڏ ايمان افروز پڻ آهن. نعتيه مضمون ۾ شاعرانه دلڪشي جو هڪ سهڻو مثال هن شعر ۾ به آهي ته:

**جهومڻ لڳا جهنگ ۽ جبل، بر پٽ بهاري ٿي وئي،**
**ڪونجون، ڪبڪ، قمري، ڪوئل چيهن جي پڻ چينگار ٿي.**

اسلامي تاريخ جو وسيع مطالعو رکندڙ هيءَ شاعر قديم روايتن جو امين آهي يا جديديت جو جهنڊو بُلند ٿو ڪري اهو فيصلو ته شاعري جا نقاد ئي

ڪندا منهنجي چاڻ صرف ايتري آهي تہ جيڪو شاعر رِوايتي شاعري ڪري ٿو اهو ئي دورِ جديد سان هم آهنگ ٿي سگهندو. جيڪو اُڏام ڪٽولي کان آگاهہ هوندو اهو ئي جهاز کان آگاهہ ٿيندو. جديد سائنس انهن ئي ”ٿيوريز“ (Theories) کان شروع ٿي آهي. جيڪو شاعر علم عروض کان آگاهہ هوندو اهو ئي شعر جي بحرن ۽ وزنن ۾ تجربا ڪري سگهندو. اها فني جدت آهي، جيڪو تاريخ کان واقف هوندو اهو نون نتيجن جي ڳالهہ ڪندو. جيڪو عقيدن کان آگاهہ هوندو اهو ئي انهن سان اتفاق يا مخالفت ڪندو. جنهن کي حُسينيت جي خبر ئي نہ هوندي اهو يزيديت کي ڇا نندِيندو. انهن کي ڪربلا جي ڪرب جي ڇا خبر ۽ ڪوفين جي طاقت کي سائين جمال صاحب وانگيان ڪيئن سمجهندو تہ. ڪوفي تہ آهن ئي ڪمزور، اصل طاقت تہ ربّ جي رضا آهي جنهن کي ڪربلا ۾ امام عالي مقام قبول ڪيو تہ:

**سؤ دفعا هو سچ کان وڌ، تن جو جوهر ۽ ’جمال‘،**
**ڪوفين کي ڪهڙي طاقت، اصل هي هو امتحان.**

**ڪربلا جي ڪوس جو آ، درد ڀريو داستان،**
**دشمنن دوکو ڪري، قيدي ڪيو ڪُل ڪاروان.**

اڳتي ڏسو شاعر پنهنجي درد آشنائي تي ڪيترو نازان آهي تہ:

**ڪُل قصيدا ڪيترا، آيا لکي شاعر اديب،**
**هي شهيدي شان تي، سارو ترانو دنگ آ.**

سنڌ جو اهو ڪهڙو شاعر هوندو جنهن کي لطيفي رنگ جو آشريواد نہ مليو هوندو.

**سنڌ جو هيرو سچو سرڪار، آ عبداللطيف،**
**روشني جو چمڪندڙ مينار آ، عبداللطيف.**

لاڙ جو هيءَ سهڻو سخنور لطيف ڪانپوءِ ملاح جي رنگ جي چادر بہ اوڍي ٿو تہ:

**ڏيهہ ڏوري ايندو هئين تون، اڄ نهارڻ کان بہ وئين،**
**يار ڪهڙا حال ٿئي، بس ايئن ڪيڪارڻ کان بہ وئين.**

مزاحمتي شاعري جا هينيان مثال پڙهو ۽ پوءِ ڏسو تہ اسانجو هي سُجاڳ شاعر ڪهڙن ڪهڙن قلمي محاذن تي جنگ جوٽيو بيٺو آهي.

**ڪو عدل انصاف ناهي ملڪ منهنجي ۾ ’جمال‘،**
**قوم جي ڄڻ هي ڪهڻ جو ڪارخانو ٿي ويو.**

**ڪِٿ بلوچن جي مٿان، ٿا بم وسائين بي گناهہ،**
**مدرسو باجوڙ جو، ناحق نشانو ٿي ويو.**

❋❋❋

**سنڌ صوبو رهندو هڪڙو جيسين آهي جڳ ’جمال‘،**
**رهجي ويندا هِتِ اڏورا، تنهنجا ڪوڙا سڀ خيال.**

**توسان گڏ آهن اسانجا، توڪي ڪهڙي آ مجال،**
**تنهن ڪري پيو تون پڏائين قوم ساريءَ کي قوال.**

❋❋❋

**ڪراچي سنڌ جي دل آ، امن جو شهر چئبو هئو،**
**انهيءَ ئي شهر ۾ اڄڪلهہ، لهن ٿا سِرَ هزارن جا.**

❋❋❋

**’جمال‘ آخر عمر ساري، رئيسن کي نہ رهڻو آ.**
**سدائين يار ڪرسيءَ تي، وڏيرن کي نہ رهڻو آ.**

❋❋❋

**جوئا چوريءَ ۽ گهٽڪي تي، ٿيو ڪو ضابطو ناهي،**
**ڪپي ٿو ظالمن کي زر، اسانجي ساڪري هِن ۾.**

❋❋❋

**هتي پيا ماستر صاحب، مزا ماڻين ميڊيا جا،**
**کي اخبارن جا ايڊيٽر، اسانجي ساڪري هِن ۾.**

هِنن اَنن منتخب ڪيل شعرن ۾ ڪهڙي حقيقت آهي جيڪا ”سَچ“ سان ٽمٽار ناهي. ڪهڙو ٻول آهي جنهن جو اثر تير ۽ تفنگ کان گهٽ آهي.

سنڌ جي تقسيم تي مزاحمت ڪندڙ هيءَ سُڄاڻ شاعر جيڪو ساڪري جي سماجي حالتن تي بہ آواز اُٿاري ٿو تہ. ڪراچي ۾ تسلسل سان ٿيندڙ ڪوس تي بہ اشڪ هاري ٿو. باجوڙ جي ڏک ۾ بہ ڏڪارو آهي تہ بلوچن سان ٿيندڙ ناانصافين تي بہ نالان آهي. جتي بہ انسانيت کي چيپياتجي ٿو تہ هِيءُ باهمت شاعر ڳالهائي ٿو ۽ همت سان حق ۽ سچ جو آواز بُلند ڪري ٿو. هو پُر اميد آهي تہ سدائين ظالم کي ڪرسي نصيب نہ هوندي، سدائين انسانيت جا فيصلا درندا نہ ڪندا. ظلم ۽ استبداد جي ماحول ۾ ايڏيون حوصلي واريون ڳالهيون صرف ’شاعر‘ ئي ڪري سگهي ٿو. ٻاٽ اونداهي ۾ لاٽ صرف شاعر جي اک ئي ڏسي سگهي ٿي. اِها اک اسانجي جمال مراد صاحب کي الله پاڪ نصيب ڪئي آهي ۽ پنهنجي سڄي عمر هِن انهي حق ۽ صداقت جي گس تان ٿيڙ ناهي کاڌو، جنهن جي شاهدي طور سندس سڀ شاعري موجود آهي.

تاريخ جو گهرو مطالعو ڪندڙ هيءَ شخص پنهنجي سماج ۾ ڳائجندڙ لوڪ داستانن کي بہ اشارن ۽ ڪناين ۾ استعمال ڪري لوڪ کي پنهنجائپ جو احساس ڏياري ٿو ۽ خاص طرح ’برووي‘ جو ذڪر جيڪو اسانجي تمام گهٽ شاعرن ڪيو آهي. جمال صاحب اتي پهچي پنهنجي لوڪ داستانوي مطالع جو ڏس ڏئي ٿو جيڪو سندس شاعرانہ ذوق جو بہ مظهر آهي. بروي ۽ مجنون جو ڳالهيون راءِ ڏياچ تائين هنن شعرن ۾ پڙهو.

**ماس بروي هو ڏنو ۽ سِر وِڌي راءِ ڏياچ،**

**ڪئين پچن، ڪامن، پتنگ ٿا، نينهن ۾ نازڪ نواب.**

❊❊❊

**محب هو مُرڪي چيو، هِت بيهہ اچان ٿو مان مِٺا،**

**بند ٿي مان بيهہ رهيس، محبوب جي ان موٽ تي.**

مشاعرن ۾ جڏهن ’هوٽنگ‘ ڪو استاد شاعري ڪري ٿو تہ اُها اصلاح جي شڪل وٺي ٿي پر جڏهن ڪو اٽڃاڻ وينو جاٽن تي چٽرون ڪري تہ اُها ’هوٽنگ‘ اصلاح جي بدران ’جهالت‘ چئبي. جمال صاحب انهيءَ هوٽنگ ڪرڻ واري کي هيئن ٿو تنبيهہ ڪري تہ:

**ڪونہ هئي ڪنهن کي خبر، هردم هلي ٿي هِت هوٽنگ،**

**چئه پلا هليا وڃون، يا بند هي گفتار ڪر.**

ڪنهن شاعر جي استادانه صلاحيتن جو هڪ امتحان ’طرح‘ تي شعر لکڻ به آهي. محترم ’معمور يوسفاڻي‘ صاحب جي ٻن طرحي مصرعن تي جمال صاحب جا غزل لاجواب آهن. اچو ته ٻن طرحي غزلن جا به بند پڙهي لطف اندوز ٿيون:

**ڏينهن، هفتا ۽ مهينا، سال صديون ويا مٽي،**
**همنشينو وقت جي رفتار جون ڳالهيون ڪريون.**

***

**تنهنجو مرڪڻ ۽ ملڻ، پيو خوب خوش ٿي خود کلڻ،**
**ساري دنيا کان سڄڻ، دستور تنهنجا ٻي طرح.**

طرحي غزلن کان علاوه به غزل جي شاعر وٽ رومانس جي پچار جهجهيري هجي ٿي، جيڪا ئي غزل جو روح آهي. جمال صاحب به انهي پچار کان واندو ڪونهي.

**ٿو ڪرين حملن تي حملا، فوج پنبڻين جي وٺي،**
**تنهنجي نيڻن جي نظر جا، اڄ نوان نيشان ٿيا.**

حقائق نگاري جو اظهار به شاعرانه جرئت جو ئي جوهر آهي. جمال صاحب انهيءَ انگ ۾ به يڪتا آهي ته:

**وئي عمر اڌڙوٽ گذري، ناهي پيري ڪا پري،**
**آجيان ڪئي مون اچڻ جي، وار ڪارن منهن مَٽيو!**

اها ڳالهه صحيح آهي ته جمال صاحب فن سُخن جي سڀني صنفن تي دسترس رکي ٿو. سندس غزل به سُهڻا ته نظم به شاندار، جن مان لاڙ جي مِٽي جي مخصوص هبڪار اچي ٿي، پر منهنجي ذاتي راءِ اِها آهي ته هو ’ڪافيون‘ جهجهيون لِکي، سندس ڪافين ۾ جيڪو مناس آهي، لات آهي ۽ فني پختگي آهي، اُها شاعر جو فني سفر ۾ اعليٰ مقام ناهي ٿي. سندس ڪلام ۾ رواني به واهه جي آهي. ڪافي جو بند پڙهو ۽ پوءِ منهنجي دعويٰ تي فيصلو ڏيو.

**اوهان جي اڪنڊ ٿي تري روز تن ۾،**

**اصلئون اوهانجي محبت آ من ۾،**
**اڇويا اماڻيو نياپو نيشاني،**

اسانجي هِن دلبر دوست جي سخن جي سفر جي خوبين ۽ صلاحيتن جي ڪٿ اڄان ٿي ئي ڪونهي، جڏهن سنڌي ادب ۽ شاعري جا نقاد سندس ڪلام جي زرخيزي ۽ ڪارج جي ڪٿ ڪندا تڏهن ئي سندس علمي ۽ شاعرانہ حيثيت جي پروڙ پوندي.

ٻوليءَ جي خوبين، صنعتن، فني ڪاريگرين، پهاڪن، چوڻين، اصطلاحن ۽ ڪناين جي خزاني سان مالال هن سخنور جي سخنوري تي ڪو استاد شاعر ئي قلم کڻي سگهي ٿو. اسين تہ سندس سحر انگيز شخصيت جي سحر ۾ ئي گهيريل آهيون. عمر دراز جا دعاڳو ۽ سندس اولاد جي ڀاڳن جا خواهشمند آهيون. جيترو جمال صاحب زندگيءَ جي معاملن ڪي منهن ڏيڻ ۾ باهمت آهي، جيترو شاعرانہ خيال جي اظهار ۾ حوصلء مند آهي، اوترو ئي دوستيءَ جي ناتن نڀائڻ ۾ سچو ۽ جرئتمند آهي. دوستن ڏانهن پير پري وجڻ ۾ ڪيس سياري، اونهاري جون تبديليون روڪين ئي ڪونہ. آئون ذاتي طور سندس قرب جا قدم پري اچڻ جو سدائين مقروض رهيو آهيان، آئون وٽس پڄان نہ پڄان، سندس اچڻ جو سدائين آسروند آهيان ۽ پاڻ اهي پال پلائي سگهندو بہ آهي. سندس هِن شعر سان ڳالهہ ڪي مڪمل ڪبو تہ:

**حُسن تنهنجي جا هزارين، معتقد آهن مريد،**
**مون جهڙا مِسڪين ٿيا، مزدور تنهنجا ٻي طرح.**

**ڊاڪٽر اسد جمال پلي**
لطيف ننگر_ عمرڪوٽ
0345_3455058

# حمد، نعت ۽

# قصيده

الف آ الله، اوّل، احد، آخر ۽ عَظيم،
بي بَصير، باطن ۽ باعث، باقي، بَرّ باسط، عَليم.

تي تَڪبّرُ ٿو جڳائي، هڪ ئي هاديءَ، کي هَميشہ،
ثي سدا ثابت ۽ سالم، سُونهن آ جنهنجي سَليم.

جيم جامع آهي، جيڪو جَڳّ پُوري جو جَميل،
حي حُڪم تنهنجو هَلي ٿو، سوئي حافظ آ حَڪيم.

خي خُدا خُود آهي خالق، خاص خَلقيندڙ خَبير،
دال دائم رهندو عُقبيٰ ۽ دُنيا ۾ سو حَليم.

ذال ظاهر آهي زاڪي، زور وارو ذوالجَلال،
ري رقيب، رَب رَحيم، رئُوف، رافِع ۽ آ رازق رَحيم.

مَن مُرادون ٿو پُڄائي، مُنهنجو مالڪ مهرِبان،
سين آ سيني جو سائين، شين شافي آ شميم.

صاد صَبُور و صمّد، صادق ثَنا جو آ ذَتّي،
ضاد آهي ظاهري ۽ ڪُلّ تي قادر ڪَريم.

طوئي طاهر، ظوئي ظاهر، غين غم لاهي غَني،
قاف قائم آ قوي، ڪبّير، ڪاتب ۽ قديم.

ميم مالڪ مومنن جو مُتڪبّر، مُعظم، مُجيب،
مُقتدَر آ مُبدي، محصي، مُنتقم، مُقدم، مُقيم.

نُونِ نافع، والي، واحد، جنهن جو قائم آ ”جمال“
آ وَلي، وَڪيل، واسِعِ، ڪاظم و ڪامل، ڪَليم.

تنهنجو دَر داتا ڇَڏي، ٻيو ڪنهن جو دَر مان ڳوليان،
تو سوا مالڪ مِنا، مان عرض هي ڪنهن کي ڪيان.

تُون وڏو رحمان آهين، تُون ئي دلين جو ڏَٽي،
ڪر بُرايون بخش منهنجون، خالقِ اڪبر ڪٽي،
حڪم تنهنجي سان هَلي ٿو، هي سمورو جڳ جَهان.

تو ڪِني قَطري منجهان، ڇا ڇا نہ آ پيدا ڪيو،
سُونَهن تو سهڻي ڏئي، ڪِن کي ڪيو روشن ڏيئو،
سُهڻي صُورت جي مَٿي، ٿا رِشڪ ڪائن ڪهڪشان.

هر بَشر جو آهي بَس، تو آسرو الله ۾،
شاهہ رڳ کان پڻ تون اوڏو ۽ سمايل ساهَ ۾،
تنهنجي رحمت، تنهنجي نعمت جو ڪريان ڪهڙو بيَان.

ظاهري ڪرڪا ضِيائي ۽ جَجهو روشن ”جمال“،
ڪر اُميدون مَنهنجون پُوريون، سُڻ تون سائين سڀ سَوال،
تُون ئي سڀ تي آهين قادر، رحم توکان ٿو گُهران.

دلربا درشن ڪرايو، جڳ سڄو روشن ٿيو
نُور جو جَلوو پَسايو، جڳ سڄو روشن ٿيو.

شمع جي ٿي سوجهري سان، شام جون ماڙيون ڏٺيون،
محب مس هو مُسڪرايو، جڳ سڄو روشن ٿيو.

جنهن جي آمد سان سڀيئي، بُت پُري پورا ٿيا،
ويرين کي غم وَرايو، جڳ سڄو روشن ٿيو.

زير ظالمَ ٿي ويا، سَڪرات سيني کي لڳي،
جابرن کي جنهن جُهڪايو، جڳ سڄو روشن ٿيو.

ڪيتريون بَدعادتون ۽ بند بُرائيءَ کي ڪيو
ٿي پَلو تن تنهن کي پانيو، جڳ سڄو روشن ٿيو.

جنهن اَشاري ساڻ آگر، جي وِڏو چيري قَمر،
”بُوجهل“ بيوس بَنايو، جڳ سڄو روشن ٿيو.

شانَ ”احمد“ جي اڳيان، هر ڪنهن جي هستي وئي هَلي،
مُصطفيٰ تن کي مَجايو، جڳ سڄو روشن ٿيو.

دُشمنن جي لاءِ دوزخ، ٿي دنيا ويئي سڄي،
جوش ۾ جن جيءَ جَلايو، جڳ سڄو روشن ٿيو.

جنهن تي ٿيو ”قُرآن“ نازل، ”ٿيه روزا ۽ نَماز“،
قُرب مان ڪلمون پڙهايو، جڳ سڄو روشن ٿيو.

خُود خدا جنهن کي پَسائي، قُدرتي ڪاريگري،
عربي عرشن تي گهرايو، جڳ سڄو روشن ٿيو.

ميزبان سان گڏ ٿي ”مَلڪنَ“، آجيان ”احمد“ جي ڪئي،
”مرحَبا محبوب آيو، جڳ سڄو روشن ٿيو“.

رهنما راڻي سان رب سپ، رازَ جون ڳالهيون ڪري،
باغ جنّت جو گُهمايو، جڳ سڄو روشن ٿيو.

”لااِلہَ“ جي لات سان، مُوذي منافق ويا مَري،
ٿي سِين جو ويو صفايو، جڳ سڄو روشن ٿيو.

ٻئي جَهان جنهن کي مليا، ٿي مِهرَ مالڪ جي ”جمال“
سِيني سيني سان لڳايو، جڳ سڄو روشن ٿيو.

”ياسين طٰه مُصطفيٰ جي آ ثنا قُرآن ۾“
وَالّيلَ ۽ ڏِس هَل اَتيٰ، تعريف آ فُرقان ۾.

جنهن جي چهري جا قَسم، خُود خاص خالق ٿو کَڻي،
واڪاڻ ڪيئن ويهي ڪريان، شمسِ الضُّحيٰ جي شان ۾.

نُوري مَلڪ جنهن کي نَمن، صدرالعُليٰ سُهڻو سَچو،
سرور سراپا سُونهَن وَر، جنهن جو نہ مَٽ آ مانَ ۾.

حُورن ڳچيءَ ۾ هار پائي، عيد آمد تي ڳئي،
محبُوب آيو مرحَبا، اعلان ٿيو ايوانَ ۾.

عرشن ڳنا فرشن مَٿي، آيو لَهي نُورالهُديٰ،
ساري خدائي خُوش ٿي پئي، مُرسل مني مهمانَ ۾.

جبرئيل لوڏي لوڏ پيو، ڪهفِ الوَريٰ جي قُرب مان،
صدقي وڃان سُهڻو پيو، روزا رکي رمضانَ ۾.

ڪنگي ڏِنل، سُرمون وِڌل، خَتنو ٿيل، ناڙو وَڌيل،
کھڙي ڪمي آهي رَهيل، سينگار جي سامانَ ۾.

چوڏس چَمن چَمڪار ٿي، مُلڪن اندر مَهڪار ٿي،
آيو نبي نِروار ٿي، چاندباڻ ٿي چوغانَ ۾.

لات و عُزيٰ لرزي ويا، ڪُل ڪوٽَ ڪِسريٰ جا ڪِريا،
پلپل پريشان ٿي پيا، عرب و عَجم ايرانَ ۾.

ويا درد لحظي ۾ لَهي، اکيون ٽريون ڀھڳڙ ڀَئي،
قِسمت سُڻي قادر ڳَئي، هرڪو پيو حيرانَ ۾.

آهي ”جمالَ“ ۽ جڳ سندو هڪ آسِرو الله تي،
رحمت سندو آ ٻِروسو ربّ العُليٰ رحمانَ ۾.

▼

نِرمل نَبي نِشانبر، نِت نامِدار آيو،
رَحمت سڀي جَهان لئہ، ٿي بي شمار آيو.

وَڻ ٽِڻ وَليون ڦُٽي پيا، مُوسم خِزان ٿي پُوري،
"ٻاڳن ٻَرئي اچڻ سان، ڀُونءَ تي بَهار آيو".

چانڊاڻ چمڪي چوڏس، اونده عَرب منجهان وَئي،
شمس و قمر کان وَڌسو، نَغزو نِکار آيو.

زَنده دَفن ڪيئون ٿي، نازڪ نِياڻيون جنهن دَمر،
اُن دَور ۾ تہ دلبر، ڏيندڙ ڄمار آيو.

نِوڙي نَمي ڪيو تنهن، سُهڻي ڄَمڻ سان سَجدو،
آدم ڳنا وَٺي ڪو، اهڙو نہ ٻار آيو.

“عيسيٰ، موسيٰ” ٻہ هتڙ هُئا، دائود دلرُبا پڻ،
“احمد” سَيِن ڪان اڳرو، نُوري نِبار آيو.

تحمل صَبر جو سائين، بُغض و حَسد ڪان آجو،
نفرت ڪيڻ دِلين مان، پيَور پيار آيو.

تبليغ حَقّ جي سان، ڏهڪائي ڏاڍ ڇَڏيئين،
هر ڪنهن چيو ٿي منهنجو، دلبر ديدار آيو.

جادوگِريءَ جو جنهن دَم، چرچو چوڌار ٿي ويو،
اُن دم اسان جو آقا، طلسم اوتار آيو.

“زڪوات”، “حَجّ”، “روزي”، نعمت “نماز” جي سان،
قُرآن جي تلاوت، “ڪلمي” پَچار آيو.

خُوشبو پَڪيزڙي ساري، وَڻ ترِڻ ڇَڏيائين واسي،
مُشڪ و عنبر، ڪٿوري، اوتڻ عَطار آيو.

“سج”، “چنڊ” شمعَ روشن، مصحف چَراغ “ڪعبو”،
ماڪيءَ جو ڇڻ ڪو “درياءَ”، لذّت جي لارَ آيو.

جلوو “جمال” جاني، جوهر اَچي ويو جنهن دَم،
بجلي بَلب ڪان بهتر، چمڪو چوڌار آيو.

▼

“سرڪار آقا جي اَچڻ سان، هَر طرف هُبڪار ٿي”.
سُرهاڻ سان سارو عَرب، پيو خُوب خُوشبودار ٿي.

صَلواة پئي پٿّرن پڙهي، پلپل پرينءَ تي پيار مان،
حُورَن هُيون چيرون ٻَڌيون، آيون نچڻ نِروار ٿي.

جُهومڻ لڳا جهنگ ۽ جَبل، بَرپٽ بَهاري ٿي وَئي،
ڪُونجون، ڪبڪ، قُمري، ڪوئل، چيهن جي پڻ چينگار ٿي.

“توريت” ۽ “انجيل” ۾، آهي ٿيل ظاهر ذڪر،
آخر زمان “قُرآن” سان، ايندو اجهو اظهار ٿي.

جنهن هڪ دفعو درشن ڪيو سو قُرب ۾ ٿي قيد ويو،
زهره، بَدر ۽ آرسي، آيو عجب اِسرار ٿي.

افضل اُتم سڀ ئي عمل، صَلواۃ سان سيڪاريا،
"زڪوات"، "روزي"، "حَجّ" ۽ "توحيد" جي تنوار ٿي.

حُورن چيو لَک لَک مُبارڪ، "آمنہ" "احمد" اَمڙ،
ڪيروُن مِليون، خُوشيون ٿيون، پيو جڳ سڄو گلزار ٿي.

مصحف ڏيئو، ڪعبو چَمن، آئينو لوح محفُوظ مُنهن،
محبوب آيو مَرحبا، مُلڪن اَندر مهڪار ٿي.

پيغام ڏَئي، ربُّ العُليٰ، عرشن تي عربي ڪوٺيو،
اچ لامَڪان تي ٿُون مِٺا، رَف رَف مَٿي هَسوار ٿي.

مهمانَ ڪي هينئن ميزبان، خُوش ٿي ڪِلي ڪيڪاريو،
جاني جُتيءَ سان اَچ هَليو، چو دير دلبر يارَ ٿي.

ٿيو نياز نِوڙت ساڻ نِرمل، هم ڪلامي هوتَ سان،
مالڪ ڏِنا تنهن بِئي جَهان، ويا واهَ جا اِقرارَ ٿي.

ڪاراتِ ويئي ڪُفر جي، بُتَ پُور پوران ٿي پيا،
ذرڙا زمين تي جي ڪِريا، سي ويا سڙي ڦُلهيار ٿي.

ساريءَ دُنيا جي سُونَهن ڪان، هُن جو "جمال" ۽ حُسن وَڏ،
سڀ هيچ حاڪم جي اڳيان، هر ڪنهن جي وَئي بس هار ٿي.

اَلسّلام اي ميرِ مجلس، مانَ وارا مهربان.
اَلسّلام اي خُوب خُوشتر، خُوب خالص خاندان.

اَلسّلام اي نيڪ سيرت، نيڪ صُورت سُخندان،
اَلسّلام اي علمِ گوهر، شانَ وارا عاليشان.

اَلسّلام اي ڪامياب و قُرب وارا قدردان،
اَلسّلام اي دين دُنيا، والي وارث دوجَهان.

تُنهنجي آمد جا اسين، ڪهڙا ڳڻي ڳڻيون بَيان،
جيئن جُڙيو هي جَڳ آ، تيئن تُنهنجا ظاهر ٿيا نِشان.

چارئي تُنهنجا چڱا، جن جان ڪَئي توتان فِدا،
تون خدا جو آهين نائب، جانِ من اي جاودان.

تو مَٿي نازل ڪَيو قُرآن آ ربُّ العُليٰ،
تون سچو، اصحابَ ۽ تُنهنجو سچو آ ڪاروان.

پَرَ سڙي جنهن جاءِ تي، جبرئيل جا ٿيا ٿي فَنا،
اُت وڃي پهتين جتي آ، عرشِ اعظم لامڪان.

جِت نہ مُوسيٰ ويو اُتي، تُنهنجي رَسائي ٿي چُڪي،
تون وڃي مهمان ٿِئين، ۽ خُود خُدا ٿيو ميزبان.

نُور جو ناياب مَنظر، شل ڏسان جيئري "جمالَ"
دل چَوي ٿي تنهنجي دَر جي، مان اَچي چانئٺ چُمان.

"ٻُڌايو ڪي مٺا مونکي، پرينءَ جي پارَ جون خبرون".
جُڙيو هي آهي جڳ جنهن لئہ، اُنهيءَ انوار جون خبرون.

ڪراچيءَ کان جِدي تائين، سفر جون ساريون ڳالهيون،
اُتان ڪانپوءِ عربيءَ جي پِليءَ بازار جون خبرون.

وَڻن، وَلين، گسن، گاهَن، جبل، جهنگلن، سيِن سنديون،
پکين پرندن پَٿر پاڻي، مَڪي مينار جون خبرون.

ڪبوتر، قُمريون، طوطا، هرڪ ۾ هنجه ڪبَڪ ڪُونجيون،
ثنائون جن ڪيون ٿي تن، شڪر گفتار جون خبرون.

رَواجن ريتين رَسمن، اُٺڻ ويهڻ، مِلڻ مُرڪڻ،
اُتي جي حاجين هِڪ هِڪ، ڪلڻ ڪيڪار جون خبرون.

حيا شرم و حجابن سان، هلن جت هيٺ ڪنڌ ڪريو،
بنيو بيت الحَرم جت آ، دِلي دربار جون خبرون.

سنگِ اَسود، صفاٴمَروه، زيارت ذوق جي جاين،
وطن جي خشڪ واديءَ ۾ گل و گُلزار جون خبرون.

عيسيٰ، مُوسيٰ، گنا اڳري، رَسُولن رهنما راڻي،
اِمام الانبياءَ اطهر، نبيءَ نروار جون خبرون.

رکي سڪ "ساڪري" ڪان مان، ڏسان شل مُلڪ مدنيءَ جو،
ٻَسي پيرو ڪريان مان ٻيي، هينئن جي هارَ جون خبرون.

"جمال" آهي جَجهو جنهن جو، حسن قائم ٿيو جڳ ۾،
ڪنن سان دل جي ويهي ٻُڌ، حسن سرڪار جون خبرون.

▼

پاڪ پاڪيزه پياريون، پيارَ جون ڳالهيون ڪريون.
دل کي وڻندڙ دلرُبا، دلدار جون ڳالهيون ڪريون.

هَل هَلُون اُن ديس تي، مُحبت نہ ماني ٿِئي جِتي،
دُوبَدو درشن ڪري، ديدارَ جون ڳالهيون ڪريون.

جنهن جي نالي کي وَنُڙ سان، مُنهن ٿِئي ٿو مُشڪبار،
خوش طَبع شيرين زَبان، گُفتارَ جون ڳالهيون ڪريون.

ساٿ سارو ٿِئي سُکن جو، ڏُور ٿي سڀ ڏُک وَڃن،
دولتِ ديدارَ سان، اِقرارَ جون ڳالهيون ڪريون.

مَٽ نہ تنهن محبُوب جا، ”مرجان موتي ۽ مڻيان“،
”ڪوهنورن“ کان ڪٿر، تنهن يارَ جون ڳالهيون ڪريون.

مَن اَندر ”مسجد منارا“ آ مدينو ۽ مَڪو،
قلب کي ”ڪعبو“ ڪري، اِسرارَ جون ڳالهيون ڪريون.

ڪر اَدب سان عجز آزي، جانبن کي ٿُون ”جمال“،
چاهَ مان چانئث چُمي، انوارَ جون ڳالهيون ڪريون.

▼

# قصيدو

داستانا پيا ٻـ ٽِيا، هي داستانو دنگ آ.
ڪربَلا ميدان جو، هِڪ هِڪ فَسانو دنگ آ.

خط لکي تن دعوتون ڏئي، دوکو دلبر سان ڪَيو،
دُشمنن جي دعوتن جو، آجيانو دنگ آ.

جِن جو آقا عرش تي، جانب جُتيءَ سان ٿي ويو،
بَند اُن جي ٿيو ٻَچن جو، آبدانو دنگ آ.

ٻاهتر ٻيلي سندس ۽ ٻئي طرف ٻارنهن هَزار،
بس فقط بيعت سندو، بيحد بَهانو دنگ آ.

جن ڏنو ڪڏهين نـ هو بَس، سِجّ چنڊ ساري ڄَمار،

ڪامي خيمان ويا سندن ۾ قيد خانو دنگ آ.

زخم هِڪڙا زورور، ٻيو اُجّ تڙپايو تَمام،
ٽيو ٻچن ٻاڪار هُئي، ظالم زمانو دنگ آ.

قُرب سان قُرباني اهڙي، ڪونَ ڪئي ڪنهن ٻي ڪڏهين،
رَبّ جي راڄو رضا تي، ٽيو روانو دنگ آ.

ڪُل قصيدا ڪيترا، آيا لکي شاعر اَديب،
هي شهيدي شانَ تي، سادو ترانو دنگ آ.

حُر ڪِري قدمن ۾ پيو، بس جوش جذبي سان "جمال"،
جيڪو جُرئت ۾ جسارت ۾ يگانو دنگ آ.

▼

# قصيدو

اي نَبيءَ جا نِت نواسا، ناز پَرور يا حُسين.
آهين تون اُمّت سندو آڌار انور يا حُسين.

تُنهنجو شاهي شانُ اعليٰ، شاهِ مردان شير دل،
تُون اِمام الاولياءَ، اڳواڻ افسر يا حُسين.

نيمچا، نيزا گهڻا، تلوار، توبُون تيز تر،
جسم مان ٽيا پار تُنهنجي تيرَ تيور يا حُسين.

هو سِسيءَ ڪان ڏار ڌڙ ۾ تُنهنجو سر نيزي لَڳل،
مُرڪندي تو جام پيتو، هوت هَر هَر يا حُسين.

شعر تُنهنجي شانَ جا ٿا، عرش تي اڄ ڳائجن،
ٿي وَسي رحمت خُدا جي، توتي اڪثر يا حُسين.

تُنهنجي اصغر،تنهنجي اڪبر،تنهنجي قاسم کي ڪُهي،
سر ڪَٽي سختيون ڏنيون، ميدان اندر يا حُسين.

تنهنجي ڇا تعريف ڪريان، دادِلا سرورِ سندا،
تون "سراپا" سُونهَن وَر، سُهڻو سراسر يا حُسين.

گُلبدن، گُلفام، گوهر، گهوريان گُلشن گُلاب،
تو مَٿان گُل گهوريان، سڀ مُشڪ و عنبر يا حُسين.

عرش وارا پيا عجب ۾، هاريون حُورن هنجُون،
ٿي ڏنو پڻ خُود خُدا، هي سارو منظر يا حُسين.

جام جَنّت جو پيارج، جابَجا مُونکي "جمال"،
ڏينهن محشر ڏِڄ پِري، تُون آبِ ڪوثر يا حُسين.

# قصيدو

ڪربلا جي ڪوس جو آ، درد ڀريو داستان.
دُشمنن دوکو ڪري، قيدي ڪيو ڪُل ڪاروان.

گُرز گز، تيزي تِکا، سَل سَل ڪري سينو ويا،
آب بدران ائين ڪندا، هي غم نہ هو ڪنهن کي گمان.

ننڍڙڪا نينگر نِماڻا، ناز پرور نازنين،
سر ڏئي ٿيا سَرخُرو، جيرو جگر ۽ جسم جان.

خُوش ٿيو ڪِلنداسي خُوشتر، مُحب آيا مُرڪندي،
دلبرن جو دين خاطر، ختم ٿي ويو خاندان.

آمسامهُون ويرين سان، وڙهندا ويجهو ويا،
نيمچا نيزا هَٽي، نِت نِت ڪيا نازڪ نِشان.

پهلوانن پِڙ ۾ پهچي، دشت ۾ دهشت ڪئي،
شينهَن وانگر شيرِ يزدان، جوڌي بيٺا جَنگ جَوان.

رِڻ سڄو رت چاڙ تي وِيو، هُئا لَهُوءَ سان لال لِڱَ،
ڪنڌ ڪِري ويا ڪيترا، چو ظُلم هي ٿيو آ زِيان.

مير مانجهي مورَ ماري، ڪيسَ تِن ڪيڏا ڪيا،
هُئا نہ هرگز سي هَٽڻ جا، نينگرا ۽ نوجَوان.

حادثي جو هُل هَلي ويو، هاءِ گهوڙا وَئي مَچي،
عرش وارا پيا عَجب ۾، قُطب ڳتيون ڪهڪشان.

عشق ۾ هُئي عاشقن جي، آزمائش آخري،
اِمتحانِ عشق ۾ ٿيا، ڪامياب و ڪامِران.

فِڪر ۾ پيا فرشتا ۽ هاريون حُورن هَنجُون،
ري رُوئڻ ڏاران رهيو، هُوندو نہ اُن دم آسِمان.

سئو دفعا هو سجّ کان وَڌ، تِن جو جوهر ۽ "جمال"،
ڪوفين کي ڪهڙي طاقت، اَصل هي هو اِمتحان.

▼

# قصيدو

ڪربَلا ميدان ۾، ڪُونڌر ڪُسي ويا ڪيترا.
ڏار ٽي پيا ڏڙ سِسيءَ ڪان، سر لهي ويا ڪيترا.

پي هُنن هُت ڪير پيتا، اُڃّ هِت ماريا اِمامَ،
سُورَ سختيون سَوَ سِتمَ، سرور سهي ويا ڪيترا.

دلبرن جي دشت ۾، دُشمنن ڏِسي دهشت پَکا،
ڏوُر ڪان ڏسندي ڏڪي، لشڪر ٿهي ويا ڪيترا.

فاطمه زهره سندا، سي جان جيري جا ٽُڪر،
رُوحَ ۾ راڻا اُهي، رهبر رَهي ويا ڪيترا.

زهرڪن جي زندگي، ڪن ڪي شهادت ٿي نصيب،
قُرب جا ڪُل قافِلا، ڪنهن پر ڪهي ويا ڪيترا.

عمر ساري ڪر بَيان، ٻڌائي نه تون سگهندين "جمال"،
شعر شاهن شانَ تي، شاعر چئي ويا ڪيترا.

# غزل

سنڌ جو هيرو سچو سرڪار آ عبداللطيف.
روشنيءَ جو چمڪندڙ مينار آ عبداللطيف.

لعل، نيلم بي بَها، مرجان، موتي بي مثال،
موتين جي مالِها جي، لارَ آ عبداللطيف.

سُونهَن وَر سُهڻو سراسر، هر هنيين جو هار آ،
سنڌين ۾ سنڌ جو سينگار آ عبداللطيف.

عالِمِ علمِ حَقيقت، ڪان اُنهيءَ واقف ڪيو
عاشقِ صادق سچو سردار آ عبداللطيف.

بيت آهن نِت نَصيحت ۽ عبادت ۾ شِمار،
دين جي بس درس جي، دربار آ عبداللطيف.

جهنگ جهر ۾ گيت گوُنجن، لفظ لالڻ لال جا،
بحربَر ۾ برهه جي، بازار آ عبداللطيف.

بِرهه جو هي بحر، بي پايانِ آهي موجزن،
درد جو دريا رَوان، ڏڏڪار آ عبداللطيف.

ڪٿ سَسئي ٿيو پاڻ پُنهل، مينڌرو مُومل ٿِئي،
مارئيءَ جي مُلڪ لئہ، تند تار آ عبداللطيف.

سنڌي، بروو، سامُونڊي، سارنگ، سُهڻي ۽ سورٺ،
راڻو، رِپ، معزوري ۽ ميهار آ عبداللطيف.

ڪاهوڙي، ڪاپائتي، ڪيڏارو، ڪارايل، ڪنڀات،
۽ يمن ڪلياڻ، ديسي، ڏار آ عبداللطيف.

ڪوهياري، ڪاموڏ ۽ ڪلياڻ، پرڀاتي، ڏَهر،
ٿَڙ تماچي، پاڻ نوري نار آ عبداللطيف.

رامڪلي، آسا، حُسيني، آبري ۽ سُر تمام،
گهاتُو ليليٰ، بس پُورب جي پار آ عبداللطيف.

همنَوا هر ڪنهن سندو وحدانيت جي ويس ۾،
نينَهن ۾ ٿيو نَراهو نروار آ عبداللطيف.

پايو جَٽيا جوڳين سان، هم سفر هنگلاج ۾،
هر هندو مُسلم سندو بس يار آ عبداللطيف.

زاهد ۽ عابد بہ هو، عامل بہ هو ڪامل بہ هو،
هي حقيقي دوست جو، ديدار آ عبداللطيف.

درد مندن جو دِلاسو، آسرو اَپرن سندو،
بيوسن جو پرجَهلو، آڌار آ عبداللطيف.

سُورَ وارن جو سنياسي، آهي هي حاذق حَڪيم
فيض وارو ويج ۽ وينجهار آ عبداللطيف.

واجبِ آ احترام و قابلِ عِزّت تَمام،
معرفت جي مُلڪ جو، اِسرار آ عبداللطيف.

سُخنوَر گوهر فَشان جو چا لِکان حُسن و "جمال"،
چند جملن ۾ لِکيم، اَشعار آ عبداللطيف.

سنڌ جو آ پيشوا، هي لال لاڪيٽو لطيف.
فخرِ عالم ايشيا، هي لال لاڪيٽو لطيف.

سنڌ ساري هند ۽ عرب و عجم ايران ڇا؟
ٿي مڃي پُوري دُنيا، هي لال لاڪيٽو لطيف.

تُنهنجو هِڪ هِڪ لفظ ڄڻ، اِلهام آهي عرش تان،
رهبرن جو رهنما، هي لال لاڪيٽو لطيف.

سالِڪن جي لاءِ تُحفو خاص ڇئو الله جو،
بي بَها ياقوت آ، هي لال لاڪيٽو لطيف.

ٿو رُنل روحن کي راڻو راز سان راضي ڪري،
درد وارن جي دوا، هي لال لاڪيڻو لطيف.

جِت نہ جنهنجو واسطو اُت پاڻ ٿو پهچي وَڃي،
عرش تي جلوي نُما، هي لال لاڪيڻو لطيف.

واسطو جنهن جو اُتم، انسانيت سان آ گهڻو،
آهي هر ڪنهن همنَوا، هي لال لاڪيڻو لطيف.

ڪوہ اک ميري ڪٽي ٿو، سنڌ مُنهنجيءَ ڏانهن ڏسي،
ٿو ڪري تنهن کي فَنا، هي لال لاڪيڻو لطيف.

محوِ مستيءَ ۾ ڪيائين، راڳ ٻُڌندي انتقال،
عشق جي هُئي اِنتها، هي لال لاڪيڻو لطيف.

جنهن بہ ڪئي تُنهنجي ثَنا، سو خُوب خُوش هوندو "جمال"،
خُوش خُدا جنهن کان سدا، هي لال لاڪيڻو لطيف.

▼

سَئو سَلامن جا هُجن، اي توتي لاثاني لَطيف.
سنڌڙيءَ ۾ شاعرن جو، آهين تون باني لَطيف.

بيت تنهُنجا جڻ تہ آهن، ترجمون قُرآن جو،
سنڌ وارن تي آ تُنهنجي، خاص احساني لَطيف.

تو شَريعت ۽ طَريقت، جا ٻُڌايا سَڀ اُصول،
۽ پَکيڙيا سنڌ ۾ سڀ، رازَ روحاني لَطيف.

عرش جو ۽ فرش جو، آ تو ڪيو سارو بَيان،
سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪئي، اِظهار ايماني لَطيف.

شاهَ توکي شاعريءَ ۾، ٿي دنيا ساري مَڃي،
هِن سڄوريءَ سنڌ ۾، تُنهنجو نہ آ ثاني لَطيف.

ٿُنهنجون تجنيسون، ڪِنايا، اِستعارا سڀ عَجيب،
رَمز آ ٿُنهنجي نِرالي، جوش جولاني لَطيف.

تو ڪئي آ ترجُماني، سنڌ ۽ سنڌين سندي،
آهين ساريءَ سنڌ جو سرتاج سيلاني لَطيف.

مامَ مخفيءَ سان ڀَريل، ٿُنهنجو رسالو آ سَچو
ٿي لڳي پُوريءَ دُنيا کي، تنهن تي حيراني لَطيف.

صُوفياڻي ٿي طَريقي، ساڻ تو تبليغ ڪئي،
جوش جذبو تو رکيو ٿي، اُنس انساني لَطيف.

ٿي مِلي ٿُنهنجي ثنا سان، روح کي راحت "جمال"،
هڪ رُڳو توتي نہ مان، دُنيا ٿي ديواني لَطيف.

لاڙَ جا اي لاڏِلا، "احمد ملاح" توکي سَلام،
مانُ ٿيو تُنهنجو مَٿاهُون، آ مَلاحن ۾ مُدام.

مولوي ٻيا ڀي هُئا، پَر مَرتبو تُنهنجو مَٿي،
ٻي رِيا تُون هُئين بَهادر، قيمتي تُنهنجو ڪَلام.

لفظ هِڪڙو لَکَ بَرابَر، خُوبصورت خُوش نُما،
هِڪڙي سِٽ ٻئيءَ کان سوائي، آ اُتم اَعليٰ تَمام.

عقل حيرت ۾ پَوي ٿو، تُنهنجي ڏاهپَ کي ڏسي،
هند سنڌ ۾ هاڪ هر هنڌ، مُعتبر تُنهنجو مَقام.

تو ڏِنو "ميرن" ۽ "پيرن" کي سَدا کُهرو جَواب،
تنهن ڪري تُنهنجا ٿي دُشمن، پيا سپيئي خاص عام.

تُون سَچيءَ "توحيد" تي، هردم هُئين ثابت قَدم،
حَقّ سچ جي تو طُفيلِ، آندو "مُلحد" جو اَنجام.

سنڌ جو "سعدي" ۽ "حافظ" ۽ "عُمر خَيّامُ" تُون،
اڳيَرو "اقبال" کان، "غالب" ٿيو تُنهنجو غُلام.

عِلم، اَهليت، عقل جا، تو وٽ خَزانا ڪوڙ هُئا،
تُنهنجو ته دل ساڻ ڪن ٿا، عِشق وارا اَحترام.

تُون "پِنائيءَ"، ساڻ پيچي، تُنهنجو "سامي" آ "سچل"،
رازدان "رومي" سندو، آهين "عنايَت" جو پَيام.

تُنهنجون "تجنيسون"، "ڪِنايا"، "اِستعارا" لاَجواب،
صِف اوَل ۾ ليکجين ٿو، شاعرن جو تُون اِمام.

تو ڪيو "منظُوم" سارو، ترجُمون "قُرآن" جو،
سَرس "افلاطون" کان هُئي، عقل تُنهنجي جي اڏام.

شَل هُجن تُنهنجي "قَبر" تي، رحمُتون رَب پاڪ جُون،
"جَنّتُ الفردوس" ماڻين، جيڪو تُنهنجو آ اِنعام.

"سُخنوَر" تو جهڙو جَڳ ۾، جابَجا ناهي "جمال"،
"تاقيامت" تائين تُنهنجو، رهندو روشن نيڪنام.

انسان جي ڪردار تي، انسانيت نالان آ.
اِنسانَ جنهن ۾ اُنس ناهي، سو تہ بس حيوان آ.

پاڻيءَ منجهان پيدا ٿِئين، باھہ هوا ۽ خاڪ مان،
واڪاڻ ڪر واحد سندي،جنهن جو نہ مَٽ ڪو شانُ آ.

اڄ عيش ۽ عشرت مَٿي، پيو دَور دُنيا جو هَلي،
هِن حرص ۾ دنيا جي پٺجي، نفس ٿيو نادان آ.

ويا وير سڀ وارو وَڃائي، هستي هُئي جن جي هِتي،
"دارا" ڪِٿي ۽ ڪٿ "سڪندر"، "قيصر و خاقان" آ.

پرهيزگاري ڪر پَسند، تَن مَن بَنائي ٿُون هين ٿُون،
بس رات ڏينهن پيو ڪر ثنا، جيڪو سچو سُبحان آ.

گُلشن بہ ٿُون ۽ گُل بہ ٿُون، غنچُو بہ ٿُون، بُلبُل بہ ٿُون،
هستي وَڏي حاڪم بہ ٿُون، فائق سندو فرمان آ.

حُسن و "جمال" ۽ عقل سَڀ، اِنسان کي حاصل ٿِيا،
الله جو اِنسان تي، ڪيڏو وڏو احسان آ.

خاڪ ڪائي خانَ وَئي، ڪٿ ”قيصر و خاقان“ آ.
شهنشاهي هڪ خُدا جي، ٻيو مِٽيءَ مهمان آ.

ويا تَونگر ٿي تَوائي، ڪٿ سڪندر“ سوچ ٿُون،
ويو هَليو ”دارا“ دنيا مان، ڪونَ اج ”سلطان“ آ.

هاڪ هُئي جن جي هَميشہ، حُڪم هر ڪنهن تي هَليو،
ويا سَڙي هڏڙا بہ تن جا، ڪين ڪٿ نيشان آ.

ڪونَ ٿي ٻُڏجي وَري، ”قارون“ ۽ ”شداد“ جي،
غرق ٿي ”فرعون“ ويو ”نمرود“ ڪٿ ”هامان“ آ.

“راڻيون”، “راجا” ڪِتني ۽ جام ڪٽ جاني ڪِتي،
جو نٿو عبرت وَٺي، بس سو نِپٽ نادان آ.

چيز ڪهڙي آ بَشر، جو هامَ ٿو هردم هَڻي،
ٿيو گندي قطري مان پيدا، ڏس ته ڇا انسان آ.

هوڏ هستيءَ سان ڇوين ٿو، مان ئي سڀ ڪجه آهِيان،
اهڙي دعويٰ جنهن به ڪئي، تنهن جو وطن ويران آ.

ڇڏ تَڪبُّر ۽ وڏائي، سوچ تون ڪُجه هوش ڪر،
ڏس! تَڪبُّر جنهن ڪيو، ٿيو جنّ مان شيطان آ.

هڪ ئي حاڪم آ دنيا جو، خاص خلقيندڙ “جمالَ”،
پاڪ هستيءَ اُن سندو، بس مَٽِ نه ڪوئي شانُ آ.

جي وارث هُئا اُهي اڄ ٿيا، ويچارا سنڌ ڌرتيءَ جا.
ڏٽي ٿيا ڌاريان آيل، اُڌارا سنڌ ڌرتيءَ جا.

مغل، ارغُون، ترُخانن ۽ انگريزن اُجاڙيو ٿي،
وڃائي تنَ ڇڏيا، وارن تي وارا سنڌ ڌرتيءَ جا.

لُٽيرا پڻ اڄان آهن، “چنيسر”، “مير جعفر” جيئن،
ڪڏهن ڪهڙا، ڪڏهن ڪهڙا، مَتارا سنڌ ڌرتيءَ جا.

پڪا پُختا وچن وعدا، دليريءَ ۾ ته چڙهه دودا،
“هُجن سُکيا منا ماڻهو پيارا سنڌ ڌرتيءَ جا.

نَمڪ کائي وطن هن جو دغائون پوءِ ڇو هِن سان،
دغا ايڏي نه رک دل ۾، مڪارا سنڌ ڌرتيءَ جا.

هُجن مهراڻ جون موجُون، لهي شل قحط ڪُل ڪارو،
ٿين سرسبز ٻنيون شل ۽ ٻارا سنڌ ڌرتيءَ جا.

پٽائيءَ جي ته هِن ڀُونءَ تي، ڪرم آهي ڪو قُدرت جو،
“جمالَ” آهن ڏٽي ڏِس ٿُون، سُونهارا سنڌ ڌرتيءَ جا.

“وقت پنهنجو وهڪرو ڏِس، تيز ڏاريندو وَجي”.
چند ڏينهن ڏک سُک ڏئي، سڀ ڪُجه سيکاريندو وَجي.

دردَ ڏُک ۽ غَمَ فِڪرَ ڏئي، رنجَ رَسائي ٿو رُڳا،
چاهتن کي چَٽ ڪري، بس ڏک ڏيکاريندو وَجي.

چٽ ڪريو ڪنهن جو چمن، موسم بنا آٽي خِزان،
رنگ بُوءِ رونق ڦٽايو پَنَ ٻُهاريندو وَجي.

چيريو چچريو پَچو ۽ جُهوڙ ڪريو جهوريو
سيڪيو، ساڙيو، سُڪايو، ماس ڳاريندو وَجي.

ڪِن جي دل ڦاڙيو ڦَٽاڦَٽ، لُوڙ ٻُرڪي اُن مَٿان،
سَل ڪري سينو سَڄو، سڀ سُور ساريندو وَڃي.

ڪن نياڻن کي نپوڙي، سُورَ ڏي ٿو سڀ ڄمار،
بس ڪِنين جا جوش جهوري، هوش هاريندو وَڃي.

هو پلنگ تي پيرجن جو، پَل نہ تن پٽ تي رَکيو،
تن نفيسن نازڪن جا، ڏيلَ ڏاريندو وَڃي.

محل ماڙيون، بادشاهيون، عيش عشرت سڀ ڏئي،
تخت تان لاهيو وَري، رهزن رُوئاريندو وَڃي.

ڏوهہ ناهي ڪوبہ ڪنهن جو ٿا عَمل آڏو اَچن،
جو لِکيو تقدير ۾، اُن لئہ نهاريندو وَڃي.

ڪنهن جي قسمت جو سِتارو، ٿو وڃي اُلهي جَڏهن،
اَيٽ تاري کي اُپاري، سمنڊ سمهاريندو وَڃي.

رتّ جا رشتا ٽُٽي ويا، ڪير ڪنهن جو ڪونَ آ،
نفرتون پيدا ٿيون، هرڪو وساريندو وَڃي.

نازنين، دلنشين، مه جبينَن کي مگر،
چار ڏينهڙا چاهہ ڏيئي، پو ڌڪاريندو وَڃي.

ويا گهڻا وارو وڄائي، ڏرتيءَ هن تي دمبَدمِ،
هٿ ڪڍي هر ڪنهن منجهان، ٻرَ ۾ ٻيهاريندو وَڃي.

ناهي هُن کي ڪاڻ ڪنهن جي، سيڪو هُن جو زيردست،
واسطا ويجها رکيو ٻس واڳ واريندو وَڃي.

دوستيءَ ۽ دُشمنيءَ سان، ناهي هُن جو واسطو
چرخ جيئن ڦيرا ڏئي، پلپل پُڪاريندو وَڃي.

ٿو مُقدّر کي بہ بدلائي ڇڏي، جهٽ پٽ ”جمالَ“،
ڪن کي خُوشيون خُوب ڏئي، اندر اُجاريندو وَڃي.

▼

مسئلو ڪل مُلڪ جو، اڄ آمرانو ٿي ويو.
خُون ريزي ۽ خرابي، بس بهانو ٿي ويو.

مال ڪائي مُلڪ جو، ويري وَڪوڙي ويا وَطن،
تن جي پاليسيءَ سان اڄ، ظالم زمانو ٿي ويو.

ڪٿ “بلوچن” جي مَٿان، ٿا بم وسائين بي گُناهہ
مدرسو باجوڙ جو، ناحق نشانو ٿي ويو.

جن پناهہ ورتي هتي هُئي، سي ئي ويري وَطن جا،
دَور ماضيءَ جو انهن لئہ، اڄ فسانو ٿي ويو.

صاف سنڌي ڪر اسان سان، “تيري ميري” ڪرنہ ٿُون،
سنڌ جو ڪائي نَمڪ، اڄ بي زبانو ٿي ويو.

ڪيترا ڏينهن تُنهنجو رهندو، هوڏ هستي حُڪم هي،
ظلم جنهن پِي آ ڪيو، رُوئندي روانو ٿي ويو.

ڪو عدل انصاف ناهي، مُلڪ مُنهنجي ۾ “جمالَ”
قوم جي جڙ هي کُهڻ جو، ڪارخانو ٿي ويو.

“عشق پهچائي چڙهيوسين، عرش چوٽان چوٽَ تي”.
نينهَن نِسنگ چاڙهي چَڙهيو، اڙٻنگ اَڙانگي اوٽَ تي.

مُحب هو مُرڪي چَيو، هِت بيه اچان ٿو مان مِٺا،
بُندڙ ٿي مان بيه رهيس، محبُوب جي اُن موٽَ تي.

رنگ دُنيا جا گهڻا، پرعشق سَيني کان اُتم،
ڪونَ ڪنهن جو ضابطو ٿيو، عشق هِن اَڻموٽَ تي،

قُرب ڪنهن پر ڪونَ ڪنهن جي، قلب ۾ قابو ٿِئي،
نيٺ پڌرو آهي ٿيڻو، پرت جي پالوٽَ تي.

مِٺ مهانگي آهي اُلفت ۽ عجب اُن جو اُصول،
هيءَ وڻڻ جي چيز ناهي، نِت نِسورو نوٽَ تي.

نار وانگر ٿو ڦيرائي، عشق هر انسان کي،
ٿو گهڻا گهيرا ڪري، گهيري بيهن جيئن گهوٽَ تي.

حُسن هٿرادا گهڻا، تعريف جوڳو هي “جمال”،
مان بہ ڪي ڏينهن ٿي سُتس، ڪن جانبن جي جوٽَ تي.

”نَوان ڪي نغما وطن ۾ ڇيڙي، رڳن ڪي پنهنجي رباب ڪريون“.
طَلب ۽ تن جون تندُون مِلائي، حسين سُرهم رِڪاب ڪريون.

سچو جي ساٿي اگر تون آهين، پڪو جي پيوند پرين ٿو پائين،
صنم سڄڻ جي سُرن تي پنهنجي، اُنهن جو خانو خراب ڪريون.

اَصل ڪان عاشق اوهان تي آهيان، مِنا مان توسان مِلڻ ٿو چاهيان،
جڏهن مان تُنهنجو،منا تون منهُنجو،پرين ڇوڀوءِ حجاب ڪريون.

لَبن تي لالي، اکين ۾ سُرمون، هَلي پيو هٿ جو حُسن هي هاٿي،
ڪجل ۽ لاليءَ سوا به سُهڻو، اسين تڏهن پيا جناب ڪريون.

وچن ۽ وعدا ڪياسين ويهي، اُنهن تان هرگز ڪڏهن نه هَٽبو،
قُرب ۾ ليکو ڪبو نه آهي، نٿا هَٽڻ جو حساب ڪريون.

خِزان ختم ٿي بهار بَنيو، لڳايون بٺي هڪ گُلن جو گُلشن،
سَين گُلن مان چمن ۾ چُونڊي، فصل فقط ٿا گلاب ڪريون.

لِکڻ نظم پيو حُسن تي تُنهنجي، ڪمال هي سڀ ”جمالَ“ جو آ،
هُجي حُسن شل هَميشه تُنهنجو، لڳائي دل لاجواب ڪريون.

هي چڪر جنهن آ هَلايو، دل اهو ڏي تون جَواب.
"ڪنهن بنايو مست مونکي، عشق هو يا اِنقلاب".

لفظ هي هڪڙو ئي آهي، يا لکڻ ۾ ڏارَ ڏارَ،
ساڳيو مفهوم معنيٰ يا بَنيل ٻيو آهي باب.

اک ڏسي ٿي عقل سوچو، فيصلو دل تي ڇَڏي،
تنهنڪري توکان پُڇان پيو، ڪنهن ڏنو هي آ عَذاب.

سِجّ ڪي جيئن سڀ ستارا. چوطرف ڦرندا وَتن،
حُڪم تيئن تنهنجو هَلي ٿو، عُضوي هر تي هَم رِڪاب.

مان پُڇڻ توکان ٿو چاهيان، سڀ سَبب ڦاسِڻ سندام،
ايترو مون ڪي ٻُڌا تون، ڏوهه ڪيائين يا ثواب.

جيئن چڙهي "درياءَ" لهي ٿو تيئن اٿئي دل جو مِثال،
"سنڌو"، "ستلج"، "راوي"، "جهلم" يا چوان تنهن ڪي "چناب".

ماس “بروي” هو ڏنو ۾ سر وَڏي راءِ ڏِياچَ،
ڪيئن پَچن ڪامن، پتنگ ٿا، نينهَن ۾ نازڪ نَواب.

ڇَٿَ ڪري پَٿَ تي پيا، بي تاج بَنيا بادشاهَ،
بس جَهلي جنهن کي بہ ٿو اُن ڪان وٺي پُورو حِساب.

“عين” مقصد تي پڳا جي، ”شانُ“ وڏيو “قُرب” جو،
جملي اِن ۾ عشق ڏس تون، ڪيئن اَچي ويو لاجَواب.

تون ئي ڪعبو پاڻ آهين، تُون ئي قاضي قلب جو،
فيصلو هي توتي آهي، ڪين ڪج ڪنهن جو حِجاب.

ٿو ڏيان درخواست توکي، قُرب جي ڪورٽ اندر،
ڏئي سَمن انکي گُهرائي، فيصلو ڪر فيضياب.

مَس مُحبّت جي بنائي، ٿاهي لِک تون ڪاغذات،
پيش پو ڪر تون قصو، هي قُرب جو کولي ڪتاب.

عشق اُونهو آ اِلاهي، پيڙهہ آ تنهنجي پَڪي،
سوچي سمجهي هٿ لڳائج، جَجّ صاحب اي جَناب.

ڏي سزا يا ڪر بري بَس، تُنهنجي وس ۾ آ “جمال”،
ڪر نبيرو نينَهن جو ناڪام کي ڪر ڪامياب.

▼

عاشقن ڪي عشق ۾، ملندا ئي بس آهن عَذاب.
حسن والے دل دکھا کر، وہ سمجھتے ہیں ثواب۔

بي قدر، بي رحم ۽ بي درد آهن دلرُبا،
چھوڑدو بس دوستو، اب اور یہ دینگے عِتاب۔

انتظاري، بيقراري، عاشقن ڪي ٿي نصيب،
درد و غم کے زخم سہ کر، ہوگیا ہے دل کباب۔

چشم پُرنم آه ! بَرلَب، چاڪ دامن ٿي چُڪا،
کتنے دل کو دے گئے، وہ درد دُکھ یہ اضطراب۔

ناز وارن جي نرالي، آهي بس عادت عَجيب،
مُنہ دکھا کر پھر چھپانہ، یہ تو اُنکا ہے حجاب۔

عشق مخفي ڪونَ ڪنهن جي، مَن ۾ رهندو آ مگر،
شیر دڑبا میں نہیں بس، چھپکے سکتا ہے جَناب۔

ڪن ڪي حاصل حسرتون، ۽ ڪن جي هنجه ۾ گُل هزار،
اس سے بڑھ کر اے صنم، کیا اور ہوگا اِنقلاب۔

هر گهڙي هردم سدائين، شال پيو جرڪي "جمال"،
تاقیامت تک رہے، یہ خوبتر حسن و شباب۔

وئي بهاري موڪلائي، ٿي خزان توڪان سوا.
اڄ اڪيلو يار جاني، ٿو رهان توڪان سوا.

دل منجهاري ۾ مري ٿي، اي مٺا محبوب سُڻ،
ڪٽ وڃي مان حال هي، اڄ اوريان توڪان سوا.

گُنهگارن جي ڪتابن، ۾ لکيو نالو وتان،
پيش دلبر مان وڃي، ڪنهن کي پوان توڪان سوا.

روز راهُون تُنهنجون تڪيان، نت نهاريو نِڪريو،
غرق غم ۾ يار اڄ، مان آهيان توڪان سوا.

ڪنهن طرف مان ڪين آهيان، سوز ساڙي سُورَ جو،
دل نہ آهي ۽ نہ دلبر، درميان توڪان سوا.

مَئي ڪِٿي، محفل ڪِٿي، ميڪش ڪِٿي، ساقي ڪِٿي،
خُون دل جو حوضِ دل مان، ٿو پيان توکان سوا.

راز جو تقرير ۾، مون ٿي لِڪايو عام کان،
چئي چُڪس تحرير ۾، سو رازدان توکان سوا.

ڪين ٿي مقبول مُنهنجي، اِلتجا ڇا جي ڪري،
منهنجي دل جو آهي اُجڙيل، آشيان توکان سوا.

شاد ۽ آباد شل، تُنهنجو رَهي حُسن و "جمال"،
خُوش هُجين جت ٻي هُجين، ٻيو ڇا چوان توکان سوا.

"رات هن خاموش ڪي، نغمن سان گونجايو وَري"،
نينهَن جا نعرا هَڻي، جذبن کي جاڳايو وَري.

تو ڏني ڦيري ڦَڻي، اُن وقت وِئين مونکي وَٽي،
تُنهنجي نِت نازن ڪٽي، هن دل کي ڦاسايو وَري.

وئي لڳي توسان تہ لنئون، نينهَن بہ هو نازڪ نَئون،
تو تہ پائي پيچ پرتَئون، گُلبدن گهايو وَري.

تُون هُئين جنهن دم ننڊو، بس قُرب هُئين مونسان ڪندو،
عرض سُڻ عاشق سندو، مون ايئن نَڻي پانيو وَري.

راز ڏئي راڻو رُنو، محبُوب مِصريءَ کان مِٺو،
قُرب ۾ جنهن آ ڪنو، سو ياد اڄ آيو وَري.

ڏي نہ جاني تون جفا، اڄ ڪر وري مونسان وفا،
درد جو هي دلرُبا، دفتر نہ کولايو وَري.

خاص خلوت ۾ گهرائي، مامَ مخفيءَ سان "جمالَ"،
گُل گلي ۾ تنهن وِڏا، ٻيو پيچڙو پايو وَري.

▼

مَچائي محفل پرين پيارا، چَتون بہ پيا ڪن چمن جون ڳالهيون.
حَسين هر هڪ گلاب گُلشن، سڄي چمن جي گُلن جون ڳالهيون.

مِلڻ ۾ مُرڪڻ، کِلڻ منجهاران، پيو مان سمجهان صنم سدائين،
رهي ٿي تَن ۾ طلب تِنين جي، تڏهن پيا ڪن چندن جون ڳالهيون.

سڄي چمن جي، حَسين رونق حَسين صُورت، حَسين خُوشبوءِ،
گُلاب ڇا پر گُلن جي غُنچن، پَتن ۾ تِن جي پَنن جون ڳالهيون.

اسان جي عادت وفا ڪرڻ آ، وفا اصَل ڪان ڪندا اَچون پيا،
وفا جو اهڙو اَثر ٿيو جو، ڇڏي ڏنيون تِن ٻين جون ڳالهيون.

چَتُون پيا چوري چورين چپڙا، چتائي چنڊ کي ڏسن پيا چوڏس،
خُوشي ۾ خُوش ٿي ملهائي عيدون، گلي مليو ڪن خوشين جون ڳالهيون.

”جمال“ جِت ڪِٿ موجود آهي، خدا جي خلقيل چيزن ۾ ڏس!،
حُسن خدا جي آهي تہ نعمت، تڏهن ڪريون پيا حُسن جون ڳالهيون.

وفا جي گُل ڪي وفا چمن جو، وفا جو والي وفا مون سمجهو.
وفا جي وادي، وفا سان پيريل، وفا ڪي باغِ بقا مون سمجهو.

وفا جا وعدا، وفا جون ڳالهيون، وفا جي خُوشبوءِ، وفا جون خُوشيون،
وفا ۾ رازو رضا جو رکيل، مزو وڏو جابجا مون سمجهو.

وفا جي موسم، وفا جو ويلو، وفا جي ساعت، وفا گهڙيءَ ۾،
وفا جون نظرون، وفا جون مُرڪون، وفا سچائي سخا مون سمجهو.

وفا جي جُهڙڦُڙ، وفا جو مينُهن، وفا جا بادل، وفا جون بوندون،
وَسي جڏهن پيي جِتي پون ٿا، اُتي وڏائي مزا مون سمجهو.

وفا جو واءُ، وفا جون وصلون، وفا جي حالت، وفا جو ميلو،
وفا جون سوچون، وفا ڪرڻ سان، وفا جو پُتلو عطا مون سمجهو.

وفا جي وڻ ۾ وفا جي ٽارين، وفا جي پَن گُل، وفا جي غُنچن،
وفا جي پاڙن پَتن جي اَندر، وفا ڪي رب جي رضا مون سمجهو.

وفا جون لاهيون، وفا جون چاڙهيون، وفا جون واٽون، وفا جي منزل،
وفا جو مقصد "جمالَ" سوچي، وفا ڪي دل جي دوا مون سمجهو.

▼

مون زهر کي بہ پيتو، آبِ حيات سَمجهي.
خوش ٿي سو واپرايم، پنهنجي نجات سَمجهي.

نينَهن جا نَشا لڳي ويا، ڪنهن جي رَهي نہ مُونکي،
قُربن ڀَري مون هُن جي، هڪ ڀي نہ بات سَمجهي.

تاريڪ دَور ۾ مون، جو وقت هو گُذاريو،
هررات رات آهي، ڏينهن کي بہ رات سَمجهي.

مخفي هو اسم اُن جو، ظاهر ضمير لفظي،
حرفن کي ٿي مِلايم، ذات وصفات سَمجهي.

ظاهر جي ذوق کي مون، باطن سان ڪين ڀيٽيو،
مُون لوهه کي ٿي چاهيو، رُڪ جو رَوات سَمجهي.

باهي، مٽي، هَوا ۽، پاڻيءَ سندا اي پُتلا،
ايڏي نہ ڪر وڏائي، اُوچي ڪا ذات سَمجهي.

سڀ ڪُجه عمل تي آهي، محنت جو ڦَل مِلي ٿو،
ڪنهن وٽ نہ پيش پَئو تون، ذات ونيات سَمجهي.

خوش ٿي پَسايو پرين، جَلوو "جمالَ" کي آ،
بهتر ڀَلي ٿو ڀانئيان، اهڙي بَرات سَمجهي.

▼

چٽا چمڪات ٿيا چوڏس، سُٺن سهڻن سِتارن جا.
عَطارد، مُشتري، زهره، قمر ڪٽين ۽ تارن جا.

مُلاقي مُحب ٿيا مِنٿا، اُجايل هو اَندر جن لَئہ،
مُحبّت جا مَتا ميلا، لٿا ڏينَهن انتظارن جا.

گُلن ڪان وَڏ صنم سُهڻا، ڪريو جانب گُهمن جوڙيون،
هٿن ۾ هٿ ڏئي هَردم، وجهن پيوند پيارن جا.

عجائب آهي رونق ٿي، گُلابي گُل ۽ غُنچن جي،
مزا ٿيا مُلڪ ساري منجه، چمن ۾ گُل عَذارن جا.

شُڪر الحمد ساوڪ سان، حُسن هُبڪار ٿي ويئي،
اچي اُهڃاڻ ظاهر ٿيا، سُکن جي سڀ سَهارن جا.

سَبز پوشاڪ سُهڻيءَ سان، وڏي وئي سُونَهن ڌرتيءَ جي،
وَلين وَڻ تِڻ چِڏيا ويڙهي، نمونا ٿيا نظارن جا.

وَٽي ٿي هيرَ هينئڙي کي، هوا ۾ تازگي آئي،
“خِزان جو کيل ٿيو پُورو، سَبب بَنيا بَهارن جا”.

“جمالَ” آهن اَندر ۾ جي، اُميدون شل ٿين پُوريون،
ڏسن اکڙيون ٿين درشن، مديني جي مُنارن جا.

ويا وَڪوڙي وهم دل کي، بُت بيگانو ٿي ويو.
درد دُک سورن سندو، اڄ آستانو ٿي ويو.

بي رحم بي درد دُنيا، ڪون ڪو احساس آ،
نفرتون پيدا ٿيون، ظالم زمانو ٿي ويو.

ڪاله جن ٿي قُرب وندبيو، عشق جي هُئي اِنتها،
عشق آخر سوئي ساڳيو، اڄ فَسانو ٿي ويو.

بند مان بُلبُل وئي نِڪري، قيد جُون ڪامون پَجي،
قيد ڪاٽڻ جو مَٿس، هي تِنڪ طعنو ٿي ويو.

غم فڪر رنج و اَلم ۽ خَسته حالي ٿي چُڪي،
"هي جهان مون لاءِ هڪڙو قيد خانو ٿي ويو".

جهڙي تهڙي هيءَ حياتي، جڳ ۾ جالڻ پَئي "جمالَ"،
ڏار جي مونکي ڪيائين، خُود يگانو ٿي ويو.

“عجب آهي توڪان پنهنجا، ڪيل انجامَ وِسري ويا”.
وچن وعدا هزارين هُئا، جڃها ڪيئن جامَ وِسري ويا.

رڳو لالڻ لنوائين پيو، اسانکي آزمائين پيو،
بهانا لک بنائين پيو، دلين جا دامَ وِسري ويا.

صنم ايئن چو سڪائين ٿو، ڀلا ايئن چو ڀُلائين ٿو،
مٺا چو مُنهن مَٽائين ٿو، نِشانبر نامَ وِسري ويا.

سَوين لِکيا سَنيها تو، خطن تي خط خُلاصا تو،
ڏنا تي نِت نياپا تو، پرين پيغامَ وِسري ويا.

مَچان ٿو ٿُنهنجي مُحبت کي، سَچيءَ اُن ٿُنهنجي صحبت کي،
عجب اُن تُنهنجي اُلفت کي، صُبح ۽ شام وِسري ويا.

جتي راتيون رهياسين ٿي، مُحبّت سان مِلياسين ٿي،
گَلِين جن ۾ گُهمياسين ٿي، گهٽيون ۽ گامَ وِسري ويا.

“جمال” آهي سدا ٿُنهنجو، سَوا تُنهنجي نہ ٻيو مُنهنجو،
انهيءَ کي ڪر پرين پنهنجو لِڪل سڀ مامَ وِسري ويا.

مان نہ هڪڙو پر هزارين، تو مَٿي مستانَ ٿِيا.
ٿُنهنجي اُلفت ۾ رُڳو ارمانَ تي ارمانَ ٿِيا.

مون نہ تومان ايئن ٿي ڀانيو، دردَ ڏيندين دلرُبا،
درد دردن تي وڌي، ارمان عاليشان ٿِيا.

ڦُرب تو مونسان ڪري، آ ڦُرب ۾ مونکي ڪُنو،
ٿُنهنجي روسامي سان سُهڻا، سوز جا سامانَ ٿِيا.

تو ڇَڏيو آ مُحب ماري، موت ڇا ايندو ٻيو،
ڇا مئل ماڻهوءَ سندا، دنيا ۾ ڪي درمانَ ٿِيا.

ٿو ڪرين حملن تي حَملا، فوج پنبڻن جي وَٺي،
ٿُنهنجي نيڻن جي نظر جا، اڄ نوان نِيشانَ ٿِيا.

ڪاله ڪهڙا ڦُرب هُئا، اڄ مُنهن مِنا موڙيو ڇَڏين،
بي رُخي ٿُنهنجي رَوش تي، جيءَ ۾ جولانَ ٿِيا.

دل ڏئي مون درد وَرتو، آهي نِوڙت نياز سان،
"مون مَٿي محبُوب جا، ڪي اڻَميا احسانَ ٿِيا".

ڪو پتو پهرين نہ پيو، تون ٿو اچين جاني "جمالَ"،
ٿُنهنجي آمد جا اسان وَٽ، اوچتو اعلانَ ٿِيا.

”پَل اکيون پنهنجون پيارا، مُحب ماري ٽيون وِجهن“.
سَل ڪري سينو سڄو، ڍهڪائي ڏاري ٽيون وِجهن.

ڇهتِيو ڇيلاٽيون ڄَڻ، چَڪ هَڻن ٽيون چَڪَ مَٿان،
زهر زخمن ۾ پِري، بس باهي ٻاري ٽيون وِجهن.

”نرگسي“ نازڪ نِماڻيون، بي رَحم ”باداميون“،
اک چِنڀيو اک چِنڀ ۾، اَبرُو اُلاري ٽيون وِجهن.

ڪَر ڪٽيو ڦِريو وَريو، ۽ ڏڪ هَٽيو ڏونڌاڙيو،
نيش سان نيشانَ ڪريو، رت رُوئاري ٽيون وِجهن.

گُهورَ سان گهائي گهٽن کي، وارَ ويريءَ جيئن ڪَري،
خستيون خُوني ”ڪپر“ سي، خُوب ڪاري ٽيون وِجهن.

آهي نيڻن جي نِرالي، عُشوه اندازي عَجب،
ڦِهڙ کي پُرزا ڪري، سنگ چُور ساري ٽيون وِجهن.

حُسن جي جَلوي سان جَهٽ پَٽ، ڪَئين جَلايا ٽَن ”جمالَ“،
فوج پنبڻن جي وَٺي، بَرَ ۾ بيهاري ٽيون وِجهن.

مرحَبا صد مرحَبا، ذي شانُ اختر زنده باد.
صد مُبارڪ مرحَبا، محبوب مهتر زنده باد.

تاجوَر اهلِ قَلم، صاحب صَدارت جانَشينِ،
شمع روشن عقل جا، اهلِ اڪابر زنده باد.

آبرُو عزّت ۾ اَفضل، شانُ شو وَر شهنشاهَ،
ماهرِ علم واَدب جا، نِت نشانبر زنده باد.

ميرِ مجلس مرحبا، آيا مُدبّر مهربان،
تربيت تعليم جا، اي سُونهَن سراسر زنده باد.

قيصر و خاقان ڪان وَڌ، اي مرتَبي عالي جَناب،
قائدِاعليٰ علم جا، ءِ اُجاگر زنده باد.

مخزَنِ تعليم تَر، اِخلاق جا اُمراءَ اَميرَ،
سوچوَر ميرِ علم، بلڪل برابر زنده باد.

شالَ پيو چمڪي سَدائين، تُنهنجو جوهر ءِ "جمال"،
گوهرِ ناياب پارس، پيش پيوَر زنده باد.

مُفت ۾ مونکان مڙيئي، آهي مارن مُنهن مَٿيو.
قُرب وارن ڪيترن، پنهنجن پيارن مُنهن مَٿيو.

ڪاله جن مُونسان ڪنيا ٿي، قُرب ۾ ڪيڏا قَسم،
اج اُنهن ئي ساڳين، سانگين سنگهارن مُنهن مَٿيو.

مائٽن مُنهن ڦير ڪئي آ، مونکي ڏک ۾ اج ڏِسي،
سئوٽ، ماساتن ۽ مامن، بي ميارن مُنهن مَٿيو.

جن وٽن جي چانوَ ۾ ٿي، قلب کي پُهتو قَرار،
وڻ اُهي وسنديون ويون، بيوس بهارن مُنهن مَٿيو.

هُئا وَلر ويهندا وَهين جا، چارين تي مَڪ مَٿي،
سي وري واپس نہ وريا، آ ويچارن مُنهن مَٿيو.

ڪا پِٽن جي پَر نہ آهي، لَئي نہ لاٽون ٿو ڏِسان،
ڪونَ ٿا پيرُون پَسون، اَن جي انبارن مُنهن مَٿيو.

مورَ ڊيلون، قُمريون، طوطا تنوارڻ ويا ڇَڏي،
ڪُوڪَ ڪوئل جي نہ آهي، ڪانگ ڪارن مُنهن مَٿيو.

اوچتو آئي خِزان ڪا، وَڻ وَليون ويڙهي وَئي،
ڪون ٿي ڪٽيجي ڪُڇي، نازڪ نظارن مُنهن مَٿيو.

محبتون ڪيڏيون هُيون، هي ڪُلفتون آيون ڪِٿان،
نفرتون پيدا ٿيڻ سان، دَرَ ديوارن مُنهن مَٿيو.

ڏُکَ ڏَمرَ ۾ ڏيہ ڇَڏيوسين، ڪم اِهي قسمت ڪيا،
سار ناهي ڪنهن لڌي ڪا، اِنتظارن مُنهن مَٿيو.

وَئي عُمر اڌڙات گُذري، ناهي پيري ڪا پَري،
آجيان ڪئي مون اَچن جي، وارَ ڪارن مُنهن مَٿيو.

سيڪو آ سيري جو ساٿي، ڪو ڪِريل جو ڪونَ آ،
آهي اَيرن جو خُدا، سانوڻ سيارن مُنهن مَٿيو.

مائٽيءَ ڪان پيي مَٿي آ، مال مِلڪيت ٿي ”جمالَ“،
آهي دولت جي نَشي ۾، مال وارن مُنهن مَٿيو.

هنج هُونگاري هَليا ويا، ڪانگ ڪارا ٿا ڏِسون.
محبتون وييون هَليون، دلبر دغارا ٿا ڏِسون.

ڪاريُون ڪُنديون قَطاريو، ٿي جِتي چالُون چُنيون،
اڄ اُتي مجبور ماڻهو، مالَ وارا ٿا ڏِسون.

مُرڪ هُئي جن جي ته مُنهن تي، ڪِل خُوشي ڪيڏي نه هُئي،
ڪُلفتون ڪاوڙ ڪَٽر، ۽ غم غبارا ٿا ڏِسون.

اَنب، ڄاريون، ۽ ڄمُون، ناهي نِمن ۾ ڪا نَمي،
دم ڏمايا ديوِين، ٽانگر نه ٽارا ٿا ڏِسون.

ٿي ٽڏا پاٽي مِنا، هر هنڌ جِت حاصل ٿِيا،
اڄ اُتي واري وَسي پئي، ڪوهَ ڪارا ٿا ڏِسون.

ڪير، ڪچڙيون ڪوڙ هُئا، ويا ڏڙ ڏنارن سان ڳني،
باغ ٿي بيدي ويا، مُشڪل گُذارا ٿا ڏِسون.

پُر سُڪون ماحول ناهي، مُلڪ مُنهنجي جو "جمالَ"،
موڪلائي وئي مُحبّت، قلب ڪارا ٿا ڏِسون.

مرحَبا آيا ڀَلي، محبُوب ليڊر مرحَبا.
تُنهنجي آمد سان ٿي پيا، مرغُوب منظر مرحَبا.

هر قدم تي گُل ڇَڻي، ورڪا ڪٽوريءَ جي ڪريان،
ڇيه مان ڇڻڪاريان، اڄ مُشڪ عنبر مرحَبا.

موتيو مُگرو مان توتان، گهوريان گُلشن گُلاب،
ءِ ڪريان قُربان ڳُل، هيرا جواهر مرحَبا.

اَيڻُ تارو جيئن ٻہ اُڀريو، پيو سمنڊ آهي سُمهي،
ويو ڇَڏي دهشت درياهہ ٿيو سُست ساگر مرحَبا.

ٿي اڳي اڳواڻَ هَر هڪ، ساٿ سَيِرن ڪي ڏِنو،
هاڻ پارت ٿو ڪريان، هيٺن جي هَر هَر مرحَبا.

خيرخواه پنهنجن کان پَلپل، پيا اوهين وٺجو خَبر،
ايئن ڪرڻ هي ٿِئي ٿو واجب، توتي آخر مرحَبا.

جن پُلاهه پَڪوان ڪائي، پاڙ پنهنجن جي پَٽي،
تن ڪي اک ۾ آهي رکڻو، هاڻ هَر هَر مرحَبا.

راز جيڪو ٿي لِڪايم، پنهنجي دل جو عامَ ڪان،
نيٺ ظاهر پيو ڪرڻ، جذبات جوهر مرحَبا.

دل جي اَندر جو هي ٻاهر، عڪس آندو آ "جمالَ"،
شعر ۾ شاعر ڪيو آ، ذوق ظاهر مرحَبا.

▼

غمن جا بار ويا گهٽجي، لٿا پردا غَدارن جا.
جَهڪا جوهر ٿيا جهٽ پٽ، مُنافق تن مڪارن جا.

ڪري وحشت وَهايو جن، آهي بس خُون اِنساني،
مُصيبت تن تي ٿئي نازل، هينئان ڦاٽن هچارن جا.

“ڪراچي” سنڌ جي دل آ، اَمن جو شهر چئبو هو،
اُنهيءَ ئي شهر ۾ اڄڪله، لهن ٿا سر هزارن جا.

مُحبّت موڪلائي وئي، وڌي ويو ٻج نفرت جو،
رَتن کي ويا لڳي چيرا، ٽُٽا رشتا پيارن جا.

سُڪل وَڻ ٿي پيا ساوا، اهائي خُوش تہ خبري آ،
“خِزان جو ڪيل ٿيو پُورو، سبب بنيا بهارن جا”.

“جمال” آهي دُعا گهرندڙ، رکي سجدي ۾ سر پنهنجو،
امن لئہ التجا آهي، لهن غم ڏُک ڏکارن جا.

هُل نہ هُوندئي حُسن جو، ٽيندئي پُڄاڻي پيارَ جي.
ڪا طَلب توکي نہ رهندي، هارَ ۽ سينگار جي.

ڪوبہ چاهيندو نہ توکي، هر طرف هُوندئي ڌڪار،
ياد اُت ايندئي اسين، ويندئي لڳي ويچار جي.

ناز نخرا ۽ ادائن، مان پٽو هينئن ٿو پَوي،
ڪيفيت چڙ مون ڏِني، ڪا برھ جي بيمار جي.

حُسن وارو تون نہ هِڪڙو، توکان وڌ آهن پيا،
ٿي سياڻو سوچ تون، ڇڏ نازوَر ناڪار جي.

اسم يڪسان آهي پنهنجو، جسم جو آ فرق ٿِيو،
ڇڏ جُدا جاني رَهڻ، تون هاڻ ڪر هاڪار جي.

آزمائي پل ڀين ڪي، آ ڇڱو تولئہ "جمال"،
توکي پارت آ پيارا، پنهنجي هن پينار جي.

“مَن مَٽئي موهي وِڌو، بس هٿ ڪيو مُون هارَ ڪي”.
هارَ ڪي هٿ ۾ ڪٽي، پئجي وِيس ويچار ڪي.

مان هُيس هُوشيار پَر، ڪونرو ڪُپت ويئي ڪري،
ڪونَ سمجهي مان سَگهيس، ڪونروءَ جي ڪوڙيءَ ڪار ڪي.

داسَڙو ويو دل هَٽائي، ڪانڌ سان ڪاري ٿِيس،
قُرب ڪوهيارل جو ساريو، ٿي سڪان سينگار ڪي.

وَرَ وِڇوڙيو هو جَڏهن، جڇ هَڙ ڪري هَٿ مان پيم،
رات ڏينهن روئي رڙي، پئي ياد ڪريان يارَ ڪي.

جنهن ڪيو ٿي پيار پلپل، سو پرين پرچي نَٿو،
سالَ سِڪ ۾ ويا لنگهي، تنهن دوست جي ديدار ڪي.

مهر ڪر مونتي مِنا، جاني پَسائي ٿُون “جمال”،
غلطيون مونڪان ٿيون جي، بخش ڪر بدڪار ڪي.

ٿيا وهم و گُمان دل ۾، تہ ڇو جاني جُدا آهي.
ڪِلي مونسان رُسين ٿو تون، عجب تنهنجي اَدا آهي.

ڪري سينگار تو سُهڻا، ورايا وار ٿي پنهنجا،
ڪسي دل يار وئين تنهن دَم، غضب تنهنجي غَذا آهي.

نڪو آ ننڊ نيڻن ۾، ويو آرام اکڙين مان،
سجڻ ايڏو ستائين ٿو، اجان هيءَ ابتدا آهي.

پلي ڏس آزمائي تون، زماني جي تہ ماڻهن کي،
دنيا آ لوڀ لالچ جي، نہ ڪنهن ۾ ڪا وفا آهي.

وفا جنهن سان ڪئي مُون ٿي، اُهو پڻ بيوفا نِڪتو،
اڪيلو جي ٿيس آئون، مگر هُو پيي تنها آهي.

ڏِسان پيو ٿو زماني ۾، جفا هر ڪنهن ۾ جاري آ،
ناهي سُورن سندو ساٿي، ٿيو هرڪو خفا آهي.

"جمالَ" آخر جُدائيءَ جو، وڏو اَرمانَ آ توتي،
اسان جي ماٺ آ دلبر، اوهان کي سڀ رَوا آهي.

مُحبّت وئي تڏهن ڪُلفت، ڪٽر آهي اجان تائين.
”قيامت کان زمانو، بي خبر آهي اجان تائين“.

شُروع هي سِلسلو، ”هابيلَ“ ۽ ”قابيلَ“ کان ٿيو آ،
اُنهيءَ ڏينهن کان ئي قائم ٿي، قبر آهي اجان تائين.

جڏهن پنهنجا پراوا ٿيا، تڏهن غيرن لُٽيو هر دم،
کَسي پئسو ۽ پاڻي ويا، حَشر آهي اجان تائين.

”ڪلاشنڪوف“ جا ڪڙڪا، ناهي احساس انساني،
”ڪراچي“ شهر ۾ ٿيو، ڪوس گهر آهي اجان تائين.

وَڪوڙي ويرين وَرتو، سمُوريءَ سنڌ ڌرتيءَ کي،
ڦبائي هَڙ ويا پو پيي، چَڪر آهي اجان تائين.

”جمال“ آهي دُعا گُهرندڙ، خُدا کان خير جي خاطر،
ڪرم جو جڙ اسان تي ڪو، ڪڪر آهي اجان تائين.

اَلائي ڇو ٿيو پيدا، اَندر ۾ اِنتشار آهي،
نڪو سُک چين آ حاصل، نہ دل کي ڪو قرار آهي.

وسارڻ ساڻ اڄ تُنهنجي، وَڏي ويو غَم غُبار آهي،
اڃان شايد چَڙهيل توتي، خُوشامد جو خُمار آهي.

رڳو رنگين وعدن تي، ٽُٽي ويو اعتبار آهي،
مگر مُنهنجي ئي نالي سان، ايندو انڪي بُخار آهي.

اسان جو خير آهي پر، مُناسب هيئڻ نہ هو توکي،
اها مُنهنجي هَميشہ لئہ، رَهيل توتي ميار آهي.

بَهاريءَ جي هِن موسم ۾، نہ آيو ڇو بَهار آهي،
پَراون کي ڇڏي ڏي تون، نہ پنهنجن ۾ پيار آهي.

ڪرين ٿو هوڏ تون جنهن تي، اُها هستي هَلي ويندئي،
صبحُ سان ئي پُڪاريوسين، اسان پَروردگار آهي.

"جمالَ" آهي اڃان توکي، سُڃاڻپ ڪونَ ڪا ڪنهن جي،
قَدر قيمت ڪندو ڪهڙي، هُو جاتيءَ جو لوهار آهي.

▼

هوش هُن جو اُڏاري ڇَڏيو مُون.
"هر تَمنّا کي ماري ڇَڏيو مُون.

سُڪل ڪانيون تو سَيِڪو جَلائي،
ساوَن جهنگن کي ٻاري ڇَڏيو مُون.

ماري ماري مَچايو مُون هُن کي،
ڇيري ڇچري، ٻُهاري ڇَڏيو مُون.

بغض، ڪينو، حسد جن ڪيو ٿي،
حوصلو تن جو هاري ڇَڏيو مُون.

عشق اُلفت جو دُشمن ٿيو جيڪو،
تنهن کي دُنيا کان، ڪاري ڇَڏيو مُون.

رات ڏينهن جنهن، رُوئاريو ٿي مُونکي،
نيٺ انکي، رُوئاري ڇَڏيو مُون.

درد دل ۾ نہ باقي رهيو آ،
بيوفا کي وساري ڇَڏيو مُون.

جنهن بہ محفل ۾، مُحبّت ملي ٿي،
انکي دل ۾، ويهاري ڇَڏيو مُون.

حُسن جَلوو، "جمالَ" کي ٿيو حاصل،
بخت پنهنجو سنواري ڇَڏيو مُون.

▼

هَلي چوبول پئي چُرپُر، اسان جي “ساڪري” هن ۾.
ڏينهون ڏينهن حال آ اَبتر، اسان جي “ساڪري” هن ۾.

ٽُٽي ويا روڊ ۽ رَستا، صفائي ناهي ڪا سائين،
گهٽين ۾ آ گٽر گَهر گَهر، اسان جي “ساڪري” هن ۾.

چَڙهي وَئي چيز هر هَڪ آ، اَڌو اڌ اگهه مَٿي آهي،
نہ آفيسر ڪو آيو نَر، اسان جي “ساڪري” هن ۾.

وَڏا واپاري سڀ واٽيا، وڏائي چيز اڄ وينا،
پُراڻي جن جي آهي پَر، اسان جي “ساڪري” هن ۾.

رَوينيو جا ڪلارڪ پُڻ، رکن “ڊي سيءَ” جو پاوَر ٽا،
سپاهيءَ ڪنهن ۾ ناهي سُر، اسان جي “ساڪري” هن ۾.

موالي مست مستيءَ ۾، نہ سُڌريا واپڊا وارا،
رَوش تن جي نہ ٿي بهتر، اسان جي “ساڪري” هن ۾.

جُوئا، چوري، ۽ گُهٽڪي تي، ٿيو ڪو ضابطو ناهي،
ڪپي ٿو ظالمن ڪي زَر، اسان جي “ساڪري” هن ۾.

مَزوري ناهي ماڻهن لئہ، رُڳو آ بُک ۽ بيماري،
نِتو ڏي هاڻ ڪو اوڏر، اسان جي "ساڪري" هن ۾.

ٻَجت آئي ڪپي ويئي، جيالن جيب ويا ڀَرجي،
جُوئاري هُئا جي، جُوڪا تر، اسان جي "ساڪري" هن ۾.

هتي پيا ماستر صاحب، مَزا ماڻين ميڊيا جا،
ڪي اخبارن جا ايڊيٽر، اسان جي "ساڪري" هن ۾.

وچن وعدا ڪيا جن هئا، ملڻ آ تن جو مُشڪل ٿيو،
لپن ٿا ڪين سي ليڊر، اسان جي "ساڪري" هن ۾.

هِتي جو يار صوبيدار، گهريءَ ننڊ ۾ آهي،
تپايو آهي چورن ٿَر، اسان جي "ساڪري" هن ۾.

ڪروڙين جن ڪمايا هُئا، نَڳيءَ جا ناهي ٻِل ڪوڙا،
ڪري عُمرو آيا هينئر، اسان جي "ساڪري" هن ۾.

اجان تائين غريبن ڪي، ملي ڪوڏي بہ ڪا ناهي،
رڳو دعوي پيا ڪن دلبر، اسان جي "ساڪري" هن ۾.

"جمالَ" آهي بنايو هي، غزل غمگين ٿي غم ۾،
ڪرم پنهنجو ڪو قادر ڪر، اسان جي "ساڪري" هن ۾.

هر گهڙي پلپل پَون ٿا، پُور تنهنجا ٻئي طَرح.
ڪونَ ٿا مَن تان لَهن، مذڪُور تنهنجا ٻئي طَرح.

مُونکي گُهورن آهي گهايو، هاءِ گهوڙا چا ڪريان،
ظاهري ناهِن زخم، پر سُور تنهنجا ٻئي طَرح.

تنهُنجي نيڻن جي نَشن، مدهوش مونکي آ ڪيو،
ري پيئڻ جي ٿي پيا، مخمُور تنهنجا ٻئي طَرح.

تُنهنجو مُرڪڻ"، ۽ "مِلڻ"، ٻيو خُوب خُوش ٿي خُود "کِلڻ"،
"ساريءَ" دُنيا ڪان سَچڻ، دستُور تنهنجا ٻئي طَرح.

ڪونَ آ ٻئي جي ضَرورت، تون رکِو راضي رَهين،
سڀ حُڪم مون ٿي ڪيا، منظور تنهنجا ٻئي طَرح.

"مارئيءَ"، "سَسئيءَ"، ۽ "سُهڻيءَ"، نِيازَ "نُوريءَ" جي ڪَري،
ٿِيا "تماچيءَ" جيئن هُئا، مجبُور تنهنجا ٻئي طَرح.

حُسن تنهنجي جا هَزارين، معتقد آهن مُريدَ،
مون جهڙا مسڪين ٿيا، مزدَور تنهنجا ٻئي طَرح.

سالَ سِڪندي ٿيا گهٽائي، تُنهنجي جَلوي لئہ "جمالَ"،
پر ملڻ لئہ ٿيا مِنا، منشُور تنهنجا ٻئي طَرح.

پاڻ "سَسئي" ۽ "پنهل" تي، پيارَ جون ڳالهيون ڪَريُون.
دوست دلبر تان فِدا ٿي، يارَ جون ڳالهيون ڪَريُون.

قُرب بس اهڙو ڪَريون، جو مات "مجني" کي اَچي،
عشق "سُهڻيءَ" جو رَکي، ميهارَ جون ڳالهيون ڪَريُون.

پروَسو چا زندگيءَ تي، ڪر نہ ڪاوڙ اَچ قَريب،
محبتي ميلا ڪَري، منٺارَ جون ڳالهيون ڪَريُون.

رَس رقيبن سان رکي ٿُون، راز رهزن کي نہ ڏي،
ڪيئن ٻَيلا دُشمن اڳيان، غمخوارَ جون ڳالهيون ڪَريُون.

پاڻ "جَنّت" جي نُما، هڪ جوڙيون پنهنجو جَهانِ،
هارَ ٻانهُن جا وِجهي، گُلزار جون ڳالهيون ڪريُون.

قُرب جي ڪشتي وجي، پُهتي آ "ساحل" جي قَريب،
ڪيئن ڪِنارن جي سَوا، هُن پارَ جون ڳالهيون ڪريُون.

"جوهري" اهڙو ڏِسون، جو "دل ڪي دل" سان ڏي "ڳنڍي"،
جيءَ ڪي جيءَ سان جَڙي، جنسارَ جون ڳالهيون ڪريُون.

"مَئي" پياري مُحب مونکي، مست "محفل" ۾ ڪيو،
اِن ڪان وَڌ ٻي ڇا خُوشي، مَئيخوارَ جون ڳالهيون ڪريُون.

"ڏينهن"، "هفتا"، ۽ "مَهينا"، "سال"، "صَديون" ويا مَٽي،
"هَمنشينو وقت جي رَفتارَ جون ڳالهيون ڪريُون".

دِل ڏِيڻ ۽ دل وَٺڻ، سودو نہ سولو آ "جمالَ"،
حُسن جي هَٽ تي هَلي، واپارَ جون ڳالهيون ڪريُون.

▼

مُخالف لئہ تِکي تلوار آهيان، هئس ۽ رهندس.
ڪندو ويريءَ مٿي مان وار آهيان، هئس ۽ رهندس.

اَميرن سان نہ پئي پنهنجي، خُوشامد مان نہ ڪه چاٽون،
غريبن جو يقيناً يار آهيان، هئس ۽ رهندس.

پَلنگ ۽ پوش پوشاڪُون، نہ موٽرڪار آ مون وَٽ،
غريب آهيان غريبي ٻار آهيان، هئس ۽ رهندس.

ڪئي اڳرائي ڪا ناهي، پرائي توڙي پنهنجي سان،
وِڙهڻ کان پو بِنه بيڪار آهيان، هئس ۽ رهندس.

سڄڻ لئہ صاف سينو آ، مُخالف جو نہ آهيان مان،
سچي ساٿيءَ سندو غمخوار آهيان، هئس ۽ رهندس.

تَصوّر ئي تَصوّر ۾، دٻايان دُشمنن کي ٿو،
تڏهن دُشمن جي دل تي بار آهيان، هئس ۽ رهندس.

پَرائي ٻوڙ "ٻڪرن" جي، نہ ڳوليان ٿو مان ڳوٺن ۾،
نہ مانيءَ جي پُنيان ٿيو خُوار آهيان، هئس ۽ رهندس.

"جمالَ" آهيان اَصل کان ئي، ثناگر پنهنجي سُهڻي جو،
لِکندو عِشق ۾ اَشعار آهيان، هئس ۽ رهندس.

اَميراڻي نہ آ عادت، غريب آ هيون گهراڻي جا،
اسين مسڪين مولائي، نہ صوبيدار ٺاڻي جا.

اسان جي صاف دل آهي، ڪدُورت مان نہ ڪُجھ ڄاڻون،
اسين مشتاق آهيون ٽِيا، پرينءَ پنهنجي پُراڻي جا.

اسان جو پيار پاڪيزه، اسان جو عشق البيلو،
اسين ماڻهو مُحبّت جا، نہ آهيون نوٽ ناڻي جا.

نٿا “اقبال” کي ڄاڻون، نہ “غالب” ساڻ گهرائي،
اسين طالب “پٺائيءَ” ۽ “سچل” “ساميءَ” سياڻي جا.

ملي جنهن کان بہ عزّت ٿي، اُنهيءَ کي پنهنجو ٿا سَمجهون،
مُخالف ڪونَ آهيون ڪنهن، “ميراڻيءَ” ۽ “مُهاڻي” جا.

حَسينن ساڻ دل آهي، هِنيون هِرڪيو وجي تن ڏي،
اسين نوڪر جي آهيون تہ بہ، نظر “نرگس” نِماڻي جا.

“جمالَ” آهي جَنم وَرتو غريباڻي تہ آ گهر ۾،
اسين هيراڪ ناهيون ڪنهن، نرم هنڌ ۽ وِهاڻي جا.

“اکين جي عيد اڄ ٿيندي، صَنم مهمان ٿيڻو آ”.
پيارل جي تہ پهچڻ جو عجب احسان ٿيڻو آ.

ڪڏي ڪاوڙ اندر مان سڀ، اَچڻ وارو عجيب آهي،
اسان جي عشق اُلفت جو اِجهو اعلان ٿيڻو آ.

پرين مون وٽ جڏهن ايندو، مُحبّت جو مزو ٿيندو،
رقيبن کي رَوش اِن تي، جَجهو جولان ٿيڻو آ.

وِڇائي واٽَ تي گُلڙا، اَدب سان مان اُٿي بيهندس،
مِلڻ ۾ اُن جي مُرڪڻ تي، ڪُسي قُربان ٿيڻو آ.

خُوشيءَ ۾ خُوش ڏسي مُونکي، مَري موذي ويندا مُنڪر،
اسان لئہ عيد تي ويندي، اُنهن اَرمان ٿيڻو آ.

“جمالَ” آهي شُڪر رب جو پيارل پيو پرين پرچي،
عجيبن جي اَچڻ سان ئي، دِلي درمان ٿيڻو آ.

حال هي پنهنجو ڏِسي، ڪُجھ سوچَ ۽ ويچار ڪر.
شعر شاعر جا ٻُڌي، ڪنهن تان نہ چِڙي يارَ ڪر.

ميزبان ڪهڙي نَموني، آجيان ڪَئي آ عَجيب،
پنهنجي هن مهمانَ سان، ايڏو نہ تون تڪرار ڪر.

ڪنهن ۾ گهٽ، ڪنهن ۾ گهڻائي، عيب آهن اي اَدا،
مسخريون اهڙيون ڪري، بيحد نہ بس بيزار ڪر.

ڪونَ هُئي ڪنهن کي خَبر، هردم هَلي ٿي هِت هُتينگ،
ڇَئو ڀَلا هَليا وڃون، يا بند هيءَ گُفتار ڪر.

آهي عِزّت جنهن کي پنهنجي، تنهن کان عِزّت ٿي مِلي،
ڪين ڪنهن جي دل رنجائي، ايترو آزار ڪر.

پوڳ چرچا ڀَل ڪريو، اِخلاق جي ڪنهن حد اَندر،
پر صفا هر ڪنهن مٿان، هي هُل نہ تون هوڪارَ ڪر.

درگُذر سڀ ٿا ڪريون، جيڪا بہ ٿي جنهن کان ”جمالَ“،
نفرتون دل مان ڪڍي، اُلفت سندو اِقرار ڪر.

ارادو هو تہ ٿي پَوندس، وڏو ڪو ڊاڪٽر بَڻجي.
مگر مجبور ٿي آخر، پيس مان ماستر بَڻجي.

ارادا ڇا هُئا دل ۾، رٿون کھڙيون ٿي رٿيم پَر،
مڙيئي پيٽ پالڻ جو، پيو هي هڪ گُذر بَڻجي.

تري تصوير ٿي تنهنجي، سدائين دل جي شيشي ۾،
سِڪڻ، سارڻ، ٿيو پيدا، اِلاهي دل اَندر بَڻجي.

خُوشيءَ سان دل کَسي هُئي جنهن، اُهو محبُوب اڄ مِليو،
لڳي وئي ميخ مُحبّت جي، پياسين هڪ جگر بَڻجي.

لڳي جڻ ڪو ويو جادو، پرينءَ مُنهنجي پياري کي،
ملڻ لئہ ٿي پس پيدا، هِنيين ۾ هُل حشر بَڻجي.

هُئي جا آرزو دل ۾، اُها پرور ڪئي پُوري،
اچي بادل مٿان بينا، وسڻ لئہ جڻ ڪڪر بَڻجي.

کِلي خوش ٿي ڏيو "ڪيرُون"، مُرادون منهنجون پُوريون ٿيون،
حَسد مونتي ڪيو جنهن ٿي، اُهو ويو دربَدر بَڻجي.

"جمالَ" آئي وري واپس، بهاري دل جي گُلشن ۾،
سُکن جو ساٿ ٿيو سارو، سمورو سربَسر بَڻجي.

اي ڏاٽي تون مهر پروَر، هاڻ بارش بند ڪر.
تو سَوا ٻي ناهي واهر، هاڻ بارش بند ڪر.

“ساڪرو”، “سائين گولائي”، ۾ “ٻُهارا” ويا ٻُڏي،
دربَدر ٿيو آهي گهر گهر، هاڻ بارش بند ڪر.

“پُنبري” ۾ “پَٽ مڙهو”. ويو حال “هالانيءَ” سندو،
ڪلهي تي آ تن جي ڪوڏر، هاڻ بارش بند ڪر.

“ليٽ”، “ٽاڪاٽي”، “لڏيہ” ويو “ماڪِياري” مان مَزو،
آهي ٿيو “مُوساٽ” “منڇر”، هاڻ بارش بند ڪر.

۾ “گَلر سرڪاري”، “ڏُونبدي”، “پارڙو” پاٽي ٿيو،
جڻ لڳي پئي آهي “ڪينجهر”، هاڻ بارش بند ڪر.

“موليپوٽا”، “ماسودي”، “ڪڪڙانڊ” جو ويو ڪم لَهي،
ناهي “پانيري” ۾ ڪا پرَ، هاڻ بارش بند ڪر.

ٿيا “بُڪيراٽيءَ” ۾ بيوس، “چوبندي” چَٽ ٿي وَئي،
“وارڪيءَ” وارن مان ويو وَر، هاڻ بارش بند ڪر.

ويا هَليا “گدرا” “هنداٽيون”، “ديہ دُبو” وئي دَم چَڏي،
پيا رُوئن ظالم زوراوَر، هاڻ بارش بند ڪر.

ٻيا ٻہ پاسا ٻوڏ ۾ پَر، “ساڪرو” سارو “جمالَ”،
ڪڍ ڪَگَر ڪاڪار ٿئي، ٻئي طرف مينهن جي مِهرَ ڪر.

سدائين آسرن تي آ، گُذاري سڀ ڄمار آهي.
مگر تنهن چالبازيءَ کي، ويو سمجهي ٻار ٻار آهي.

غريبن کي ڏتا ڏيئي، ڪيو دوکو دغا تو آ،
ٺُٺي ويو "ساڪري" وارن جو، توتان اعتبار آهي.

دغا سان دل ڀَريل ٺُنهنجي، نہ آهين صاف سيني جو،
سچو ڪنهن سان نہ تون ٺيندين، اندر ٺُنهنجو انگار آهي.

اَلائي ڪيئن اسين ٺُنهنجي، چَڪر ۾ يار آياسين،
ويهارو سال کن ٺُنهنجي، وَهي وياسين وَنگار آهي.

نياڳا آيو جيئن آهين، سُکن کي ڪونَ ٿا سنڀُرون،
اوهان جي ٿي اچڻ سان هي، مِليو ڏيه کي ڏُڪار آهي.

نڪو "روٽي"، نڪو "ڪپڙو"، "اَجهي" جو آسِرو ناهي،
وڃي ڪنهن جي اهو در تي، نہ جنهن وٽ روزگارآهي.

رُوئن مسڪين پيا ماٺهو، ڪٺي هَٿ خاص "خالق" ڏي،
"صُبح و سانجهي"، "اَسر آڌي"، رڳو تن اوڇنگارآهي.

"جمالَ" آئون جيالن کي، ڏسان ٿو جُوفَ جي خاطر،
ٻَڌن هر ڪنهن اڳيان هَٿ پيا، رُوئڻ زارو قَطار آهي.

وَرهين ڪانپوءِ ويچارو، ڪٽي اچ ڪار آيو آ.
وَٽي جو ووٽَ ويو اڳ ۾، پڳل پوتارآيو آ.

اسان جنهن جا ڏنا ختمان، ڪُنيون مانيون ڪرايون سپ،
اُهو اج ساڳيو ماڻهو، وَڏي لاچار آيو آ.

ٻَڏي هَٿڙا ٻئي ٻانهُون، رکي ٽوپي پيو پيرن تي،
فقيرن ڪان وٽي ڏاڍو، پنڻ پينار آيو آ.

پُراڻن ڪي ٻه پرڪيوسين، نئون نِروار ٿيو نِڪري،
ٻُخارن مان اُٿي اج هي، ٻِنه بيمار آيو آ.

چَڙهيو تان ڪُجه چڱو آهي، ڪِريو جي ڪنڌ ڀَجي ٻَوندس،
مگر ڪُرسيءَ جي خاطر سَپ، سَهڻ آزار آيو آ.

"جمالَ" آهي سدائين سچ، حقيقت حق چيو سپ ڪي،
ڏِسي ڪردار اج هُن جو، لکي اَشعار آيو آ.

مُنهنجي هِڪ هِڪ لفظ جو، ڏي لالچي ليڊر جَواب.
بند ڪر تقرير پنهنجي، ڪوڙ ٿيو تنهنجو خِطاب.

ڪاله ڪهڙا ڪم ڪيا تو، ناهي توتي پروَسو
ڪوبہ ڪونهي دين تنهنجو، آهين ڪاسائي قصاب.

هي گٽر هي گند ڪچرو، روڊَ هي رستا ڏسو،
ڪهڙي مُنهن سان آيو آهين، اڄ اسان وٽ تون جَناب.

چار پيسا تو اسان کي، آ بنايو بيوَقوف،
ماس ماڻهن جو پچائي، تو ڪيو قيمون ڪباب.

تُنهنجي ليڊرشپ منجهان، نُقصان ٿيو آ قوم جو،
ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن تو مَٿي، بس نيٺ اَچڻو آ عَذاب.

جنگ توسان آهي جڳ جي، ڪين هڪڙو آ "جمال"،
اِن مِڪر ۾ تون مَداري، ڪونَ ٿيندين ڪامياب.

سونَ جهڙي مُنهنجي سُهڻي، آ سُونهاري سنڌڙي،
شل نہ ڏکيو ڏينهن ڏِسي، ڀاڳن ڀَلاري سنڌڙي.

تون "ڀٽائيءَ"، ۽ "سَچل"، "احمد مَلاح" جي سَرزمينَ،
آ "قلندر" تو ۾ آيو مانَ واري سنڌڙي.

تو ۾ "هوشو"، تو ۾ "دودو"، تو ۾ "دريا خان" هو،
تو ۾ ڀاڳِهلَ، مِهرراڻي، جيءَ جياري سنڌڙي.

"مارئيءَ"، "مومل" ۽ "سُهڻيءَ"، ناز "نُوريءَ" تي ڪَيا،
تو ۾ "سسئُيءَ" هُئي "پُنهل" سان، پرت پاري سنڌڙي.

مُحبتي سڀ تُنهنجا ماڻهو، سانَورا سُهڻا سُنهَن،
موجزن "مهراڻ" تو ۾، جامَ جاري سنڌڙي.

تُنهنجون پوکُون سڀ پياريون، "ڪڻڪ"، "ڪيلا" ۽ "ڪمند"،
خُوش هجن تنهنجا سدائين، "هاري ناري" سنڌڙي.

سُک سوبن تو ۾ ٿين، ڪوسو نہ توکي واءَ لڳي،
شاد ۽ آباد هُج، دلبر دُلاري سنڌڙي.

مَٺ گهرا تُنهنجا مُخالف، هيچ هَڙَ هُوندا هَميشہ،
شالَ دنيا ۾ ڳري، توکي سوپاري سنڌڙي.

تو ۾ "ڏاڙا" دوست ٿي، ڏاريان اَچي ٿا هِت هَٽن،
پو بہ چو خامُوش آهين، تون پياري سنڌڙي.

هي مِليو تحفو اسان کي، آهي "جَنّت" جي نُما،
حُسن وارن جي ڪرين ٿي، آبياري سنڌڙي.

نازَ نازڪ ڪن ٿيون ناريون، حُسن ۾ "حُورن" مِثال،
گهٽ نہ غِلمانن کان نينگر، نِت نياري سنڌڙي.

"ڳئس" هن ۾ "تيل" هن ۾، هن ۾ ٿر جو "ڪوئلو"،
ٻيا بہ ڌاتو ڪيترا، سرسبز ساري سنڌڙي.

تو ۾ پيدا ٿيو "ڀِنائي"، آ "مجيدي" ۽ "جمال"،
"منشي" ۽ "سرويچ" جي، آهين سگهاري سنڌڙي.

مِٺَ ۽ مائٽَ مون ڇَڏيا، مُنهنجا مِٺا تُنهنجي ڪَري،
مَٺ گُهرا منهنجا مُخالف، ٿي رُٺا تُنهنجي ڪَري.

رندَ ڏسان راهُون نِهاريان، رُوحَ ۾ آهين رُڳو،
منهنجي اَکڙين مان اَچانڪ، مينهَن وَٺا تُنهنجي ڪَري.

ٿي ٽَري تصوير تُنهنجي، محب مُنهنجي مَن اَندر،
مون سَنا ماڻهن جا مَهڻا، مه لقا تُنهنجي ڪَري.

تُنهنجي "مُحلي" ۽ "گِهٽيءَ" مان، دَرَ تان دَم دَم ٿو مَٿيان،
ڏينهن ۾ ڏَهه ڏهه دفعا، مون وَرَ ڏنا تُنهنجي ڪَري.

سخت سردي ۽ سِيارو، سيءَ سجڻ ساڙي ڇَڏيو،
غير پئجي ويا پُنيان، اڄ اَڻ لَکا تُنهنجي ڪَري.

هَٿ ٻَڌي تُنهنجي اڳيان، حاضر ٿِيس ٿي حُڪم تي،
تو ڇيو جيئن، تيئن ڪيو مون، دلرُبا تُنهنجي ڪَري.

هار هيرن جو تون آهين، حُسن وَر جاني "جمالَ"،
مُفت ۾ هڪڙو ڏيان، تہ بہ لَک سَوا تُنهنجي ڪَري.

صبر تحمل، سچائي ۽، سڪي ڪو سادگي مُونڪان.
نرم دل ۽ نرم لهجو، نرم ناراضگي مُونڪان.

پراوا ڪين پنهنجا ٿِيا، ڪيو پنهنجن پَري آهي،
عزيزن جي رَوش اهڙي، پُڇو بيگانگي مُونڪان.

صنم سامهُون اچي وينو، گڏي گوڏو هو غيرن سان،
پِلا برداش ٿي سَگهندي، اها شرمندگي مُونڪان.

فَقط هڪ تون ئي آهين جو رَهان ٿُنهنجي سَهاري تو،
جُدا ٿي وئين جڏهن جاني، ويئي آسودگي مُونڪان.

چَمن جو چهچٽو چَٽ ٿيو، ڪِلي خُوش ٿي خِزان آئي،
"الائي ڇو خفا آهي، بهارِ زندگي مُونڪان".

"جمال" آهي اوهان جي ٿيو حُڪم تي هر گهڙي حاضر،
بُڌائي تون تہ ٿي ڪهڙي، نِپٽ نادانگي مُونڪان.

وِجهي ڀاڪر ڀَڄي هُن ڪئي، عدم موجودگي مونکان.
ٻين سان خوش رهي ٿو پَر، آهي ناراضگي مونکان.

ڏَهيسر هو ڏسڻ ۾ پَر، جهلي داٻو نہ هو سَگهيو،
هَڪل هڪڙي ڪيم هن ڪي، ويو دُشمن ڀَڄي مونکان.

ڀَهودين جي مساڻن ۾، جڏهن مون پير هُئا پاتا،
ڪفن چيري قبر مان سي، ڀڄي ويا سڀ ڀنگي مونکان.

اُهو ڀي دَور هوندو هو، ٽِپيا ٿي مون وڏا واٽر،
اڄي پيريءَ ڏنو پاسو، ٽَٽي ٽپڄي ونگي مونکان.

هُوندئي هُئي ٽِڪ ڦَٽي هردم، سدائين يارَ ڪيسي ۾،
لڳي ڪا بد نَظر ڪنهن جي، وڃاجي وئي ڪنگي مونکان.

عجب اُٽتڙ "جَمالَ" آهي، اُداسي مَن ۾ مايُوسي،
"الائي چو خفا آهي، بهارِ زندگي مونکان".

اسان جو ڏِس تہ هي ڪهڙو ٿيو ناقص نظام آهي،
اميرن لئہ اڪيون اوچڻ، ۽ اپرو ٿيو غُلام آهي.

اُتي اڏ رات جو آئون، دُعائون ٿو گُهران دل سان،
مُخالف سڀ مَرن منهنجا، ۽ سڄڻن کي سلام آهي.

پَڙهي “ياسين” کي هَر هَر، دٻايان ٿو مان دُشمن کي،
انهيءَ جي آخري منزل، ٿي مڪليءَ جو مُقام آهي.

خُدا هڪڙو ئي “واحد” آ، ٻين جي ڇَڏ تون ٻانهپ کي،
ذِڪر ذاتي ڪري ڏس تون، عَجب اُن جو اِنعام آهي.

ڀَلا ڪهڙا نہ ڪن ٿا ڪم، پڙهي ڪلمون مسلمان ٿي،
تونگر ٿي تباهہ ويندا، جِنين کاڌو حَرام آهي.

تَڪبُّر ۽ وَڏائي ڇَڏ، گلا غيبت نہ ڪر ڪنهن جي،
ٻُڌو قرآن ۾ تو آ، انهيءَ جو ڇا انجام آهي.

نرالا دَور دنيا جا، زماني ۾ “جمالَ” آهن،
اڳي ناسمجهہ هو جيڪو، نہ ان کي ڪو لغام آهي.

(نافرمان شاگردن کي نصيحت)

خُود خُدا شايد رَسي ويو، آهي اڄ بغداد تي،
پيو يَهودي بَمَ وسائي، ناز سان ناشاد تي.

"زائفائون"، "نينگرا"، ۽ ناس ٿي ويا نوجَوان،
ڪربَلا ٻيهر ٿي پيدا، خُود خِطي آزاد تي.

"بُش، بليئر" وقت جا، "فِرعون" جڻ ٿي پيا "يزيد"،
قهر ڪو قادر ڪري، اِنساني اِن صيّاد تي.

"ناصِره"، "بصره" ۽ ٿيو "بغداد" ۾ بغداد آ،
لعنتون لَک لَک هُجن، اي ٽُنهنجي اِن اِمداد تي.

بَس "نَجف"، "ڪرڪُود"، ۽ "مُوصل" سندو منظر ڏِسي،
وارَ ويا ڪانڌارَجي، اکڙين رُنو اُن ياد تي.

يا خُدا پنهنجي پياري، مُصطفيٰ جي واسِطي،
ڪر مُصيبت ڪا تون نازل، غير جي اِتحاد تي.

قطرو هر هڪ خُون جو هي، رنگ لائيندو "جمالَ"،
منهنجا آقا رحم ڪر، ايرن جي تون اولادَ تي.

▼

(1999ع ۾ عراق تي آمريڪي حملي دَوران لکيل)

"عُمر هن ڪوٽ ٽُنهنجي ۾، گهَڙي هڪ ڪونَ گهاريندس".
ڪٽونبا ۽ ڪُنبيون ڪائي، غريبن سان گُذاريندس.

پُلاهَ پَڪوانَ تون ڪائي، ڪرين ٿو خُوب خُوشيون پَر،
پلنگ ۽ پوش تي ويهي، نہ ويڙهيچا وساريندس.

لَٽا ليڙُون ٿين مُنهنجا، پَلي پئي چيڙ چوٽيءَ ۾،
مَلي مُنهن تي عطر عنبر، نہ وارن کي مان واريندس.

نهاري رات ڏينهن راهُون، اچن ٿا اشڪ اکين مان،
پُڪاري تن پنوهارن لئہ، هنجون پئي روز هاريندس.

عمر مونکي اجازت ڏي، مِلان موٽي مان مارَن سان،
ڇَپَر ۾ چيلڙا چوڙي، وجي ڇيهن ۾ چاريندس.

عمر آهيان اباڻن جي، ويندس آخر اُنهن وٽ ئي،
وَلر ڪولي وَٿاڻن مان، ڍِبن ڍورن ۾ ڍاريندس.

"جمالَ" آهي اباڻن جي، عجب اُڻتڻ لڳي مون کي،
ڪٿيرين سان کِلي خُوش ٿي، وچي پيمانَ پاريندس.

ٻلي لوئي ٿئي ليڙون، ٽُٽل ٽُڪرا ٽُڳائيندیس،
ڪٽي سوئي سنگھارن جي، سَهيلين ڪان سُبائيندیس.

اسين مسڪين سڀ مارو، پَلنگ ۽ پوش ڇا ڄاڻون،
ٻڻن جي ٻَر ۾ آهي گھر، اُهي ويڙها وسائيندیس.

ٻچيءَ ۾ هارَ مان پائي، وِجهان ڪيئن قيمتي ڪپڙا،
نہ چوٽيءَ ڪي "چندن" لائي، "عطر"، "عنبر" مان هاريندیس.

سِتم سَختين ۽ سورن جا، ڪنديس احوال سڀ روئي،
"عُمر آزار هي ٿُنهنجا، سنگھارن ڪي سُٽائيندیس".

ٿيا ميرا اَتم ڪپڙا، پيو آ چيڙ چوٽيءَ ۾،
اباڻن ڪان اڪيلو ڪيئن، مَٿي ۾ ميٽ پائيندیس.

مُنگھا، مُڱرال، مَڪ ميڙي، پٽيون پيرُون پَلاندن ۾،
ٻُلاھ پَڪوان سڀ تنهنجا، ڪٽي وچ ڪين ڪائيندیس.

"جمالَ" آهيان اَباڻن جي، وڃان شل مان اُنهن وَٽ ئي،
مِلي مُرڪي مان مارن سان، اُتي عيدون ملهائيندیس.

عُمر ايڏي نہ ڪر ڪاوڙ ڏُکائي دل ڏنارن جي،
اِنهن داڻن ۾ دڙڪن سان، وَڏي سِڪ تي سنگهارن جي.

نہ هُوندئي هوڏ ۾ هَستي، مَري ويندئي مگر مَستي،
ٿيندئي برباد تي بَستي، پَوندئي پِٽَ پنوهارن جي.

توکي آ ناز دولت تي، مونکي غَم آهي غيرت تي،
ويهي حاڪم حڪومت تي، نہ لاهي پَت پيارن جي.

ڪِري ڪُل ڪوٽَ پَٽ پَوندئي، نَڪي هُل هاڪَ هِت هُوندئي،
وطن ويران ٿي ويندئي، هُوندئي ٻاڪارَ ٻارن جي.

"دُنيا، عُقبيٰ" ۽ "بَرزخ" ۾، هُجي دل مُنهنجي "دوزخ" ۾،
هُوندس جنهن حال ۾ رُخ ۾، ايندم اُت ياد مارن جي.

ڏِهي ويندئي مَحل ماڙيون، نہ هُوندئي تاڪ جون تاڙيون،
سَهيلين پُڻ سَڳيون ساڙيون، ٻُڏي تِن اوچنگارن جي.

"جمالَ" مُونسان تو ڪئي اهڙي، ڪندو ٻيو ڪونَ تو جهڙي،
تو ڪئي جهڙي نڪا تهڙي، ناهيان هيراڪَ هارن جي.

اُتر پاسي اَباڻن ڏي، ڇَمر ڇِتڪار تي هُوندي،
اَچا نِيرا ڏِسو بادل! وڏي وَسڪار تي هُوندي،

ڪَڪَر ڪارُون ڪري مُنهنجي، هُوندا مارن مَٿان بينل،
پَلر پاڻيءَ جي پَلٽڻ جي، گهڻي ڏڏڪار تي هُوندي،

رَچائي "رَعد" سپ رنگڙا، "ڪنوڻ" ڪيرون ڏنيون هُونديون،
هوا ڏڏڙي وَرڻ سان ڇَڻ، ڏڏي ڏڏڪار تي هُوندي،

ڦُٽي سپ ٻِج ۽ ٻُوٽا، نَرم نِروار تي نِڪري،
گسن تي گاهه اُپِرڻ سان، گُل و گُلزار تي هُوندي،

ڇڳا "ڇيها"، "مُندبيري" ۽، "مُنگها"، "مُڱرال" موري سپ،
سُني سرسبز ساوڪ سان، جَجهي جنسار تي هُوندي،

رنيي "رائُون ۾ ٻولهايون"، پِڃي پُونءَ مان آيون هُونديون،
مِٽن منهنجن تہ مارن ۾، هَڪل هُونگار تي هُوندي.

مَچائي تِن هوندي محفل، خُوشيءَ سان ڪاڄ ٻس ڪائي،
پِٽن پاسي هوندن پُونگا، پَلي بازار تي هُوندي.

ڏُکن جا ڏينهن ويا گُذري، سُکن جا ساٿ ٿيا سامهُون،
ٻهاريءَ جي اَچڻ سان بَس، ڪِلڻ ڪيڪارَ تي هُوندي.

سبز پوشاڪ جڙ پاتي، زمينِ خُشڪ هوندي خُود،
منداڻتي مينهَن سان سيڪا، ترائي تار تي هُوندي.

"جمالَ"، آئون اَباڻن جي، اُڪنڊ ۾ آس ۾ آهيان،
وطن والي ورائي شل، حُسن هُبڪارَ تي هُوندي.

▼

“عُمر مونکي نہ ڏي مهڻان، ڏٺيءَ لَڳ تون ڏنارن جا”.
اِهي الفاظ وٺ واپس، مِٽن منهنجن تون مارن جا.

ٻلر ۾ پيجَ تي ٻَلجڻ، کِجڻ خُوبي جَمڻ کان جَڻ،
نہ طعنا تون تنين جا هَڻ، ويهي گهر ۾ ولهارن جا.

نظر بس بَد نہ مونڏي ڪَڻ، نہ مَن ماڙين مٿي مٽجڻ،
لِڱن تان لوئيءَ کي لاهڻ، ناهن ڪم ننگدارن جا.

اَسان مسڪين مارن کي، ستائڻ چڏ سنگهارن کي،
دَٻائي دين دارن کي، نہ ڏيکاري تابَ تارن جا.

عُمر آجو نہ تون آهين، مٿي مارن ڳنا ناهين،
ڇَوڙ تون ڇا پيو چاهين، ڪيڏي اج عيب اَيارن جا.

اسين ٻُزدل ناهيون بلڪل، آهي ڪمزور ٽُنهنجي دل،
ايڏو مونسان نہ ڪر تون هُل، نظارا ڏسندين نارن جا.

نہ بانوَر ڪر تون دولت تي، اَڍنگي ٽُنهنجي عادت تي،
اِنهيءَ بيحد بغاوت تي، ٽيندا حملا هزارن جا.

نہ ايڏو جوش ڪر جَهٽ پَٽ، ڪندئي سارو چمن چَٽ پَٽ،
نہ ڪر مونساڻ تون وَڏ گهٽ، ٻَٽا ٻَوندئي پنوهارن جا.

سِرڻ جيئن سپ ڪري سڙڪو ڪندا ڪُل ڪوٽ تي ڪڙڪو
جَهلي سگهندين نہ تِن دڙڪو ٽيندا ڏڏڪا ديوارن جا.

"جمالَ" ايندس نہ هٿ تنهُنجي، وري ويندس وطن پنهنجي،
ستائڻ تنهنجي سان منهنجي، ٻلا ٽيا ٻاگ ٻارن جا.

▼

وسارڻ سان نٽا وسرن، مونکي پاڙا پنوهارن جا.
سدائين ساهَ سان سانڍيل، رهن ٿا ماڳ مارن جا.

ڪيو تو قيد آ قابو، بلاتي بند ۾ بلڪل،
پون ٿا پُور پلپل ۾، شريفن شانَ وارن جا.

مليرا ۽ مُنگها، ميها، ٻَبَرُ“ ٻيريون ڪُتل ڪنڀيون،
پونگا پيٽيون ڏِسان شل مان، نمازي ديندارن جا.

اُٽڻ، ويهڻ، مِلڻ، مُرڪڻ، کِلڻ، ڪائڻ، هلڻ، هَڪلڻ،
سمورا ياد سڀ آهن، نمونا ننگ دارن جا.

لنگهي ليڪا تون ويو آهين، حيا شرم و حجابن جا،
خدا جو خوف رک دل ۾، نہ سرندئي سڱ سنگھارن جا.

سِڪڻ، سارڻ، سَڏڻ، سُڏڪڻ، لُڇڻ، ڦٽڪڻ سندا آخر،
اَٿر ڄڻ ٿي اِڇھي ويندا، اندر جي اوچنگارن جا.

وَسي وڄڙين ڪيا وارا، لھي مَن تان ويا مُونجھارا،
سُريلا سُر ٻُڌم سارا، سنگھارن جي سنيارن جا.

تنوارون ڪن پيا تاڙا، ڦُٽي پيا گاھَ گولاڙا،
توکي پَرتا آھن پاڙا، سَڳوريءَ سنڌ وارن جا.

مِنيون مُرڪون، مکڻ مِصريون، گُلن کان وَڌ گُھمڻ گُجريون،
سَھيليون سَڀ ھُونديون سنيريون، پَرڻ پاٽي پيارن جا.

تَڪبّر ڇڏ تونگر تون، وڏائي گُھرجي واحد کي،
سياٽي يا پَرينءَ ھي، ساٿ سڀ ويندئي سَھارن جا.

"ڪپڙ" ۽ "تخت" جي توتي، نظر پئي نانگ نيري جي،
ٽِئين پُورو وڃان من پو، توڙي سڀ ڪوٽ ڪُفارن جا.

زَبر زوري، ڪرڻ چوري، سمورا عيب سڀ تو ۾،
"عُمر مونکي نہ ڏي مھڻان، ڏٽيءَ لڳ تون ڏنارن جا".

"جمالَ"، ايندا، وني ويندا، خوشيءَ جا ڏيج سڀ ڏيندا،
سَڄي ٽر ۾ مزا ٿيندا، سبب ٻَنيا سُڪارن جا.

مِٺن ميون ۽ ماڙين تي، نہ مارن کي مٺائيندیس.
هنيون جن سان هِري ويو آ، نہ هرگز مان هٽائيندیس.

ٻِره مان ٿيون اُٺن باهيون، تڏهن ساريان ٿي ساڏوهيون،
پِري ڏؤنرن سنديون ڏوريون، ونڊي وِرچي ورهائيندیس.

عطر، عنبر، پٽيهر پَٽ، گهڻو مارن کان پانيان گهٽ،
وِجي واپس ويڙهيچن وَٽ، خُوشيءَ جا ڳيت ڳائيندیس.

آهيون مسڪين ناهي زَر، غريب آهيون ڪي غيرت وَر،
ڏِسي چانديءَ سندا هي در، نہ پونگن کي پُلائيندیس.

چو ٿو ٻولين مونسان ٻاڙو، تنواري تيز پيو تاڙو،
پنوهارن جو پَسي پاڙو، مِٺا مارو ملهائيندیس.

هتي بنگلن ۾ بند آئون، ڇَمَر جون ڇُوٽ هُت چاڙُون،
لَهان ڪيئن مان لُڏي لائون، نہ لُوئيءَ کي لَڄائيندیس.

ڳڙولا، هَس، ڪنگڻ، ڪنڍيون، وِڙن مونکي نہ ٿيون مُنڊيون،
اِهي سڀ گَجّ ۾ گنديون، هٽي تيلي جلائيندِيس.

ايڏي زوري زبردستي، ڪري چوري ۾ چالاڪي،
اِنهن تنهنجي ارادن جي، خبر ڪولي ٻڌائيندِيس.

"ڪَرڙ ۾ ڪِڻ" توکي ڪائي، تِڪو مُونسان نہ ڳالهائي،
چِوان ٿي مان هي ٻولائي، توکي جَهٽ ئي جُهڪائيندِيس.

ڪري پَرور پسان پنهنجا، وچي مارو ڏسان منهنجا،
"عُمر آزار هي تنهنجا، سنگهارن کي سُڻائيندِيس".

"جمالَ"، آجن سان لنئون لائي، اُنهن جي وات آ وائي،
ڪنڍيون ۾ ڪيريَت ڪائي، وڃي محفل مچائيندِيس.

تنهنجا وِنگڙا، وارَ وَٽيل، هوشَ هاري ٿا وِجهن،
قَرڻ ڪڍي ڦوڪُون ڏئي، ٻوڙي ٻيجاري ٿا وِجهن.

نانگ ڪارو ٻِرَ مَٿان، جيئن وَرَ وجهي واسينگ ٿو،
تيئن وڪوڙي وَرَ تي وَر ڏئي، ونگ واري ٿا وِجهن.

نُورَ جي چشمي مان پاڻي، سَپ سڄو ڏينهن پيا پيِن،
مُنهن تي موڙي جي ڇَڏيا تو، مُحب ماري ٿا وِجهن.

زلف زوراوَر سي ظالمَ، چيله تان چوڪي ڏئي،
خُونَ خاطر خارَ مان، نِرتئون نِهاري ٿا وِجهن.

ڳَن وٺان "ڪاڪل" قطاري، سير سيني جو ڳري،
لاڏَ سان لَڙڪي لُڏي، ڏاڍين کي ڏاري ٿا وِجهن.

ڦهري "ڪاريهل" ڪنبائي، ٿا وڙهن سي وَجه وَٺي،
اوچتو اُلرون ڳري، دهشت ڏيکاري ٿا وِجهن.

چاهَ مان جنهن دم "چندن" چوٽي کي لائين ٿو "جمالَ"،
مُشڪ جهڙيءَ مهڪَ سان هنيئڙي کي ٺاري ٿا وِجهن.

▼

مرحبا آيو پيلي، اڄ يومِ پاڪستان آ،
چوڏهين آگسٽ، پنهنجي لاءِ عاليشان آ.

قائدِاعظم جي پاران، هيءَ امانت ٿي نصيب،
ساهَ سر پنهنجو سدائين، تنهن مٿان قُربان آ.

فرد فرداً قوم آهي، قوم مان ملّت بني،
مُلڪ و مِلّت جي مٿان، اسلام جو احسان آ.

جو گُزشته ڪارنامن، کي وساري ٿو ڇڏي،
سو ڏسڻ ۾ آهي ماڻهو، پر فقط حيوان آ.

شاد ۽ آباد شل، رهندو سدا منهنجو وطن،
منهنجي جذبي ۾ سدا، حُبّ الوطن ايمان آ.

هي وطن منهنجو مِثالِ جنّتُ الفردوس سَمجه،
هي وطن رِشڪِ عدن، منهنجو جسم ۽ جان آ.

شل وطن جو رهندو قائم، هي سدا جلوو "جمال"،
سو دعاگو مُلڪ جو جيڪو صحيح انسان آ.

سُهڻي رونق وئي لڳي، اڄ مُلڪ پاڪستان جي.
ٿي اڄوڪي ڏينهن تي آ، عيد هر انسان جي.

ٿيون وڻن بازاريون، سُهڻيون اَٽن سينگاريون،
ڏاتر اُهي ڏيکاريون، بهاري وَڏي بُستان جي.

ويا لڳي جلسا جشن، ساوا جهنڊا هَٿ ۾ سَڀن،
نينهن مان نعرا هڻن، طاقت رکيو طوفان جي.

مُلڪ جا معزز ملي، اڄ پيا وڃن هر هنڌ هَلي،
هَٿ ڏين خُوش ٿيو کلي، ڏئي ثابتي ايمان جي.

يومِ آزاديءَ سندا، ٿيا سال پُورا ستونجها،
خُوش ٿيا بيحد بندا، ڪا ناهي حد احسان جي.

تاقيامت تائين رهندو، شال هي جلوو "جمال"،
حُسن جَلوي کي ڏِسي پيو، ڪر ثنا سبحان جي.

# ڪلام

بيوفا بي رحم سان، اڄ دل لڳايو ٿو وڃان،
پُر جَفا بي تَرس تو لئہ، جيءَ جلايون ٿو وڃان.

مون ڪيو توسان ڀَلو، پر آ لڳو توکي بُرو،
پاڻ کي قيدي بَنائي، غم پرايو ٿو وڃان.

تون ڀلي ڀانئين نہ ڀانئين، تُنهنجو "عاشق" آهيان،
عاشقن جي لسٽ ۾، نالو لکايو ٿو وڃان.

قُرب مُنهنجي مان پيارا، ڳَس توکي کھڙو لَڳو،
تو نڀايو ڪونَ مُونسان، مان نِڀايو ٿو وڃان.

ياد ايندئي يار پنهنجو، جانِ من جاني "جمال"،
حُرف هي هڪڙو مِٺا، توکي ٻُڌايو ٿو وڃان.

▼

ڪَبُوتَر هي ڪاغذ، پرينءَ کي پُڄائي،
وڃي جلد جانيءَ کي، رهبر رَسائي.

آهي توکي پُرزي، جي پارت پيارا،
لَڪُوءَ سان لِکيل آ، پڪي پرت وارا،
ڪٽي وچ تون خط کي، هنيين سان هنڊائي.

اُڏامي اَدب سان، عجيبن ڏي وڃ تون،
حُسن وند حسينن، حبيبن ڏي وڃ تون،
جَهلي چُهنب ۾ وڃ، لبن سان لڳائي.

نياپو هي نيئي، وڃي ڏي صَنم کي،
ڪري مهرباني، وري اچ وَطن تي،
روئي رات ساري، ڇَڏيم پَٽ پُسائي.

"جمال" آهي تُنهنجي پسڻ جو پياسي،
عجيبن اچڻ لئہ، اندر آ اُداسي،
خُدا لڳ ڪٽي وڃ، ڳچيءَ پاند پائي.

ننڊ نيڻن جي ڦِتي وَئي، يار تولئہ دلرُبا،
ڪيترا دل کي رَسيا، آزار تولئہ دلرُبا.

زَرد چهرو، مُنهن ڪُوماڻل، خشڪ اکيون ٿي چُڪيون،
جهونا اکڙين جا ٿيا، جهالار تولئہ دلرُبا.

جي ٿئين مهمان مُنهنجو، مَه لَقا محبُوب تُون،
پنهنجي پنبڻين جا وڇايان، وار تولئہ دلرُبا.

گُل گُلابي، گُلبدن، گُلفام، گُل رُو، گُل حَسين،
تنهنجي پائڻ لاءِ وَرتم، هار تولئہ دلرُبا.

شاد ۽ آباد تُنهنجو، شل رهي جَلوو "جمال"،
سَرس سُهڻا مون ڪيا، سينگار تولئہ دلرُبا.

دل ڪَسي ڏاڙو هَٽي ويا، ديد ٻئي دلدارَ جا،
خُوبتر هُئا ٻئي خُماريل، نيڻ نرمل يارَ جا.

ڪاريون، ڪُنڊيون، گٽاريون ۽ پياريون پيشوَر،
نيمچا نيڻن ۾ رکيل، تيز هئا تلوار جا.

نيڻ نُوري، هُئا حِضوري، ٻئي بلوري بهترين،
"سامري"، سحري سراسر، هُئا عَجب انوارَ جا.

وَئي وَٺي، اک جي اَٽي، ويا دل ڪَٽي دل جا ڏَٽي،
تير ۽ تبرن کان وڌ، غمزا هُئا غمخوارَ جا.

هڪ نَوابي ٻيا شرابي، ٽيو جَجهو تِن ۾ "جمال"،
سي سدا سُونَهن ڀلي پيا، جامَ جلوبدارَ جا.

ڪيئن ڪريان، ڪيڏانهن وڃان، ٿيا ديس ۾ دُشمن گهڻان،
مُلڪ سارو ٿيو مُخالف، تو مٿان ڪيئن دل ڪَٽان.

پيچ پُختا پاڻ پائي، پيار اڄ پلپل ڳريون،
“خَرَ” پلي پيا “خار” ڪائن، گڏ هُجون شل بئي ڄڻان.

صُبح سانجهي پنهنجي پويان، ٿي چُغل چوڏار پيا،
ڪُجه به حاصل ڪون ٿيندن، مان نٿو تن جي سُڻان.

تنهنجي مُرڪڻ ۽ ملڻ تان، سَئو دفعا صدقي ٿِيان،
غرض ناهي غير جو ڪو، هامَ پيو توتي هَڻان.

حُسن وارا بيا به آهن، تو وٽي تُنهنجو “جمال”،
ڪونَ ڪيندس ڪاڻ ڪنهنجي، شال پيو توکي وَڻان.

اُڪنڊ ۾، اَسان جي، آهي دل ديواني،
مِلڻ جي گريو ڪا، مِٺا مهرباني.

اوهان جي اُڪنڊ ٿي، تَري روز تَن ۾،
اَصل ڪان اوهان جي، مُحبّت آ مَن ۾،
اَچو يا اُماڻيو، نياپو نشاني.

سِڪڻ روز سارڻ، ٿي عادت اَسان جي،
مُحبّت ڪرڻ ٿي، عبادت اسان جي،
حسينن سَوا ٿي، هنيين ۾ حيراني.

”جمال“ آهي سُهڻن جي سَر جو سَوالي،
ويا جيڪي وِڇڙي، وَرائيندو والي،
ٿين شل نہ پوءِ، جُدا مُونکان جاني.

صَنم سَتائڻ سندو تون ڪهڙو، سِتم ڪرين ٿو ذَري ذَري،
عجيب تنهنجون اَدائون جَڻ ڪو هَرڻ هَلي پيو هَري هَري.

"ڪبڪ" ۽ "ڱونجون"، اوهان جي اڳيان، نِماڻيون ناقص لڳن ٿيون،
اوهان جو چهرو بَلب ۽ بِجلي، بِنا بَتيءَ پيو ٻَري ٻَري.

نَظر نرالي، عُقابي اکيون، بِلوري بهتر لڳن پياريون،
ڇَڙهي جي اهڙين اکين جي وَر ويو، اُهو تہ ماڻهو مَري مَري.

اَوهان جي قَد ۽ حُسن جُوانيءَ، "جمال" جو سڀ ڪمال آهي،
اوهان جي قُربن ڪري ڇَڏيو آ، اسان کي قرضي ڪَري ڪَري.

ڪانگ پيو ڪان ڪان ڪري، سُهڻو سَجڻ اڄ ٿو اَچي،
مهربان مهمان ٿي، مون سان مِلڻ اڄ ٿو اَچي.

گُل وِڇايان گَس مَٿي، ڪيئن صحن کي سينگاريان،
چنڊ چانڊوڪي ڪري، مُنهنجي اڱڻ اڄ ٿو اَچي.

سالَ سِڪ ۾ مون گُذاريا، ڏينهن ٿيا ڏاڍا ڏِني،
“ساڪري” ۾ سو صَنم، ڳولي لَهڻ اڄ ٿو اَچي.

مُحب عاشق وٽ اَچي، آهي مَزو اُن ۾ مِنا،
قُرب ۾ مونکي پرين، قرضي ڪرڻ اڄ ٿو اَچي.

درد منهنجي جي دوا، دلبر سوا ناهي “جمالَ”،
ٿي “مسيحا” مَرض جو مونکي ڏسڻ اڄ ٿو اَچي.

حُسن جَوانيءَ مَٿي اي جاني، ڪَبو نہ ايڏو غُرور آهي،
ڪڏهن بہ ڪنهن کي ٿيو نہ حاصل، سدائين سُهڻا سُرور آهي.

عُمر اَجائي غَمن ۾ گُذري، اوهان کي وياسين اسين ڇو وسري،
مِٺن منجهان اڄ ڪَڙا ٿي پياسين، اِهو ڪِٿي جو ڪَلُور آهي.

اوهان جو ن يادون اسان جي دلبر، تَرن ٿيون تَن ۾ گَهڙي گَهڙي،
ايندو تَصوّر اوهان جو دل ۾، صبح ۽ سانجهي اَسُور آهي.

وَفا جي بدلي جَفا ڏيو ٿا، سَخا جو سوچي خَفا ٿيو ٿا،
اُنهيءَ جو مطلب "جمالَ" آخر، مِنا ڪو ظاهر ضَرور آهي.

پرينءَ پري ڪان، ڏسي پياري، مونسان تہ مُرڪي مِلڻ ٿي چاهيو،
مِلڻ تہ ڇا پَر، ڏِسڻ سان هُن بس، ويهي خُوشيءَ سان ڪِلڻ ٿي چاهيو.

اَسان جي وچ ۾ رَڪيل رُڪاوٽ، وڏي تہ اهڙي اچي ڪا ويئي،
پتو نہ هن ڪان وٺي مان سگهيس، جيڪو مون هن ڪان وٺڻ ٿي چاهيو.

اکيون اکين سان اسان جون اَڙيون، خبر اسان ڪي رَهي نہ ڪنهن جي،
نَظر نَظر سان مِلي جڏهن وَئي، قدم نہ ڪنهن پِي وڌڻ ٿي چاهيو.

گهڙيءَ گهڙيءَ ٿو اچي تَصوّر، ڪيان ٿو دل مان نٿو سو نڪري،
"جمالَ" جَلوو ڏِسڻ سان هُن جو، لَبن ٻُلن ڪي چمڻ ٿي چاهيو.

ڪونَ ٿو وسرين، مَن تان مُور،
ياد ڪندين پيو، تون ٻـ ضرور.

رات ۽ ڏينهن، صبح و سانجهي،
تات تري ٿي، تن ۾ تُنهنجي،
آس اَندر ۾، آڏيءَ اَسُور.

ناز سان نيڻن، تُنهنجي نايو،
گُهور گهڻن ڪي، تُنهنجيءَ گهايو،
غم نـ ڏئي ڪر، ايڏو غُرور.

ڪين تون عاشق، پنهنجو وسار،
پرچي پيارا، ڪر تون پيارَ،
دوست نـ ٿي تون، دل ڪان دُور.

قُرب ڪرڻ جو ، آهي سوال،
جلد ڏيڪاري، پنهنجو "جمال"،
منٿ هيءَ مُنهجي، ڪر منظُور.

وڃان شل مان وَطن واپس، ڏسان ڌَڻ ڪي ڌنارن جا،
تڪا طعنا وڃي لاهيان، ميرانڊيءَ جي مَيارن جا.

وَڻا منهنجي وطن مينهڙا، ڏُکيا گُذرن سندم ڏينهڙا،
نِپاهيان ڪيئن توسان نينهڙا، ڏسان منهن مالَ وارن جا.

اَميرن جي نہ آ عادت، نِماڻن سان رکڻ نَفرت،
ڪريان تو ساڻ ڪيئن قُربت، ڇڏي پاڙا پنوهارن جا.

"جمالَ" آئون اباڻن جُون، نِهاريان روز ٿي راهون،
اِجازت ڏي وڃان آئون، سُڻان سُرڪي سنگهارن جي.

تپائي تات ٿي تَن ۾، عُمر مونکي اَباڻن جي،
لِڱن تان لوئي ڪيئن لاهيان، ڏِنل ڏوٿي ڏاڏاڻن جي.

عَطر، عبنر پيو آچين، چوين ٿو پَٽ پَٽيهر ٿي،
ڪپن سي ڪين هرگز مون، ناهي هيءَ نارُ ناڻن جي.

اَدا ايڏو نه ڪر بانوَر، انهيءَ تون بادشاهيءَ تي،
پوي ٿي ياد اڄ مونکي، پَکن پنهنجن پُراڻن جي.

سِڪان ساريان، هنجون هاريان، هينئون هر بار پئي ڳاريان،
ڪڍي ڇڏ بند مان بلڪل، نڌڻڪي ڏيءَ نِماڻن جي.

"جمال" آئون مِٺا مارُو، نه محلن تي مٺائيندس،
رهي ٿي سِڪ سيني ۾، سدائين تِن سياڻَن جي.

هنيو هيڏو ڀلا هي ڇو؟ عُمر ڏاڙو ڏنارن جو.
“اَٿر ٿيندو وچي آخر، پنهوارن جي پُڪارن جو”.

ڪري چوري، زَبر زوري، ڇني ڇانگن منجهان ڇوري،
لڳي جيءَ ۾ اَندر جهوري، ڀسان پاڙو پنهوارن جو.

وجهي نيهر نِماڻيءَ کي، ڏيئي ڏُک درد هاڻيءَ کي،
وَطن تي ڇڏ ويڳاڻيءَ کي، نہ سرندئي سنگ سنگهارن جو.

هَميشہ ايڏي اَلمستي، نہ هُو ندئي هوڏ ۾ هَستي،
بَدلبي بَر ۾ هيءَ بَستي، ڀَرم ويندئي بهارن جو.

“جمالَ” آهي جَجهي اڄ ٿي، هنيين ۾ حُب حبيبن جي،
ڏنارن کي ملي شل ڏي، ٿئي ميلاپ مارُن جو.

عمر ايڏا نہ ڏي ڏڙڪا، ڏٽولين ۾ ڏنارن کي،
عدالت تي ادا ويهي، نہ مَهٽان ڏي تون مارن کي.

اِهو بلڪُل نہ آ بهتر، ڏٽيءَ جو ڏيان دل ۾ ڏَر،
ڪنواريءَ کي نہ ڪارو ڪر، ڪندين ڇا تن ڪنڌارن کي.

ڪبوتر، قُمريون، طوطا، پنهوارن وَٽ، وجي پَهتا،
گريو چوٻول پيا چيها، سُٽائين سڀ سنگهارن کي.

اِها هستي نہ بَس هُوندئي، قبر سان نيٺ ڪم پوندئي،
سنگهارن جو نہ سنگ سرندئي، پُڄائي اڄ پنهوران کي.

"جمالَ" هو جَهت اِجهو ايندا، نِماڻيءَ نار کي نيندا،
وٺي پنهنجي وَطن ويندا، ڏسان شل ڏيه وارن کي.

عُمر مونکي اباڻن جي، اَندر ۾ آس تي آهي،
وڃان شل مان وطن واپس، ڀلا مُنهنجو هتي ڇاهي.

ايذي زوري نہ ڪر ظالم، خُدا جو خوف رَک دل ۾،
ڪٽي ڪُوھ تان مون کي آئين، ادا ڪرهي کي تون ڪاهي.

وَسن واڙيون وَلهارن جُون، ڏٽولين ۽ ڏنارن جُون،
وِساري ڪيئن ويهان تن کي، لاڳاپا لوڪ جا لاهي.

"جمال" آهي اُداسي مَن، اباڻن جي تہ اُٽڻ ۾،
پُونگا پيٽيون ڏِسان تن جا، وينا جت جُهوپڙا ناهي.

عُمر ساهہَ ٿو اڄ سنگهارن کي ساري،
پلي ڇا بہ ڪر تون، نہ ويهندس وساري.

مَري جي پَوان هِت، ڪجين لاش واپس،
جتي ڪيت خوش ٿي، چوپايا ٿو چاري.

رڳو تات تن ۾، اباڻن جي آهي،
وڃان شل مان واپس، وطن واڳ واري.

”جمالَ“ آهي جيءَ ۾، حبيبن جي حَسرت،
پَوِن ياد جي ٿا، سي ڏاتر ڏيکاري.

جَڏهن مارن مِلي مارئي، عُمر حيران ٿيو هُوندو،
وَهي بس لُڙڪ پيا هُوندس، انهيءَ ارمان ٿيو هُوندو.

گهڻو پڇتايو تنهن هُوندو، ڪيل هُن پنهنجي ڪيتيءَ تي،
پريشانيءَ وچان ان لئہ، وَطن ويران ٿيو هُوندو.

خُوشيون ۽ طعام سڀ تَريل، ويا وسري هُوندا هُن کي،
غمن ۾ وقت سڀ سارو، سندس گُذران ٿيو هُوندو.

ڪچو ڪم هي ڪري آخر، مُنجهامي مَن پيو هُوندس،
ڦٽي وَئي ننڊ پُڻ هُوندس، جَجهو جولان ٿيو هُوندو.

"جمالَ" ايڏو سَتائڻ ايئن، مُناسب ڪونَ آ توکي،
ستائڻ تنهنجي سان مارن، مَٿاهون مانُ ٿيو هُوندو.

عشق اُلفت جو سَبق، سُهڻا سيکاريو تو مونکي،
پِرت ڏئي پنهنجو ڪري، ويجهو ويهاريو تو مونکي.

هنج پنهنجي ۾ هيرائي، هارَ ٻانُهن جا وِجهي،
پنهنجي سيني تي سدائين، ٿي سُمهاريو تو مونکي.

حُسن وارا ٻيا ٻہ هُئا، عاشق فَقط توتي ٿيس،
پيار مان جنهن دم پرين، پاڻي پياريو تو مونکي.

درد مُنهنجي جي دوا، تون ڪر اَچي جلدي "جمالَ"،
مُنهنجو آهين تون مسيحا، ٿي جياريو تو مونکي.

مرحبا محبوب آيو، مهلقا مهمانَ ٿي،
دلرُبا سو دوست آيو، دل جو پيو درمان ٿي.

ڳل گُلابي، لال لبڙا، نيڻ نرگس جي مِثال،
قرب مان آيو پرين سو، قُرب تي قُربان ٿي.

"وارَ" واري پائي سُرمون، چمڪندڙ چهرو ڪٽي،
مهربان آيو مِلڻ، مون تي پيس احسان ٿي.

جستجو جنهن جي هُئي، سو اڄ مِليو جاني "جمالَ"،
ڀاڳ ٿيو مُنهنجو ڀَلو، هر ڪو ويو حيران ٿي.

اوهان جي عشق ۾ دل تي، رهي دلدارَ ديواني،
ڪرم جي ڪا اسان تي ڪر، نظر نروار نُوراني.

نهاريان روز پيو راهُون، ڪٽيو اکڙيون اوهان جي لَئہ،
سِڪائڻ مان تہ ڇا سرندئي، سڄڻ سرڪار سيلاني.

سَري هڪڙي نہ ساعت تي، صُبح سانجهي پيو ساريان،
لهي غمگين شل دل تان، هينئن جا هار حيراني.

سَمايل تُنهنجي صورت آ، سدائين مُنهنجي سيني سان،
مِلي محبُوب وچ مونسان، ڪري انوار احساني.

"جمالَ" آهي جَجهي اج تي، توهان جي تات تَن مَن ۾،
ڳَنڍڻ جي ڳاله ڪر ڪا تون، ڇنڻ ڇَڏ يارَ ياراني.

دوست دلبر دل ڪَسي آ، دُور گهارڻ نارَوا،
جيڪي مُحبّت ۾ مَري ويا، تن کي مارڻ نارَوا.

دل ڪَسي ڏاڙو هَٽي ويو، درد ڏيئي دلرُبا،
خُود ڪِلي پيو پاڻ، مون لئہ هنجُون هارڻ نارَوا.

حسرتون دل ۾ رَهن ٿيون، دوست جي ديدارَ جون،
وصل جا وعدا ڪري، آ ايئن وسارڻ نارَوا.

بي قَدر اڳيان نہ پنهنجو، سر وَڍي رَک تون سَدا،
ڪو قدر جنهن وَٽ نہ آهي، انکي سارڻ نارَوا.

ائين مناسب ناهي توکي، جانِ من جاني "جمالَ"،
پهريائين پيار ڏئي، پو آ ڏڪارڻ نارَوا.

دل چوي ٿي دوست دلبر، گڏ گُذاريون يارَ ٻئي،
پرت جو پيو ند پائي، پاڻ ڪريون پيار ٻئي.

دل مِلائي دل سان دلبر، ميخ مُحبّت جي هَڻون،
لفظ دل جو "دال" ۽ جي"لام" آهن ڏار ٻئي.

هرَ گهڙي هردم سدائين، تات ٿي تَن ۾ ترَي،
اِنتظاريءَ، بيقراريءَ، جا لَهن آزار ٻئي.

آئيني، يا آرسيءَ، ۽ مشتري زهره مِثل،
رُوح ۾ رهجي وِيم، تُنهنجا اُهي رُخسار ٻئي.

شل رهي تُنهنجو سَلامت، حُسن جوڀن ۽ "جمال"،
حُسن جوڀن سُونَهن سان گڏ، جام جلوبدار ٻئي.

▼

ڏيه ڏوري ايندو هُئين تون، اڄ نهارڻ ڪان ٻه وئين،
يار ڪهڙا حال ٿئي، بس ايئن ڪيڪارڻ ڪان ٻه وئين.

مهربانيون جي ڪيون مون، تِن جو هي مِليم صِلو
واهَ! تُنهنجي يار ياري، منهن ڏيکارڻ ڪان ٻه وئين.

دوستيءَ ۾ ايڏي دُوري، ڪونَ ٿيندي آ مِٺا،
ڏُور ڪان دلبر ڏِسي، تون هَٿ اُلارڻ ڪان ٻه وئين.

ڇڻ تہ ناواقف ڪو آهي، يار هي تُنهنجو "جمال"،
ڪاله ڪهڙا قُرب هُئا، اڄ گڏ گذارڻ ڪان ٻه وئين.

# نظم

# التجا

منهنجو والي، منهنجو وارث، پاڪ پالڻهار تون،
تون جيارين، تون ئي مارين، ڏيه جو ڏاتار تون،
اُڀ زمينون تو بنايا، خاص خلقڻهار تون،
ڪر بديون سڀ بخش منهنجون، ڪربَلا جي واسطي،
دلربا پنهنجي پياري، مُصطفيٰ جي واسطي.

رحم توکان تو گُهران، نُورالهُديٰ جي واسطي،
رزق روزي ڪر عطا، ڪُل انبياءَ جي واسطي،
حَجّ جي حَسرت پُڄا، صبح و مَسا جي واسطي،
مهرَ مالڪَ مون تي ڪر، پنهنجيءَ عَطا جي واسطي،
ڏُک سڀيئي ڏُور ڪر، مُشڪلڪُشا جي واسطي.

داد ڪر هن دل سندو، پنهنجيءَ سَخا جي واسطي،

پنهنجي قدرت، پنهنجي رحمت، ۽ وَفا جي واسطي،
بخش ڪر مونکي خَطا، قالو بَليٰ جي واسطي،
عرض سُڻ هيءَ عاجزي، نازڪ نِدا جي واسطي،
اِلتجا مقبول ڪر، آدم حوا جي واسطي.

تنهنجو خلقيل، تنهنجو ٻانهون، تنهنجو آهيان مان بندو،
جهڙو تهڙو تنهنجو آهيان، بس گناهن ۾ گندو،
تو سوا ٻيو ڪير آخر، رحم اڄ مونتي ڪندو،
خير ڪر تون يا خُدا، خيرالوَريٰ جي واسطي،
درد دل جا دُور ڪر، هن اِلتجا جي واسطي.

شاد ۽ آباد ڪر، منهنجو سدا جَلوو "جمال"،
ڪا ڪمي تو وٽ نہ آهي، تنهنجي قدرت جا ڪمال،
مسجدِ نبويءَ جي صدقي، سُڻ ڪٽي سائين سَوال،
ٻاجه ڪر ٻانهي مَٿي، پنهنجيءَ رضا جي واسطي،
ڪر مدد مُشڪل ۾ منهنجي، هن دُعا جي واسطي.

▼

# التجا

نِت نَحُوست منهنجي گهر مان، ڪڍ ڪٽي تون خُود خُدا،
تون سَڀِن جو آهين سائين، صحت خُوشيون ڪر عَطا،
رُوحَ کي راحت رَسائي، ڏي سِگهو شافي شفا،
حال هي منهنجو ڏِسي تون، پنهنجي راڻا ڪر رَضا،
اهڙي رونق تي پَوي، جڻ گهر ٿِئي باغِ اِرم،
پنهنجي رحمت، پنهنجي قُدرت ساڻ قادر ڪر ڪَرم.

مُشڪلاتون حل ڪٽي ڪر، منهنجون سڀ مالڪَ سَچا،
حال ناهي ڪوبہ منهنجو، ڪر مَدد منهنجي مِٺا،
تنهنجو در داتا ڇَڏي، ڪيڏانهن وڃان بس تو سَوا،
هڙ حياتي صحت ڏيئي، نيڪ ڪر تن مَن صَفا،
اي بُلنديءَ جا تہ صاحب، رک ڪٽي منهنجو ڀَرم،
خاص خلقيندڙ خُداوند، خُوب ڪر تون خُوش خُرم.

آهي هي فرياد منهنجو، آهين تون وارث وڪيل،
ڪوبہ خالي ڪونَ ڇڏيو، پنهنجي تو دَر تان خَليل،
جيءَ جياريندڙ تون آهين، جانِ من جاني جَليل،
درد جو درمان ڪر تون، دلربا ڪر ڪو دَليل،
مير مُرسل جي مُهابي، دُور ڪر رنج و اَلم،
مهرَ پنهنجيءَ ساڻ مالِڪَ، منهنجي ڪر مَن جو مَلم.

منهنجو ٻيڙو ٻاجه سان تون، ڪُنّ اُنهي مان اُڪار،
تارَ پاڻي ناهي تانگهو، ڪر اُڪاري مونکي پار،
ڪر مدد مشڪل ۾، منهنجي پاڪ اي پروردگار،
ڏي سَهارو ڪو سُکن جو دل ٿِئي باغ و بهار،
تنهنجي نالي ڪانسواءِ، ناهي ٿُرهو پڻ وَٿم،
ڪر سبب اهڙو ڪو سائين، شل نہ ٿِئي ويجهو وِرم.

ڪر ڪٽي مقبول منهنجا، چند هي جملا "جمال"،
جهڙو تهڙو تنهنجو آهيان، تون ئي صاحب باڪمال،
تو سَوا ڪيڏانهن وَڃان، اي لاجوابِ لازوال،
مهر ڪر مونتي تون مالڪ، سڀ سمورا تون سَوال،
اي ڪَرم وارا ڪَرم ڪر، جلد ڏيڪاري حَرم،
چاهَ سان چائنث چُمان شل، دلربا جي دمبَدم.

▼

گُل گُلابي، گُلبدن، گُلشن سندي گُلزارَ جا،
گُل حَسين، گُل فام، گُل رُو، گُل رتن، گُل نارَ جا،
موتيو مگُرو کان وَڌ، تنهن خُوب خوشبودارَ جا،
شهد شيرين، مصري ماکيءَ کان بہ وڌ تنهن لارَ جا،
”مرحبا مهمان آيا، اڄ پرينءَ جي پار جا“.

سَئو دفعا سَجدا ڪري، واقف ٿيا وڻڪار کان،
مِهر پَرور دلرُبا، تنهن دوست جي دربار کان،
رَحم جون جهوليون ڀَري، آيا يَليءَ بازار کان،
مير مدنيءَ مصطفيٰ، مُرسل مِٺي مهندارَ جا،
مرحبا مهمان آيا، اڄ پرينءَ جي پار جا.

آبِ زَم زَم جي پيئڻ جي، جن کي سعادت ٿي نَصيب،
حجرِ اَسود جي چُمڻ جي، جن کي سعادت ٿي نَصيب،
مسجدِ نبوي ڏِسڻ جي، جن کي سعادت ٿي نَصيب،
سائي گنبذ سُونَهن واري، شاهَ شاهوڪارَ جا،
مرحبا مهمان آيا، اڄ پرينءَ جي پار جا.

ميرَ مدني مُصطفيٰ جو، پاڪ شل پيچرو پَسان،
دل چوي ٿي دلرُبا جو ڏيه وڃي ڏوري ڏِسان،
"ساڪري" ڪان سال هن ئي، رب ڪري شل اُت رسان،
پَليون پيئي بارگاهون، دَرَ ڏسان دلدارَ جا،
مرحبا مهمان آيا، اڄ پرينءَ جي پار جا.

عرش تي ۽ فرش تي، آهي جَجهو جنهن جو "جمال"،
حُسن وند حُورون مَلڪَ، ٿا خاص ڪن تنهنجو خيال،
گوهرِ ناياب آهي، بي مثالِ ڪُل ڪمال،
ٿي ڪروڙين پيا ڪَرم، محبُوب تنهن منٺارَ جا،
مرحبا مهمان آيا، اڄ پرينءَ جي پار جا.

آرزو آهي گهڻي ٿي، دوست جي ديدارَ جي،
مَه لقا ۽ مه جبين، محبوب پنهنجي يارَ جي،
دلرُبا دلبر دُلاَري، هُن هنيين جي هارَ جي،
ويل هڪ وِسري نٿو، اکَڙين ۾ آهي اِنتظار،
دل نہ آهي ۽ نہ دلبر، ڪيئن اچي مونکي قرار.

اچ پيارا قرب ڪر تون، ڪين ٿي مونکان خَفا،
منهنجي هن الفت جي عيوض، ڪين ڏي جاني جَفا،
وهم دل جا ڇَڏ وساري، ڪر وري وعدي وفا،
مهر ڪر اچ مون ڏي موٽي، ڪر نہ بيوس بي قَرار،
دل نہ آهي ۽ نہ دلبر، ڪيئن اچي مونکي قرار.

مِل مٺا محبوب تون، نَت مفت ۾ ويندس مَري،
روز روئي پيو مان ساريان، ڪيئن ڀَلا توکي سَري،
سوچ ڪر تون ٿي سياڻو، اچ وطن واپس وَري،
پنهنجي عاشق کي پرين، ايڏو نہ ويهي تون وِسار،
دل نہ آهي ۽ نہ دلبر، ڪيئن اچي مونکي قرار.

تون جي ايندين عيد ٿيندي، اچ سگهو جاني "جمالَ"،
جاڳ ۾ يا خواب ۾، آ خُوبرو تنهنجو خَيال،
مانَ مون مهجُور جو، والي ڪري توسان وِصال،
رات ڏينهن ٿي تات تنهنجي، اچ پرين ڪر تون پيار،
دل نہ آهي ۽ نہ دلبر، ڪيئن اچي مونکي قرار.

دلرُبا دلبر لڪان، يا رُوحَ جو رهبر لِڪان،
ناز پرور مان لڪان، يا سُونهَن جو سرور لڪان،
چنڊ جيئن چهرو لڪان، يا گُلبدن گوهر لڪان،
پرت پَرور مان لڪان، يا درد ڏيندڙ دلرُبا،
دوستيءَ تنهنجيءَ مان ٿي پيا، درد دُوريءَ جا عطا.

تو سوا آرام ناهي، ۽ نٿي سُهڻا سَري،
رات ڏينهن بس تُنهنجي دلبر، تات ٿي تن ۾ تري،
حال هيڻو ٿي پيو، ۽ مامري ۾ مَن مَري،
ڪيئن لڪان مان جيءَ جا جانب، تو ڏنو جورو جَفا،
دوستيءَ تنهنجيءَ مان ٿي پيا، درد دُوريءَ جا عطا.

تو ڪيو مونکي سدائين، بيوَسو ۽ بي قَرار،
رات ڏينهن تنهنجو سدا، اڪڙين ۾ آهي انتظار،
پيچ پختا مونسان پائي، جيءَ منهنجي کي جيار،
چڏ اجايا محب ماڻا، ڪين ٿي مونکان خفا،
دوستيءَ تنهنجيءَ مان ٿي پيا، درد دُوريءَ جا عطا.

ياد آهي، ياد رهندو، تنهنجو بس جَلوو "جمال"،
عشق اُلفت جو رَهي ٿو، جيءَ اندر ڏاڍو جَلال،
مهرباني ڪر ملڻ جي، تُنهنجي من ۾ آ مَقال،
شاد ۽ آباد توکي، شل ڪري خاوند خُدا،
دوستيءَ تنهنجيءَ مان ٿي پيا، درد دُوريءَ جا عطا.

پهرين مونکي تو پيار ڏئي، پنهنجو پُڪاريو ٿي پرين،
اڄ ڪونَ منهنجو تون پيارا، ٿو قَدر ڪنهن پر ڪرين،
هَر وقت ۾ هَر بار مونکي، ٿو هينئن ۾ ٿُون هُرين،
پاٽيءَ مَٿي ڪاغذ تري، تيئن منهنجي دل ۾ ٿو ترين،
تو ڪان سوا منهنجو ٻيو، دلبر نڪو دلدار آ،
چو يار ياري وِئين ڇِني، اُن جو وڏو ويچار آ.

ويهي وچن توجي ڪيا، سي ياد اڄ مونکي پيا،
ناهي ڳلا ان ۾ اها، هر وقت هُئين تون همنوا،
کهڙي اٿئي مرضي ڀَلا، سا ڳاله اڄ کولي ٻُڌا،
سُهڻا صفا ٿي وئين خفا، جانب مونکي ڀل ڏيو جفا،
شِڪوه شڪايت ڪانسوا، پُورل ٿِئين بيزار آ،
کهڙو اسان لئہ تو اچانڪ، جڙ ڪيو آزار آ.

سُورن اندر سُڏڪا ڀَرڻ، ڳُٽتيءَ ۾ آهي جڙ ڳَرڻ،
چا تي ڇجي ٿي وَئي ڀَرڻ، سوراخ سيني ۾ ڪَرڻ،
باهي مَٿي دل ڪي تَرڻ، انهيءَ ڪان وڌ ٻيو آ مَرڻ،
واپس وري ڏوران ڏِسڻ، دُک درد ڏئي خوش ٿي کِلڻ،
تڪليف ڏئي ۾ تنگ ڪري، ڦهري ڪئي تو ڪار آ،
هر ڪو اَچو مونکي چَوي، ننڊڙو اچان هو ٻار آ.

آخر مون هُن کي هينئن چيو جي حال مُحرم ٿا ٿيو
ڏَس ڪو اچي اهڙو ڏيو، پُورل ڪريو منهنجو ٻلو،
جيئن ٻِي ڪپي بس تيئن ڪريو دلڙي ڏيو مونکان وٺو
رستو نہ مون وٽ آ ٻيو، بستر تي عاشق آ پيو،
ٻَل ڪنڌ ڪَپي ڪوري ڏيان، هُن جو اَجان انڪار آ،
بس ساڳِئي هُن جي سدائين، جڙ گرم گُفتار آ.

واپس ورڻ جي ڪر وَري، هي عرض آهي آخري،
جي راز رغبت جو اوهان وٽ، مان ڪريان ظاهر ذري،
ڪَر ماٺ ماڻهن کي لڳي، وَڻ ٽِڻ وجن ٻُوٽا ٻري،
تنهنجي جُدائيءَ ۾ مِنا، هڏ ماس، چم، سڀ ويو ڳري،
هڏڙن سندو پڃرو پيو آ، بيوس بدن بيمار آ،
هر ڪو مون مان هٿ ويو ڪڍي، ناهي رهيو ڪو يار آ.

جاني "جمال" آهي اوهان جو درد مندو دلرُبا،
بلڪل بَري انکي ڪريو، سُورن منجهان سُهڻا صَفا،
جيڪو ٿيو گُذري ويو، پيوند وجهون پُختا پَڪا،
آهي دُنيا ۾ دوستو، هر مرض جي دارُون دَوا،
درمانِ ڪر دل جو اَچي، توسان پُراڻو پيار آ،
"پرچڻ سندي ڪر ڪا پِرين، دم دم رُسڻ بيڪار آ.

▼

آرزو تي خط لکڻ جي، ڇا لکان توکي صَنم،
ٿو لکان مان درد دل جو اج کڻي هٿ ۾ قَلم،
تنهنجي اُلفت ۾ مِليم، هي درد غم رنج و اَلم،
پاڪ پيشاني پَسائي، جيءَ منهنجي کي جيار،
اچ تہ پرچون پاڻ ۾، من قلب کي پهچي قرار.

تنهنجي مُنهنجي پيار تي، پيا مينهَن مُحبّت جا وَسي،
اَشڪباري، رات ساري، بِره ۾ ٿي بيوَسي،
توبہ ساريو مونکي هوندو، پيار کي پنهنجا پَسي،
نَرم دل تي ناز وارا، نيمخوابيءَ سان نِهار،
اچ تہ پرچون پاڻ ۾، من قلب کي پهچي قرار.

اچ کڻي مونکي ٻُڌائي، ڏوهہ مون ڪهڙو ڪيو،
جنهن جي عيوض مونکي جاني، ٿا سزا سُهڻا ڏيو،
هو اڳوڻو قول توکي، واعدو وسري وِيو،
تيز نظرن سان نِهاري، ڪين ڪر تون بي قرار،
اچ تہ پرچون پاڻ ۾، من قلب کي پهچي قرار.

جام جنهن جانيءَ پياريو، جابجا مونکي "جمالَ"،
سو مونکي وسري نٿو، اُن قرب واري جو ڪمال،
محب تُنهنجي مَئي ڪشيءَ جا،مان ڏيان ڪهڙا مِثال،
درد جي "دريا" منجهاران، اچ اچي مونکي اَڪار،
اچ تہ پرچون پاڻ ۾، من قلب کي پهچي قرار.

نيمخوابي نيڻ تُنهنجا، خوب ٻيا تن ۾ خُمار،
تو بنايون آليون، اکڙيون ٿي پنهنجون اَشڪبار،
تيز نظرن جا لنگهي ويا، تير دل مان آر پار،
جان، جيرو ۽ جگر، جاني جلائي ڇا ڪندين،
درد وندن جون دليون، دلبر دُکائي ڇا ڪندين.

دلرُبا تُنهنجي دُونالين، ديدَ ديوانو ڪيو،
ٻَل ۾ ڏيئي پيار مونکي، توتہ مستانو ڪيو،
اي مِٺا محبُوب مونکي، تو ٻِچيءَ ٻانو ڪيو،
هيج سان هٿڙا ڏئي، هينئڙو هَٽائي ڇا ڪندين،
درد وندن جون دليون، دلبر دُکائي ڇا ڪندين.

تو وَساري آ ڇَڏيو، بس اُن سندو اَرمان آ،
تو ڪئي جيئن آ جدائي، تيئن نہ تنهنجو شانُ آ،
حُسن هر ڪنهن وَٽ هَميشہ، چار ڏينهن مهمان آ،
پنهنجو عاشق ايترو تون، آزمائي ڇا ڪندي،
درد وندن جون دليون، دلبر دُکائي ڇا ڪندين.

سالَ سِڪ ۾ تنهنجي گُذريا، ڪيترا جاني "جمالَ"،
عرض آزيون، ميڙ منٿون، سَوَ ڪيم توکي سَوال،
پيچ پختا مونسان پائي، زندگي ڏي لازَوال،
نينهَن جو ناتو رکي، پُورل پُلائي ڇا ڪندي،
درد وندن جون دليون، دلبر دُکائي ڇا ڪندين.

ٽڙا ساهَ ڪڙندي، ڪندي آهَ زاري،
سڄي رات رُوئندي، مون تڙپي گذاري،
اُڃايل اکين کي، هُئي انتظاري،
اُميدن جو اڏيل، هيو آستان،
ڏُکيءَ دل سندو هي ٻُڌو داسِتان.

لَبن ساڻ مونکي، جنهن پنهنجي لڳايو،
ڏئي پيار مونکي، جنهن پنهنجو بنايو،
اُنهيءَ دوست دلبر، ڇو دل تان ڀُلايو،
اُهو پي نہ مون لئہ، بنيو مهربان،
ڏُکيءَ دل سندو هي ٻُڌو داسِتان.

مگر جنهن جي خاطر، مون تَن مَن لُٽائي،
جگر، جان، جيرو، مون پنهنجو جَلائي،
ڏنو خُونِ دل جو مون جنهن کي لِڪائي،
جُدائيءَ جو جاني، نہ هو ڪو گُمان،
ڏُکيءَ دل سندو هي ٻُڌو داسِتان.

هَزارين هَليا ويا، “سڪندر ۽ دارا”،
رُنا روز جن لئہ، چمن چنڊ تارا،
اُنهن ڪان مَٿي تون، تہ ناهين پيارا،
رهيو ڪونَ تن جو، ڪو نالو نِشان،
دُکيءَ دل سندو، هي ٻُڌو داسِتان.

ڪِلي خُوش ٿي جاني، پَسائي “جمال”،
اچڻ جو اَسان وٽ، ڪو ڪريو ڪمال،
پَلي پيئي دنيا ڏي، پنهنجا مِثال،
اڏيون پاڻ گڏجي، گلن ۾ مَڪان،
دُکيءَ دل سندو، هي ٻُڌو داسِتان.

ڪريو گوڙ گُلشن ۾، تاڙو تنواري،
سُريلو ڪريو ساز، بَر ۾ بيهاري،
نماڻا ڪٽيو نيڻ، نڪريو نِهاري،
اُهو دل جو دلبر، ملي مهلقا جي،
"آهي عيد ڪهڙي، سوا دلرُبا جي".

ٽِڙي گُل پيا سڀ، بهار ٿي ويئي،
مزيدار موسم، پياري ٿي ويئي،
خوشيءَ ۾ سجي دنيا، ساري ٿي ويئي،
وفادار دلبر، ڪري شل وفا جي،
آهي عيد ڪهڙي، سوا دلرُبا جي.

اچي ڏي اجازت، چپن جي چُمڻ جي،
لبن سان لبن کي، تون لالڻ لڳڻ جي،
ڪريو مهرباني، مٺا ڪا ملڻ جي،
اَٿم آس جيڪا، اگهي شل اُها جي،
آهي عيد ڪهڙي، سوا دلرُبا جي.

"جمالَ" آهي تُنهنجو سدائين سڪايل،
رهي روز سيني ۾، صُورت سمايل،
آئون عشق تنهنجي، جو آهيان اُجايل،
ڪجين معاف منڙا، ڪيم ڪا خطا جي،
آهي عيد ڪهڙي، سوا دلرُبا جي.

“جڏهن يار مُرڪي، نگاهون ڪٽي تو”،
فقط مون نہ هڪڙي، سڀن کي وَٽي تو.

نہ مَت شانُ مِنڙا، اوهان جو مان آهيان،
هُجون ڪيئن هَلايان، حُجاتي نہ آهيان،
ڪريو درد دانهُون، پيو دوست دانهيان،
فقط ٻاله هِڪڙي، چوڻ تو مان چاهيان،
اُها پِي نہ منهنجي، صنم سا سُٽي تو
فقط مون نہ هڪڙي، سڀن کي وَٽي تو.

وفا منهنجي عادت، جفا هن جو شيوو،
قريبن جو گفتو هجي ڪيڏو ڪڙوو،
منو مصري ماکي، سو سمجهان تو حَلوو،
جڏهن انب ڏاڙهُون، منو ڪوبہ ميوو،
پڇي پاڻ پٽ تي، ڇُڳي مان ڇَٽي تو
فقط مون نہ هڪڙي، سڀن کي وَٽي تو.

وٽن واهَا جو ٽيون، اڪيون اِنقلابي،
نماٽا ٻئي نيڻ، تنهنجا نوابي،
ٿهن رنگ جن ۾، "گُلابي"، "عنابي"،
وڏا شور تن ۾ ۽ شاهي شرابي،
عجائب اِشارن سان دليون ڌُٽي ٿو
فقط مون نہ هڪڙي، سڀن کي وَٽي ٿو.

"جمال" آهي تنهنجو ٻئي ڪنهن جو ناهي،
ڀَلا ڀَروسو ڇا، حياتيءَ تي آهي،
اوتارا اڪين ۾ وينو آهي ٿاهي،
پرين پيار توکي، ڪرڻ ۾ تہ ڇاهي،
رڳو عاشقن ۾ پيو مونکي ڳَٽي ٿو
فقط مون نہ هڪڙي، سڀن کي وَٽي ٿو.

▼

تو پرين مونساڻ پهرين، ٿي ڪيو پل پل پيار،
مونکي تنهنجو توکي منهنجو، ٿي رهيو بس انتظار،
مون لِيا پاتا لِڪي، واٽن مٿي تي بار بار،
موجزن هو تنهنجي مُحبت، جو "دريا" هڪ بي ڪِنار،
پاڪ الفت جو پيالو، هو پياري تو ڇَڏيو،
پر اُهوئي جام اَڄ، افسوس! هاري تو ڇَڏيو.

عرضَ توکي مون ڪيا ٿي، پر نہ مليو ڪو جَواب،
انتظاريءَ ۾ سندم، جيرو، جگر ٿي پيا ڪباب،
ڇو پَلا مسڪين ڪنهن تي، ٿو ڪرين ايڏا عذاب،
ڏينهن محشر جي اهو، بس يار تون ڏيندين حساب،
هينئن دغا سان مونکي دلبر، ڇو ڏُتاري تو ڇَڏيو،
آهيان جيئرو مگر، جيئري ئي ماري تو ڇَڏيو.

ياد ڪر اي دلرُبا، پنهنجون رهاڻيون ياد ڪر!!،
اَڄ اَڇي منهنجي اکين جو، آسِتان آبادَ ڪر!!،
مُرغِ دل، قيدِ قفس مان، اڄ سگهو آزاد ڪر!!،
پاڻ پيي خوشحال ٿي، ۽ منهنجي پيي دل شاد ڪر!!،
ڪين هو توکي مناسب، هينئن وساري تو ڇَڏيو،
وقت سارو آ جُدائيءَ ۾، گذاري تو ڇَڏيو.

ڪين مان توکي وساريان، ڪين تون مونکي وسار،
مان مُحبّت ۾ گُذاريان، تون بہ الفت ۾ گُذار،
پاڪ الفت جو پيالو، پرت مان مونکي پيار،
اڄ اَچي منهنجي اکين جو، توڙ هڪدم انتظار،
نيمخوابي پنهنجي نيڻن، سان نهاري تو ڇَڏيو،
بس نهاري نازوَر، بر ۾ بيهاري تو ڇَڏيو.

تون وفا جو آهين پُتلو، ڪيئن چوان مان بيوفا،
تون سخا جو آهين صاحب، ڪيئن چوان مان بي سخا،
من سندو منٺار آهين، ڪيئن چوان جورو جفا،
پر فقط تون پار پنهنجا، هو اڳوٽا واعدا،
واعدا پنهنجا ڪري، مونکي جياري تو ڇَڏيو،
اڄ اڪيلو هينئن ڀَلا!!، ڪنهن جي سهاري تو ڇَڏيو.

رات ڏينهن هن رُوح ۾، بس ٿي رَهي ٿُنهنجي مقال،
تو سوا پيو ڪُجه نہ گهرجي، تنهنجي سر جو آ سَوال،
منهنجي هن معصوم دل جو، ڪر خدا ڪارڻ خَيال،
منتظر منهنجا مِٺا، تولاءِ جاني آ "جمال"،
ڪيترو عرصو ٿيو، دلبر ڏڪاري تو ڇَڏيو
وقت ايڏو دوست ويهي، دُور گهاري تو ڇَڏيو.

▼

گهٽائي سالَ ٿي ويا پَر، اُهائي رات ڪاري آ،
غريبن ڪي غمن ۾ ٿي، اڃي اڄ بيقراري آ،
مهانگائي ايڏي ٿي وئي، جو هرڪا شئي اُڌاري آ،
اڃان تائين تہ اڳواڻن، نہ هڪڙي ڳاله پاري آ،
اُهوئي دَور آمر جو، اُهو قانُون جاري آ،
رڳو خالي دِلاسن ۾، عُمر ساري گذاري آ.

اٽو ڪنڊ، ڪير ۽ ڀاڄيون، مَٽر مُوري مَٽي آهي،
ڀَلاريون ڀينڊيون، پالڪ، بصر، گوبي گهٽي ناهي،
مڇي ڏاڍي مهانگي آ، ڇَڏيو مُرغيءَ ليڪو لاهي،
چڙهي ويو تيل چوٽيءَ تي، وڃون ڪيئن ڪار ڪي ڪاهي،
اٽو ناهي، لٽو ناهي، اڄهي جي انتظاري آ،
رڳو خالي دِلاسن ۾، عُمر ساري گذاري آ.

جڏهن ڪان "نورَ نانگن" سان، اڃي ياري رکي آهي،
تڏهن ڪان مُلڪ هن ۾ ٿي، اڃي بس بيوَسي آهي،
پريشانيءَ ۾ هر ڪو آ، نہ ڪنهن ڪي ڪا خُوشي آهي،
سواءِ چند ماڻهن جي، ٻين لئہ خُودڪشي آهي،
"ردِن" جي رُوپ ۾ "بگهڙن"، ڪئي تخريبڪاري آ،
رڳو خالي دِلاسن ۾، عُمر ساري گذاري آ.

“روينيو” ڪان آهي زاري، ٿي ڪاتن تي خُواري آ،
رڳو منشيات ۽ چوريون، جُوئا پيي جامَ جاري آ،
نہ آفيسر ڪئي ڪنهن پيي، اگهن جي پوئيواري آ،
جيالن جيب ڪترڻ جي، ڪئي ٽُرتئون تياري آ،
اڇي هروقت ٿي تن لئہ، اَندر مان آهَ و زاري آ،
رڳو خالي دِلاسن ۾، عُمر ساري گذاري آ.

“جمالَ” آخر وطن هن تان، ڪري تاريخ پٽي ڇٽرون،
اسان جي مُلڪ تي ناقِص، مُخالف جون آهن نظرون،
ڪڏهن پارت جي ڏمڪين جون، ٻُڌون هر روز ٿا خبرون،
ٿئي آزاد شل سنڌڙي، ٿين مقبُول تحريرون،
فقط اعلان تقريرون، رڳو بي روزگاري آ،
رڳو خالي دِلاسن ۾، عُمر ساري گذاري آ.

▼

اُڏامي عرش تي اڄ ٿو، ڪيائين ڪاله ٿي آزي،
مِلڻ لئہ اڄ وڃي جيڪو، ٿئي پوتار بي راضي،
عداوت آهي اَپرن سان، رڳو رهزن رکي راضي،
دِلاسا ڏئي ڪري دوکا، ڪٿي جنهن هيءَ آهي بازي،
ڪڏهن "ڪينجهر ڪراچيءَ" ۾ رکن شيشا شرابن جا،
قصا ويهي ڪريون ڪهڙا، نسورو تن نياڳن جا.

چڱا ماڻهو اُهي آهن، جيڪي هُئا چور چوڏاري،
"رَمي نوخال" جا ماهر، جبل جيڏا سي جُوئاري،
ڪندا ڪم ڪونَ ڪو ڪنهن جو، رڳو دوکي جي دلداري،
ڪُپت ۽ ڪوڙ جي تن کي، بَدن ۾ آهي بيماري،
زبان تي گار گند تن جي، ڌرم ۽ دين ڇا تن جو،
فقط نالي سندا ماڻهو، اهو اخلاق ناهي ڪو.

اَڇي قابو ڪيو آهي، غريبن اَڄ غَدارن کي،
وڪوڙي وهم ويا آهن، نہ هڪڙي پر هزارن کي،
ڪِرڻ جا يارَ ڪي ڪارڻ، ٿيا پيدا ڪنڌارن کي،
خدا ڪڏ ۾ هڻي تن کي، انهن موذي مَڪارن کي،
رِياڪاري ۽ رُشوت سان، گناهن ۾ گذارو ڪن،
ستائي ٿا غريبن کي، مگر مسڪينَ مارو ڪن.

عُشر زڪوات جا پئسا، اڇن ٽا پُڙ اَميرن لئہ،
اَٽو ڪنڊ، گيه ۽ داليون، ملي ٿي چانه چيلن لئہ،
اجان امداد ٻي ايندي، اُها آهي يتيمن لئہ،
عياشي عيش ۾ آهن، غضب آهي غريبن لئہ،
نڪو نلڪو نڪو بجلي، ۽ ڪُتلن جو خدا آهي،
جَهنّم ٿو ڏِڃي جن ڪان، اُها دنيا جُدا آهي.

نِماڻا نيچ ٿيا آهن، وڏي جن ۾ وڏائي آ،
ڪئي مسڪين ماڻهن سان، ٻِلا ڪهڙي ڀِلائي آ،
هَميشہ دَور هر ڪنهن ۾، نہ ڪئي ڪنهن سان چڱائي آ،
اِلاهي ٿيا عُذر دل ۾، اَندر ۾ ئي ڪوتائي آ،
ڪُپت ۽ ڪُوڙ دوکي جو، اَندر ۾ ڪو اَثر آهي،
اسان جي ئي ڪمن ڪي ڪا، لڳي ڪنهن جي نظر آهي.

"جمالَ" آخر، عُمر ساري، رئيسن ڪي نہ رهڻو آ،
سدائين يارَ ڪُرسيءَ تي، وڏيرن ڪي نہ ويهڻو آ،
پِلي ڪيڏي بہ ڪن ڪاوڙ، چڱائيءَ جو تہ چوڻو آ،
خدا ڄاڻي اجان ڪهڙو، دنيا ۾ دَور اچڻو آ،
اسان ڪي جو بہ هو چوڻو، چيوسين آ سندن مرضي،
نڪان پيو ساهَ ڪڍي سڀ ڪو، نہ ڪنهن جو ڪير آ قرضي.

▼

قيامت تَڪ رَهي قائم، "سُونهاري" سنڌڙي مُنهنجي،
هُجي آباد شل دائم، پياري سنڌڙي مُنهنجي،
نماڻي نينهَن واري آ، نياري سنڌڙي مُنهنجي،
"ڀِٽائيءَ" جي ٻَلي هيءَ ٻُونءِ، ٻَلاري سنڌڙي مُنهنجي،
وَسي واري پئي "سنڌوءَ" ۾، ڪئي دُشمن دغا آهي،
مَچن "مهراڻ" جون مستيون، سُڪل جيڪا صفا آهي.

سَڳوريءَ سنڌڙيءَ هن تي، "سڪندر" جي هُئي سرداري،
گهڻو عرصو "گهِراٽا" پڻ، وسائي ويا آهن واري،
هِتي هو چَچّ جو چرچو ۽ "ڏاهر" ڏاڍ ڏيکاري،
"عرب ۽ غزنوي، سومرن"، "سمن" آ پرت پو پاري،
اجان "ارغُون"، "تُرخانن"، ڪئي هِت اِنتها آهي،
"مُغل" ۽ پو "ڪلهوڙن" ڪئي، حُڪومت جا بجا آهي.

ٽِيا پوءِ "ٽالپر" حاڪم، هَوس ۽ حرص حسرت لئه،
حڪومت وئي هَلي تن جي، رهيا اُهجاڻ عبرت لئه،
اچي "انگريز" ويا آخر، "هلاڪو" جهڙي حالت لئه،
طرح اهڙيءَ سان سڀ آيا، قُرڻ هي ديس دولت لئه،
فقط آثار رهجي ويا، ٽيو هر هڪ فنا آهي،
ٻهاريءَ تي نه ڪر بانور، "ٻهاري" ٻه بقا آهي.

بَنيو هي آهي "پاڪستان"، پهچي ويا پو "پنجابي"،
سَچڻ سمجهو نہ سنڌين جا، اِهي "برمي ۽ بنگالي"،
جڏهن "افغاني" هِت آيا، تڏهن ٿي بُک ۽ بدحالي،
"پناهگيرن" پناهَ ورتي، وطن جا ٿي ويا والي،
سدائين، سُورَ سنڌين لئہ، نہ دارُون ڪا دوا آهي،
هڙپ ٿئي مال هر پيري، سو رهزن لئہ رَوا آهي.

هِتي جي چيز هر چوکي، "ڪٽڪ، ساريون، ڪمند، ڪيلا"،
بنهي "مهراڻ" جي ڪپرن، مَٿي آهن "ٻبَرُ"، "ٻيلا"،
"ڪُهاڙي، ٽوپي، اَجرڪ"، سان، سُونَهن ارڏا تہ البيلا،
"پرولين" جا جيڪي ماهر، مچائن "مچ" مَٿي ميلا،
مَٿي تي "بوسڪي پٽڪو"، عجب تن جي اَدا آهي،
لَکن جي لوڏ آ تِن جي، ڏِسڻ جهڙو لَقا آهي.

سچي هُئي "سُهڻي ساهڙ" سان، ڪروڙين ٻيا قِصا آهِن،
هِتي هو ناز نُوريءَ جو، ڳيا "مومل" مزا آهن،
سچائيءَ سان تہ "سَسئي" هئا، "جبل" جهاگيا جَجها آهن،
مُحبّت "مارئيءَ" جي ڏِس!، پسند اُن کي پَکا آهن،
نياپو نَر ۽ ناريءَ آ، ٻُڏا ڪو بيوفا آهي،
دليريءَ ۾ بہ دنگ آهن، وَچن تن جو وَفا آهي.

اَسان جي ديس هِن تي ڪَئي، عنايت "شاهَ عنايت" آ،
"سچل" سرڪار سائينءَ ۽ "قلندر" جي ڪرامت آ،
"بلاول ۽ عنايت" جي، شريرن ڪئي شهادت آ،
"ملن، ميرن ۽ پيرن" جي، بنايل سڀ بَغاوت آ،
سڄي سوچي ڪري سازش، سُڻائي سا سزا آهي،
جَهنّم ٿو ڏجي جن ڪان، نہ تن لئہ ڪا جَزا آهي.

ڀَلو هِت شهر بهتر آ، ڪراچي سنڌ جي گادي،
زبان هڪ آ، ۽ سڀ هڪ ٿيو، ڇڏيو "لاڙي ۽ اُترادي"،
"گدڙ ۽ گورپٽ گينڊن"، ڪريو "بگھڙن" جي بربادي،
اُٿو جاڳو اَدا جلدي، ڪپي ٿي هاڻ آزادي،
وسيلن ۽ زبان تي جن، ڪيو قبضو سَدا آهي،
خُدا ڄاڻي تہ ڇا ٿيندو؟ اجان هيءَ اِبتدا آهي.

"جمالَ"، آهي اَمڙ سنڌ جي، لِکيو هي شعر عَظمت تي،
اسان کي ناز آ سنڌ جي سَمُوريءَ سڀ ثقافت تي،
ٿڏي آ "هيرَ" "سنڌڙيءَ" جي، فخر آ اِن عنايت تي،
مُبارڪ آهي سنڌين کي، "نبيءَ" جي اِن "بشارت" تي،
منو "مهراڻ" جو پاڻي، اهو آبِ شفا آهي،
ٿئي آزاد شل "سندڙي"، اِها دل سان دُعا آهي.

مِلن ٿا پاڻ ۾ اڄ، دلرُبا اي يومِ آزادي،
خُوشيءَ جو دَور آيو جابَجا اي يومِ آزادي،
ننڍا توڙي وڏا سڀ، خُوش ٿيا اي يومِ آزادي،
رهي ڪنهن کي شڪايت، ڪانڪا اي يومِ آزادي،
پکڙجي وَئي بَهاريءَ جي، هوا اي يومِ آزادي،
مُبارڪ، صد مُبارڪ، مرحَبا اي يومِ آزادي.

مُسلمانن جي گردن مان، ويو طوقِ غُلامي اَڄ،
مُڪمّل ٿي چُڪي، آزادي آهي مُدامي اَڄ،
ٿيو "رُوح الامين" آهي، سدا تنهنجو پيامي اَڄ،
سعادت تنهنجي سان، قُدرت بہ ٿي آ هَم ڪلامي اَڄ،
هُجين دائم اصل ڪان، اِنتها اي يومِ آزادي،
مُبارڪ، صد مُبارڪ، مرحَبا اي يومِ آزادي.

وطن جي ناز جو هر راز، تو ۾ ٿي چُڪو مُبهم،
وطن جو تون، وطن تنهنجو، سدا همراز ۽ همدم،
هُجي سَرسبز جهنڊو شال، پاڪستان جو قائم،
ڪيو آزاد آهي، ملڪ سارو قائِد اعظم،
اُهوئي ٿيو اسان جو رهنما، اي يومِ آزادي،
مُبارڪ، صد مُبارڪ، مرحَبا اي يومِ آزادي.

اسان جون جيڪي تقديرُون، ٽيون تبديل تو ۾ اڄ،
اميدون سڀ سندم دل جون، ٽيون تڪميل تو ۾ اڄ،
سراسر سڀ هي ترقيءَ جو، ٿيو تفصيل تو ۾ اڄ،
اسان تي ٿي چُڪي رحمت، سندي تنزيل تو ۾ اڄ،
اها توکان سري عُمدي، عطا اي يومِ آزادي،
مُبارڪ، صد مُبارڪ، مرحَبا اي يومِ آزادي،

سموريون نيث ٿيون پُوريون، دماغ و دل جون تدبيرون،
ڀڃي پورا غُلامي جون، ٽيون اڄ زُود زنجيرون،
فَلڪ تي جڙ ويون پهچي، سندم سڀ تيز تنويرون،
ٿيون مقبول سڀ منهنجي، قلم جون نيڪ تحريرون،
مَلائڪ پيي عجب ۾ اڄ، پيا اي يومِ آزادي،
مُبارڪ، صد مُبارڪ، مرحَبا اي يومِ آزادي،

عجائب چوڏهين آگسٽ، ۾ تُنهنجي وِلادت تي،
وِلادت هيءَ اسان جي لاءِ، سچ پچ هڪ سَعادت تي،
سَعادت تي، ڪرامت تي، نِزاڪت تي، لَطافت تي،
مسلمانن کي هيءَ حاصل، خُداوند کان ٿي نعمت تي،
خدا جي ٿا ڪريون، حمد و ثنا اي يومِ آزادي،
مُبارڪ، صد مُبارڪ، مرحَبا اي يومِ آزادي،

ٿيو تاريڪ راتين مان، نصيبن جو سحر پيدا،
اسان جي محنتن جو اڄ ٿيو عُمدو اَثر پيدا،
اُونداهي رات تي پُوري، ڪڪر مان ٿيو قمر پيدا،
وطن جي راهَ تي اڄ ٿي، چُڪو آ راهبر پيدا،
ٿي ترقي جي اِهائي، ابتدا اي يومِ آزادي،
مُبارڪ، صد مُبارڪ، مرحَبا اي يومِ آزادي.

وڻندڙ ٿا لڳن دل کي، نوان نت نت نظارا اڄ،
فلڪ تي ڏس خوشيءَ کان ٿا، وڄن نوبت نغارا اڄ،
لِيا پايو ڏسن هَر هَر، قمر شمس و ستارا اڄ،
ٻُڌن ٿا شعر سڀ خوش ٿي، ”جمال“ ۽ جيءَ جيارا اڄ،
چوي ٿي دل هجين قائم، سدا اي يومِ آزادي،
مُبارڪ، صد مُبارڪ، مرحَبا اي يومِ آزادي.

▼

سنڌ جو هيرو سچو سرڪار آ عبداللطيف،
سنڌين ۽ سنڌ جو سينگار آ عبداللطيف،
سُونَهن ۽ سُرهاڻ جو سردار آ عبداللطيف،
هر هنيين جو هار ۽ هيڪار آ عبداللطيف،
زاهدن جو زيب، زينتدار آ عبداللطيف،
روشنيءَ جو چمڪندڙ مينار آ عبداللطيف،

درد جو "درياهه" رَوان، ڏاڏڪار آ عبداللطيف،
لال هي مرجان موتي، منٺار آ عبداللطيف،
دُرعدن جو دلربا، دلدار آ عبداللطيف،
گُل اِهو گُلشن سندو، بي خار آ عبداللطيف،
نينَهن ۾ ٽيو نَرِاهو نروار آ عبداللطيف،
روشنيءَ جو چمڪندڙ مينار آ عبداللطيف،

ڪِٿ سَسئيءَ جي سڪ رکي، پيو پير پُنهل جا ڪَٽين،
ڪِٿ وري تون ٿيو پَوين، پُنهل جي پيرن جي پَٽين،
ڪِٿ منا مُومل تون بنجي، ٿو هنيين تي هٿ هَٽين،
لهرين جي لهوِ چڙ ۾، سُهڻيءَ جا ٿو سڏ سُٽين،
مارئي جي مُلڪ لئہ تند تار آ عبداللطيف،
روشنيءَ جو چمڪندڙ مينار آ عبداللطيف،

نيڪ سيرت، نيڪ صُورت، نيڪ آ جَلوو "جمال"،
جاڳ ۾ يا خواب ۾، بس ٿو رَهي تنهنجو خَيال،
گوهرِ ناياب آهين، ناهي تنهنجو ڪو مِثال،
شاهَ تنهنجي شاعري ٿي، لوڪ ۾ آ لازوال،
وَڏ ڦُڙي جيئن ٿو ڪري، وَسڪار آ عبداللطيف،
روشنيءَ جو چمڪندڙ مينار آ عبداللطيف.

▼

# انسان کي نصيحت

آهين تون اولادِ آدمِ، ڪين شَر شيطان تي،
ڇڏ انا اخلاق سک، هرگز نہ تون حَيوان تي،
انگ ڇڏ ابليس جا، ناحق نہ تون نادان تي،
صُورتِ انسان آهين، سيرتِ انسان تي،
ڏِيس جا دُشمن دَسي، مسلم سندو معمار تي،
ننهَن نِڙيءَ تي تِن کي ڏيئي، سر وَڍِي سالار تي.

ڇا جي لئہ خاموش آهين، هاڻ تون هُوشيار تي،
جنگ جي ميدان ۾، نعرو هڻي نروار تي،
آگ، ٽاندو، باهي بنجي، چِٽنگ تون چوڏار تي،
غير ۾ ڪو دم نہ آهي، مرد مڙيادار تي،
غمزدن جو يار بڻجي، تير ۽ تلوار تي،
ڪنهن تي بار تي. نيٺ هڪ ڏينهن آهي مرڻو ڪين

پاڪ مذهب پنهنجي ۾ آ، هٺ وڏائي ناروَا،
ٿو تونگر جو بہ ٿئي، سو آهي بلڪل بينَوا،
بينوا پاڳل اُنهيءَ جي، درد جي ناهي دوا،
ڇَڏ مَغز مان تون ڪڍي، دُنيا جي سڀ حرص و هَوا،
هوڏ ۽ هستي ڪري، تون ڪين بي اختيار تي،
چيز ڪهڙي آهين تون، ڪُجھ سوچ ۽ ويچار تي.

تيز ڪر تبليغ تون، قادر سندي قُرآن جي،
ڪر ثنا پيو تون سدا، پنهنجي سچي سُبحان جي،
اِبتدا کان اِنتها، ڏئي ثابتي ايمانَ جي،
وار ڪر ويريءَ مٿي، طاقت رکي طُوفان جي،
ڪر جهالت ختم تون، ۽ اُت اُٿي اظهار ٿي،
دين ڦهلائي دنيا ۾، مذهبي مينار ٿي.

ڪين ڪنهن جي ڪاڻ ڪڍ تون،ڪرنہ ڪنهن جو تون فِڪر،
پنهنجي پختن تون ارادن، جو ڪو پيدا ڪر اَثر،
همّت و حشمت سان ڪر ڪو، ڪارنامون ڪارگر،
ڇا ٻِلا توکي ڪندا، معمولي موذي مِڙ مَڇر،
نعرهءِ تڪبير چئي تون، رُڪ جي ديوار ٿي،
خارَ مان تون خار بنجي، خنجرِ خونخوار ٿي.

نفرتون دل مان ڪڍي، هاڻي حسد کي ختم ڪر،
رنج روساما ڪڍي ڇڏ، ڪر نہ ڏاڏايون ڏمر،
ويرَ ويتر ڇڏ وساري، ٻَڌ ڇڪي قابُو ڪمر،
دُشمنن سان جَنگ جوٽي، هُل هنگامون ڪر حَشر،
جان جي پرواهَ! نہ ڪر تون، جان کان بيزار ٿي،
هٿَ حياتيءَ تان کڻي تون، قاتلِ اَغيار ٿي.

نغمءِ "يُوسف" ڇڏي ڏي، لات "ليليٰ" جي نہ ڪر،
ڦِهڻ کي پُرزا ڪرڻ، "فرهادَ" جهڙي ڪار ڪر،
ظُلم جي زنجير ٽوڙي، جهور جاهل جو جَبر،
ڏک هَٽي دهشت ڪري، دُشمن کي ڪر تون دربَدر،

جوش جذبي سان سِگهو نوخيز نينگر نارُ ٿي،
“جيترو بس ٿي سَگهي، دُشمن جي لئہ آزار ٿي”.

تير هَڻ اهڙو تَڪي، جو گز نہ تُنهنجو هڪ گُسي،
ڪست مان ڪاوڙ ڪري تون، پنهنجو دُشمن وِجه دسي،
ڏڙ سِسيءَ ڪان ڏارَ ڪر تون، ڏيه سارو ٻَل ڏسي،
لت هَٽي چڏ لاش لوڙهي، جو خُوشي توڪان کَسي،
وقت هي ناهي ويهڻ جو، حيدري هٿيار ٿي،
جيستائين زندگي آ، تون مُخالف مار ٿي.

وِڙهہ سدائين راهِ حق ۾، ڪڻ نہ تون پُٺتي قَدم،
منزلِ مقصد تي پهچڻ، آهي زنده دل جو ڪم،
جوش جذبو، ولوَلو جي، حوصلو آ دمبَدم،
قوم اُنکي ڪين ڪڏهين، سهڻو پئي ٿو ڪوبہ غَم،
ڪونَ تون ڪمزور آهين، ڪين بس بيڪار ٿي،
درد جو “دريا” لتاڙي، دوست اُڪري پار ٿي.

دُشمنن جون قُوّتون ڪُل، ڪر اِرادا پائمال،
تُنهنجي جُرئت ۽ جِسارت، جو دُنيا ڏي ٻَل مِثال،
ڪر “بلاول” ۽ منا، “منصور” جهڙو ڪو ڪمال،
جُرئتون جيڪي بہ ڪن ٿا، تن جو جَرڪي ٿو “جمال”،
خواب غفلت کي ڇَڏي ڏي، اُٿ اُٿي بيدار ٿي،
قُوّتِ بازو سان دُشمن، جي مَٿي هَسوار ٿي.

▼

# نـــڌـــو

ڪُل ڪراچي ڄامشورو، ٿو اچي هر حُسن وَر،
هارَ پايو حرص ڪريو، ناز ڪن ٿا ناز وَر،
پدمَڻين جو پرت وارو، نرگسي نازِڪ نظر،
گهورَ سان گهايو وجهن، اکڙين ۾ اهڙو آ اَثر،
عرش ۾ جيئن ٿا لڳن، اعليٰ اُتم شمس و قَمر،
سنڌ ۾ سُهڻو سيڻ ڪان، نينَهن وارو آ ننگر.

محبتي ماڻهو منجهس، ۽ ناز نُوريءَ جا هُئا،
جنهنجي نِوڙت نياز سان، ٿي بادشاهه پُلجو پيا،
ڄامَ ڄارو هو هَٿن ۾، ڪم اِهي قسمت ڪيا،
هڪ نہ نوُري هُئي نِماڻي، داستانا ڪوڙ پيا،
اڄ بہ سا آباد آهي، قُرب وارن لئہ ڪينجهر،
سنڌ ۾ سُهڻو سيڻ ڪان، نينَهن وارو آ ننگر.

سِڪّ سَسئيءَ ڪي بہ هُئي، هو پيار پُنهل جو پَڪو،
ڪونَ ٿو وِسري اُهو، اڄ قُرب وارن جو قِصو،
ڏرتي ڦاٽي تن لئہ پيئي، ڪونَ ايئن ڪنهن لئہ ٿيو،
ڪو پتو ڪنهن ڪي نہ پيو، بس هار جو يا جيت جو،
اِنتها ٿي عشق جي، ڪا ڪونَ هُئي ڪنهن ۾ ڪسر،
سنڌ ۾ سُهڻو سيڻ ڪان، نينَهن وارو آ ننگر.

هو هِتي "مخدوم هاشم"، آهي "اصحابي" اِتي،
"مائي مڪلي"، "شيخ جيئو"، "مخدوم آدم" آ هِتي،
درس هلندو هو دُنيا جو، جوش جذبي سان جِتي،
ڏاڍو ڏاڍي سان ڳنڍي ويا، سُٺ ڪي ڪوري ڪِتي،
ڪيترا قابل ڳمي، رهندا هُئا ڪي ڪارگر،
سنڌ ۾ سُهڻو سڀِن کان، نينَهن وارو آ ننگر.

هِن ۾ "دريا خان" هو، ۽ هن ۾ "ننڊو ڄام" هو،
۽ "تماچيءَ" جي نسن ۾، نُوريءَ جوئي نام هو،
زر خَريدو ڄڻ تہ اُن جو، هر صُبح ۽ شام هو،
قُرب جي قيمت ڏنئين، "ڪينجهر" سچو اِنعام هو،
ميربحرن جا مزا ٿيا، ۽ لٿو ڏيہ تان ڏُڪر،
سنڌ ۾ سُهڻو سڀِن کان، نينَهن وارو آ ننگر.

هِن ۾ "مسجد شاهجهان" جي، ڪوٽ هن ۾ آ "ڪلان"،
گُل گُلابي، "موتين" جي، سُونهن ساوڪ ڇا ڇَوان،
حُسن جي ڪا حد نہ هُئي، "مهراڻ" موجز ۾ رَوان،
محنتي ماڻهو هتي جا، هي آ تن جو آستان،
مدرسا مشهُور هُئا، ۽ علم سان گڏ هو هُنر،
سنڌ ۾ سُهڻو سڀِن کان، نينَهن وارو آ ننگر.

صاف سادي آهي ٻولي، لاڙَ واري هيءَ زبان،
هن پَڪيءَ ٻوليءَ اَندر، آهي پٿائيءَ جو بَيان،
قُرب ۽ ان ۾ سَچائي، عاشقن جي آ عَيان،
واهَا جي ٻولي وٽي ٿي، هِت جيئان ۽ هِت مَران،
هر اکر موتيءَ مِثل، آ شهد شيرين ۽ شڪر،
سنڌ ۾ سُهڻو سين ڪان، نينَهن وارو آ ننگر.

هِن ۾ "جاتي، جهوڪ" آهي، "جُنگشاهي" ۽ "جمال"،
دل "دڙي" سان ٿي لڳي، "گهاري"، گُجي" جي مِڙ مقال،
"ڪيٽي بندر" ۽ "بنورو"، ڪر "سجاول" جي سنڀال،
راج راڻن جا رهيا ٿي، ويا ڪري ڪيڏا ڪمال،
"وَر، غُلام الله، ٻُهارا"، منهنجو مرڪز "ميرپور"،
سنڌ ۾ سُهڻو سين ڪان، نينَهن وارو آ ننگر.

# پاڪستان

ڪيئن ڪريان تحرير آئون، مُلڪ پاڪستانَ تي،
مُلڪ جي هر هڪ حصي مان، باغ ۽ بُستانَ تي،
ديس جي دودن دليرن، مرتبي ۽ مانَ تي،
شانوَر شانائتي، شهزور عاليشان تي،
اِبتدا بس ٿا ڪريون، پهرين بلوچستان ڪان،
ٻَپ جبل جي پٿّرن، ۽ ريتي ريگستان ڪان.

واهَ جو ماحول هُت آ، هر ٻُڌِي ۽ ٻارَ جو،
هو پَڪا پُختا زَبان جا، لفظ هڪ اِقرار جو،
هُن ۾ "پسني" آ "گوادر"، ۽ ضلعو "خُضدار" جو
هُت هَرڻ ۽ "شينهن شِڪرا"، گوڙ آ "ڳونار" جو
واٿَ "وِندر" جي وَراڪن، وَر وَڪڙ ويران ڪان،
"حب نَدي" "هاڙهي" جي هِڪ هِڪ، چوٽين چوغان ڪان.

هوش ۽ همّت ۾ هردم، هُو زياده زور ٿَئي،
پُر پڙاڏا حوصلي جا، شانوَر شهزور ٿَئي،
بي ٻَها بلڪُل ٻهادر، ڪونَ هو ڪمزور ٿَئي،
هُت "مَري"، "مينگل"، "بروهي"، ۽ "اڱاريا" اور ٿَئي،
"رائفل" اُستاد ڄاڻو، ماهرِ نيشانَ ڪان،
جنگجُو جوڌن جي جوهر، جوش ۽ جولان ڪان.

هُت پَلر پالوثَ سان، ٿا مُحبتي ميلا مَچن،
وقت وَس جي مال ڪاهيو، مالوَند ماڻهو اچن،
هُت "مُنگھا"، "ٻاڳيون" ٿين، سڀ گاھ ٻُوٽا ۽ "چندن"،
"خَس ڪٿوري" کوڙ ٿئي ٿي، چاھَ مان "چانگھا" چَرن،
"چاغي ٻُولو"، "پنجيائي"، "ڪُنگري"، "شيرانَ" ڪان،
"نُورگاما"، "مول، واڏڙ"، "ڪوئٽا، ڪونان" ڪان.

سرحَدي صُوبي طَرف، سڀ پاڙ ٿا اڳتي هَلُون،
"خان زادن"، "پٺڪي" وارن، ساڻ ٿا مُرڪي مِلُون،
"پشتو ٻولي" پيارَ واري، خُوش ٿيو تِن سان ڪِلُون،
"ڪوھ هندوڪش"، مُندري، ۽ "چارباغَ" ٿا چَلون،
ٿا هِتان داخل ٿين ڪي آدمي، "افغان" ڪان،
"بورمل"، "ڪابل"، "سروبي" "ناري بورستان" ڪان،

"انبَ ۽ انگُور" هُت، ٻي کوڙ ٿيندي آ "کَجور"،
"مالِٽا"، "انجير" ۽ "زيتون" هُت آهن ضَرور،
باغ سان آهي بهاري، ٿو اچي سُهڻو سُرور،
ايتري نعمت جي هُوندي، ڪونَ آ تِن کي غُرور،
ٿا چَمر چچيون پَون، "ڪاغان"، "ڪوھستان" ڪان،
"ڪوھ مَري"، " کي ٿو جبل"، هيبت وڏي حيران ڪان.

برف بارش جيئن وَسي ٿي، هُن حصي تي عام جام،
تنهنڪري تڪليف ٿئي ٿي، سرد موسم ۾ تَمام،
ٿا بنائن خُود اُهي، هَٿيار ۽ گُوليون مُدام،
هُو رکو بارود آهن، ڪيترا ڀَريل گُدام،
"ڪرڪ" ۽ "مردان"، "ڪجُوري"، "رزمڪ وناران"، ڪان،
قوم "اصغر خان" واريءَ، تيز طُوفان ڪان.

پنج نَدي "پنجاب" ڏي بَس، پاڻ ٿا منزل ڪريون،
"راوي"، "جهلم" جي سَين، موجزن مٿي محفل ڪريون،
تِن جي بس هر هڪ اَدا تي، ڳاله هڪ دل ٿي ڪريون،
بند جن پاٽي ڪيو آ، تِن تي ڪو ڪرڳل ڪريون،
گڏجي سڀ تيلي رکون ڪا، "مُغلور" ميدان ڪان،
باهِ ٻيل ڀڙڪا ڪري پئي، "جنڊ ۽ ملتانَ" ڪان.

هُت وڏا آهن وَلي، ۽ مسجدون مينارَ پُڻ،
سُونَهن سيڪا آ هُتي، ۽ سو بسو سينگار پُڻ،
باغ بيحد هُت گهڻا، ۽ گُلشن و گُلزار پُڻ،
هُت مزا آهن وڏا، ۽ مَن گُهريا منٺار پُڻ،
ٿو حقيقت پيش ڪريان، مست من مَستانَ ڪان،
بس چوان جيڪو پيو، سو گهٽ نہ آ ڪو شانَ ڪان.

سرزمينِ سنڌ پهچي، ٿا ڪريون پُورو سَفر،
هِت وڏا ڪامل وَلي، ۽ عارفن جو آ اَثر،
هِت لطيفي لات آ، ۽ قُرب "قَلندر" جو ڳَٽر،
هِن سڳوريءَ سنڌ تي آ، غير جي هردم نظر،
پر جُهڪيو جَهٽ پَٽ پوي، ڪنهن جي ڪرامت ڪانَ ڪان،
ڪين ڪُجه تڪليف ٿئي ٿي، مُٺ گهُري نادانَ ڪان.

آ هِتي "ڪيٽي بندر"، "مهراڻ"، "منڇر"، ۽ "ڪينجهر"،
"لاڙڪاڻو"، "گهوٽڪي"، ۽ "ساڪرو"،"سيوهڻ، "سکر"،
هِت "ڪراچي"، "ڪوٽڙي"، بس، آ سڄو "ٿرپارڪر"،
"خيرپُور" خاشو گهڻو پَر نينَهن وارو آ "ننگر"،
سنڌ ۾ آيا هِتي، "اصحاب" "عربستانَ" ڪان،
اڄ زيارت تون ڪري، تِن جي تنبو طُولانَ ڪان.

حُسن جو هوڪو هَلي ٿو جابَجا جَلوو "جمال"،
مُدبّر عالم اَڪابر، علم وارا بي مِثال،
پارڪو پيدا هِتي ٿيا، ناهي ڪنهن کي ڪا مَجال،
سنڌ آ سرسَبز ساري، لُطف آهن لازَوال،
هي متاثر ٿي لکيو مون، نيڪ ڪنهن انسان ڪان،
رحم جي ٿو مان دُعا، دل سان گهُران رحمانَ ڪان.

▼

# مارئي جي ساروڻي

هزارين هار هيرن ڪان، مَٽي آ مانُ مارن جو
ڪري شل معافِ ميرانڏي، مَرم ماري ميارن جو
الائي ڇا تہ هوندو حال، ٻاٻاڻن جي ٻارن جو
اِهي ڪُنگرا ڪري پوندئي، لڳو جي ڏڪ ڏنارن جو
سِتم سختين، ڏُکن دردن، اندر جي اوڇنگارن جو
اَٿر ٿيندو وڃي آخر، پنوهارن جي پُڪارن جو.

اِجهو ايندا اباڻا هُو، نهاريان روز ٿي راهُون،
پڙاڏو ٿيو پنوهارن ۾، ڪيون تن درد مان دانهُون،
سراسر سُومرا سائين، ٻڌان ٿي تو اڳيان ٻانهُون،
پَون ٿا پُورَ پلپل ۾، اچن اندر منجهان آهُون،
رهي ٿو سوز سيني ۾، سدائين تن سنگهارن جو
اَٿر ٿيندو وڃي آخر، پنوهارن جي پُڪارن جو.

”ڪنگڻ“، ”ڪنمال“ تون آڇي، ڇوين ٿو ”پٽ پَٽيهر“ ٿي،
وڇن آهي ويڙهيچن سان، ويندس آخر اُنهن وٽ ئي،
پڪا ”پيرون“ پلر پَلٽيا، وطن ڇَڙهيا وَري واسي،
خُدا جو خوف رک دل ۾، آهيان تنهنجي اَبي جي ڌي،
پوي شل پاپ هي توتي، ڏکوبل ڏيه وارن جو
اَٿر ٿيندو وڃي آخر، پنوهارن جي پُڪارن جو.
پَلي ڪيڏي بہ ڪر مونسان، مگر توکي مَڃائيندس،

“ڪڙولا” قيمتي ڪپڙا، “بُولو” بلڪل نہ پائيندیس،
ڏُکائي دل تو مُنهنجي آ، ٻين کي پي ٻُڌائيندیس،
اِها هستي هَلي ويندئي، توکي جهٽ ئي جُهڪائيندیس،
غريبن جو غضب پيو جي، ڏُٽولين ۽ ڏنارن جو،
اَثر ٿيندو وچي آخر، پنوهارن جي پُڪارن جو.

شريفن جو نہ هي شيوو، ڏُٽولين تي هٽن ڏاڙا،
اسان مسڪين مارن جا، توکي پرتا آهن پاڙا،
رچايا “رَعد” اج رنگڙا، ڦُٽي پيا گاهَ گولاڙا،
ڪريو ٻوليون هٽن گوليون، تنواريو تيز اج تاڙا،
لِڱن تان لوئيءَ کي لاهڻ، مُناسب ناهي مارن جو،
اَثر ٿيندو وچي آخر، پنوهارن جي پُڪارن جو.

سُريلو سُر پيم ڪن تي، پيا ٻولين ٻابيها،
چمن ۾ چهچٽو آٽي، چَري دل ويا ڪري چيها،
مَرڻ کان ڪين مان مڙنديس، پَلي وِجه ڊپ وڏا ڊيها،
مِلان شل ملڪ وارن کي، اَندر ۾ آس آ ايها،
ڏسان ڏيهي، سجڻ سيئي، نمومو ٿئي نظارن جو،
اَثر ٿيندو وچي آخر، پنوهارن جي پُڪارن جو.

▼

مَٿايان سونَ تي ڪيئن مان، سڳوريءَ سنڌ وارن ڪي،
مِٺن مارن، وطن وارن، نماڻن ننگ دارن ڪي،
سَمن، سُوسن، گُلن، غُنچن، چمن ۾ چنڊ تارن ڪي،
شريفن شانَ وارن ۾، حسينن حال زارن ڪي،
گگوريل، ڪارين اکين، عجب تن جي اِشارن جو،
اَثر ٿيندو وڃي آخر، پنوهارن جي پُڪارن جو.

لِکي پُرزو ڪيم پُورو، ڳچيءَ ۾ پاندڙو پائي،
نٿي ڪانگل ڪريان قاصد، پلي پيو ڳيت سو ڳائي،
"ڪبوتر" هي ڪٽي ڪاغذ، پنوهارن پاس پهچائي،
وڃي منهنجي طرف کان تون، ڳوٺاڻن ساڻ ڳالهائي،
ڳچيءَ ۾ توکي پايان، هار هي لُڙڪن جي لارن جو،
اَثر ٿيندو وڃي آخر، پنوهارن جي پُڪارن جو.

طَرح هيءَ ٿي مِلي تنهن دم، ڪئي ڪنهن مسخري مُونسان،
ڪرڻ ظاهر ٿي چاهي، پنهنجي ڪنهن بالاتري مُونسان،
ڪئي اِظهار ٿي هُن، برتري در شاعري مُونسان،
هَميشہ هم رِڪاب آهي، ستارو مشتري مُونسان،
اثر ان تي نہ ٿيندو، زحُل يا عقرب ستارن جو،
اَثر ٿيندو وڃي آخر، پنوهارن جي پُڪارن جو.

جَجهو جيءَ ۾ “جمالَ” آهي، جُدائيءَ جوش جاڳايو
وڃان شل مان وطن واپس، اباڻن مان نہ اڄ آيو
نَڪي خط ڪيت آ لِکيو رقيبن جو رکي رايو
اسين ياءَ، پيرڻ ٻئي آهيون، خُوشيءَ جا ڳيت اڄ ڳايو
مُبارڪ مرحبا مارن، ڀلو ٿيو ڀاڳ يارن جو
اَثر ٿيو نيٺ آخر هي ، پنوهارن جي پُڪارن جو.

▼

# مه لقا محبوب جون سارونڻيون

تنهنجي چهري ۾ ته چوڏس، چنڊ جي چانڊاڻ آ،
لال لبڙن ۾ گلابي، گُل سندي لالاڻ آ،
تون سراپا سُونهن، تنهنجي سُونهن ۾ سُرهاڻ آ،
قُرب ڪوهياريل جو گهرجي، ٻئي نه ڪنهن جي ڪاڻ آ،
تات ٿي تِن ۾ تپائي، دوست جي ديدارَ جي،
مهلقا محبوب منهنجي، مه جبين منٺار جي.

ڇُوٽ چوڙي چو ڇَڏيا، واسينگ جهڙا وارَ تو
ڍول ڍولڻ پنهنجا ڍاريا، چيله تڪ چوڏار تو
سي ڪُلهن تان هيٺ لٽڪائي، ڇڏيا سڀ يارَ تو
دل ڦُري مونسان ڪيو هو، وصل جو واپار تو
ڪيئن ڪريان تعريف مان، ڪاڪل جي قاتل ڪار جي،
سرس سُنبل جي سدائين، سُونهن ۽ سينگارَ جي.

ڪاريون تنهنجون ڪٽاريون، واهَا جون ويتر وٽن،
ناز سان جي ٿو نهارين، ڇُوٽ ٿيون ڇاتيون ڇٽن،
دلرُبا تنهنجون ڏُوناليون، ٿيون غضب گوليون هَٽن،
تنهنجي نيڻن جي نِشاني، آ وِڏو گهائي گهٽن،
دل ڦٽي ڦاڙي ڇَڏي، تن برهه جي بيمارَ جي،
“ڪاته قيمت يارَ آهي، لُڙڪ جي هر لارَ جي”.

خُونَ سان سي خُوب ڀَريل، تُنهنجون اکڙيون آليون،
ڪنهن جي مارڻ لئہ مِنا، تو پرت مان ٻئي پاليون،
دل جي اَندر دوست جون ٿيون، درد ڪن دوناليون،
جهڙي تهڙي زندگي پيا، جڳ ۾ پنهنجي جاليون،
توکي پارت آ پرين، هن منهنجي حالِ زار جي،
جيءَ کي جيءَ سان جڙي، تون ڪين ڪر انڪار جي.

موجَ ٿي وَئي مُلڪ ۾، مُنهنجي وَطن وسڪار ٿي،
گُل کُليا، غنچا ٽڙيا، ٿَر ٻَر وڻو ٽڏڪار ٿي،
باغ ۾ ٻُوندون وڻيون، گُلشن ويو گُلزار ٿي،
ڇهڇٽو ٿيو چوطرف، هر هنڌ وئي هُبڪار ٿي،
خوب خُوشبوءِ ٿي پيئي، تون هاڻ ڪر هاڪارَ جي،
وڻ وطن جا واسِيا، ڇڏ نازوَر ناڪارَ جي.

تو سوا ڪيئن جڳ ۾ جاني، زندگي جالي "جمالَ"،
تاحياتي ياد رهندا، قُرب تنهنجي جا ڪمال،
هنج پنهنجي ۾ هيرائي، ڏي حياتي لازَوال،
شل رهن قائم سدا، پنهنجي مُحبّت جا مِثال،
هر گهڙي پلپل ٻوي ٿي، يادگيري يارَ جي،
زَر نہ زيوَر يار گُهرجي، ڳاله ڪر تون پيارَ جي.

# دلرُبا جو جَلوو

چنڊ جي چانڊاڻ ڏسندي، وقت وسريل ياد پيو،
حُسن جوڀن، جوت جَلوو، گنج گُذريل ياد پيو،
پرت جو پيوند پُختو، پُور پسريل ياد پيو،
نِت نماڻن جون نِگاهون، نيڻَهن نِسريل ياد پيو،
منهنجو مَن ماندو ٿيو، تنهن سُونهَن ۾ سينگارَ هو،
"دل کسڻ جو ڍنگ ڍولڻ، وَٽ نہ ڪهڙو يار هو".

نيمخوابي ناز نرمل، نيڻ نِشتر ياد پيا،
خُوبَرو خُوني خُماريل، خُوب خنجر ياد پيا،
نيڻ تنهنجا ٻئي بلوري، باز برسر ياد پيا،
ٻئي بَهشتي باغ جا، بادام بهتر ياد پيا،
تنهن نظاري ۾ رُنو، رت نيڻ جي هر نارَ هو،
دل کسڻ جو ڍنگ ڍولڻ، وَٽ نہ ڪهڙو يار هو.

"ساڪري" وارن ڪان جيڪا، هيءَ طرح اِظهار ٿي،
فاعلاتن جهڙو سولو بحر بنيو بار ٿي،
مون خُوشيءَ سان دل ڏِني، هُن ڪي بہ پيو لاچار ٿي،
شاعرن جي لاءِ پيو هي، عشق جو آزار ٿي،
جيءَ ۾ جادو ٿيو، تنهن جوت جَلويدارَ هو،
دل کسڻ جو ڍنگ ڍولڻ، وَٽ نہ ڪهڙو يارَ هو.

دل بہ ھُئي دلبر بہ ھو ۽ دوست جو ديدار ھو
چنڊ ھو چانڊاڻ ھُئي، چوڏس چمن چوڏار ھو
باغ ھو بُلبل بہ ھئي، ٻيو سُونَھن جو سينگار ھو
يار ھو ياري بہ ھئي، انجو عجب اِسرار ھو
مُسڪرائي محب مونکي ماريو منٺارَ ھو
دل ڪسڻ جو ڍنگ ڍولڻ، وَٽ نہ ڪھڙو يارَ ھو.

گُل بہ ھُئا، غُنچا بہ ھُئا، گُلشن سجو گُلزار ھو
ناز ھو نوڙت بہ ھئي، ۽ نازوَر نروار ھو
ھوش ھو حسرت بہ ھُئي، ۽ حوصلو ھَسوار ھو
تون ھُئين، ۽ مان ھُئس، ويچو نہ ھڪڙو وار ھو
ديدَ ھڪ سان تنھن ڪيو ٽي، ڏڙ سِسئَي ڪان ڏارَ ھو
دل ڪسڻ جو ڍنگ ڍولڻ، وَٽ نہ ڪھڙو يارَ ھو.

عقل ھو اھليت بہ ھئي، ۽ عشق ھو اھميت بہ ھئي،
شانُ ھو شوڪت بہ ھئي، ۽ غم بہ ھو غُربت بہ ھُئي،
ساز ھو ۽ سوز ھو صحبت بہ ھئي، سنگت بہ ھئي،
موج ھئي، محبت بہ ھئي، ۽ راز ھو رغبت بہ ھئي،
اھڙي منظر تن تپايو عشق جي آزار ھو
دل ڪسڻ جو ڍنگ ڍولڻ، وَٽ نہ ڪھڙو يارَ ھو.

راهَ هئي، رهبر بہ هو، مقصد بہ هو، منزل بہ هئي،
درد هو، ڏُوري بہ هئي، ۽ دوست جي چا دل بہ هئي،
مَئي بہ هئي، مستي بہ هئي، محبوب هو، محفل بہ هئي،
خوب خوشيون ٿي ڪيوسين، هوڏ هو، هلچل بہ هئي،
هِن هنيين کي هيج ڏئي، هيريو هنيين جي هارَ هو
دل ڪسڻ جو ڍنگ ڍولڻ، وَٽ نہ ڪهڙو يارَ هو.

چا "جمال" ۽ جوت جَلوو، جابَجا جنسار هو،
ڳل ڳرائيون، پيچ پُختا، پاڪ پنهنجو پيار هو
تون بہ منهنجو، مان بہ تنهنجو، هي عجب اِقرار هو،
دم رُسي، پرچي پَوڻ، اُلفت سندو اظهار هو
پرت ڏئي پنهنجو ڪيو، تنهن گُلبدن گُل نارَ هو
دل ڪسڻ جو ڍنگ ڍولڻ، وَٽ نہ ڪهڙو يارَ هو.

▼

# ڪُوڙا سياسي ليڊر

وري صاف ڪُوڙا، ڪي ڪردار ايندا،
ڏوهاري ڏيهن جا، ڪي ڏهڪار ايندا،
اَٻُوجهن ۽ ايرن لئہ، ڪي آزار ايندا،
وَري سُورَ ساڳيا، ۽ ويچار ايندا،
وٺي ووٽ پوءِ، تي وهلور ويندا،
ٻڌن ئي ڏينهن ۾، تي مغرور ويندا.

ڪندا ڪوڙَ ڪم ڪو، رُڳو دم دِلاسا،
مِلڻ ۽ کِلڻ ويو، ڪندا پويان پاسا،
مَٽن جي هُئي محبت، اُها تي وئي ماسا،
نوان جڙ پيا موري، غمن جا گوساڻا،
گُناهن ۾ غافل، تي غرقور ويندا،
غريبن جي لاءِ، تي ناسُور ويندا.

زمينن جا ڪاتا، پلاٽن تي قبضا،
ملندو نہ نلڪو، نڪو روڊ رستا،
سدائين سراسر، ڪندا ڪُوڙ ڪورا،
ڪيو چا اڳوٽن، ڪندا هاڻ هي چا،
ٻُکن ۾ تي بيحال، مزدُور ويندا،
اَتي، ۽ لتي لئہ، تي مجبُور ويندا.

اندّن ۽ مندبن جو ويندا فندبُ ڪائي،
ڏسي جُهور پوڙهي، ۽ مسڪين مائي،
هَلي چال اهڙي، ڪندا لائي چائي،
ڇڏيندس نہ گهر ۾، رهيو پيسو پائي،
ڀَري پِيٽ پنهنجا، ٿي ڀرپُور ويندا،
ڇڏي ديس پنهنجو لڏي ڏُور ويندا.

”جمالَ“ آهي جڳ ۾، هي قانُون ڪهڙو
ملي جنهن کي ڪُرسي، سو نِڪري ٿو اهڙو
سَکر سان سچو آ، غريبن لئہ ڪُوڙو
تڏهن جابرن سان، اسان جو آ جهيڙو
زماني ۾ ظالم، ڇَڏي زور ويندا،
ڪڏهن نيٺ آخر، ٿي ڪمزور ويندا.

▼

جانِ جيءَ ڪان وَڏ پيارا، اڄ اوهان کي الوداع،
جِت بہ جاني بَس هُجو، اُت مُحب پيا ماڻيو مَزا.

ڏس چمن ۾ چوطَرف، چانڊاڻ چوباري هُئي،
باغ بدليو گُل ويا، تن ساڻ گُلزاري وَئي،
قُرب ڏاڍا تن ڪري، ڇا قُربداري ٿي ڳئي،
بات بُلبل جي مِثل، تن جي نماڻي هُئي نِدا.

تو خُدا حافظ چَوان مان، اڄ اوهانکي بار بار،
ٿي رَهيو هر وقت مونکي، بس اکين ۾ اِنتظار،
نيمخوابي نيڻ آهن، اڄ ڏسڻ ۾ اَشڪبار،
درد دل جا لفظ بَنيا، شعر ۾ ڪريان ادا.

آرزو اندر ۾ باقي، مَن مگر مجبُور آ،
بس ڪپي اڄ تيئن ڳريو ۽ جيئن اوهان منظُور آ،
دل لڳائي دُور گهارڻ، دوستن دستُور آ،
جيءَ جون جن سان جَڙيون، سي ٿي ويا جانب جُدا.

ياد پلپل پيو ڪندو هي، جيسين جيئرو آ "جمال"،
خُوب خِلوت ۾ اَچي ٿو، خُوبَرو تن جو خَيال،
تن جا ٿورا، مهربانيون، لک پلايُون مُون تي پالَ،
جن مَٿان گهوري ڳئي ٿي، جانِ مون پنهنجي فِدا.

# پنپور نامون

هِن پڙي "پنپور" جو آ، درد وارو داستان،
سُورَ "سسئيءَ" کي سَريا هِت، هي آ انجو آسِتان،
۽ "پُنهونءَ" ڪپڙا ٽي ڏوتا، ماڳ سو آهي مَڪان،
عاشقن هِت عشق ۾ هُئا، دردَ جا ڪوليا دُڪان،
"ڪيچ" جو حاڪم ٻہ هِت، پيو نينهَن ۾ نِروار ٿي،
هاڪ "هاڙهي" ۾ هُئس، پيو پيار ۾ پينار ٿي.

"نارنائُونءَ" جي "نياڻيءَ" جو ڪريان ٿو هي قصو
سِڪ رکي "سيوهڻ" کان آئي، پيار "پُنهل" سان پَڪو
ڇا "برهمڻ" جو بنيو هي، ماڻُ ڪيڏو مرتبو
"ذات" تي ڪا "ذات" ناهي، جنهن کي چاهي رب سَچو
ڏير "ڏاگهن" تي ڪٽي، ويا "هوت" کي هَسوار ٿي،
"سسئي" پئي "پُنهل؟ پُنيان، جنهن دم اُنهيءَ کي سارَ ٿي.

ٿي وَهيو "پاڻيءَ منِي" جو، موجزن "دريا" رَوان،
رُخ بدلجي ويو سندس، سو آهي اڪڙين جي اڳيان،
اصلي مالڪ "ميدُ" هُئا هِت، جن جي پالي هُئي زبان،
ڏاريان ٿي ويا ڏٽي، خاموش سڀ آهِن اجان،
"ڏهر" جو ڏهڪاءُ ويئڙو، پيو سُڪيو سنسارَ ٿي،
"ڪوٽ" ڪيڏو هو نہ قابو اج نہ در ديوار ٿي.

هُنر پرور هُئا هزارين، تن جو آ بيحد بيانِ،
”چٽ چٽڻ“ ۽ هُئا ”رڱاوت“ جا هي ماهر مهربانِ،
تيز هُئا ”تلوار“ ۾ پڻ، پهچ وارا پهلوانِ،
هِت سوا ”محراب“ جي مسجد سندا آهن نِشانِ،
”ست سئو ٻارهن“ ۾ سندن، تبديل آ سرڪار تي،
”ابنِ قاسم“ ڪاهي آيو، آ سپه سالار تي.

”پنج ڪن“ هِت ”زلزلا“، هِن ماڳ تي آيا وَري،
تنهنڪري هي ڪوٽ تي ويو، پور پوران تي پُري،
”ڏيڍ لَک“ آبادي هِن ۾، ويئي ٻارڻ جيئن ٻري،
اڄ اُها رونق نہ آهي، ماس، هڏ، چم ويو ڳري،
هِن خِطي تي بس خُدا جي، قهر جي ڪا ڪار تي،
ڏُک سندو هي ڏيک ڏي پئي، ”حالتِ آزار“ تي.

چوطَرف هو ڪوٽ هِت، ڦيري ڏسو پنهنجي نَظر،
هِت رَکيل پُوڃا جي لئہ، ”شوِلنگَ“ هو مندرَ اَندر،
هو ”ڪٽين“ جو آسِتان، هُئا پنهنجي ڪم ۾ ڪارگر،
تي ”حَسينائون“ هَليون هِت، ”ڪانگ“ اڄ آهن ”ڪٻر“،
خُوش نُما هي هو خِطو پر ويو سَڙي ڦُلهيار تي،
تا وَهن اکڙين منجهان اَڄ، لُڙڪ بي اَختيار تي.

هُئا “غورابي” سِلسلا، “ايران”، “عربُستان” کان،
“شام، اُردن ۽ يَمن، خاران ۽ مَڪران” کان،
“چين، تُرڪي، رُوس” ۽ ٻيا، پُوري “هندستان” کان،
۽ “سَمرقند، رُوم، ڪِرمان”، بس مِصر “يُونان” کان،
هنڌ هِن تي ڏاريان، آيا ڪٽي هَٽيار ٽي،
مال وَرتو، ڪِن ڏنو ٽي، ڪِن ڪئي ڦُرمار ٽي.

“لَعلَ، هيرا ۽ جواهر”، جامَ تِن وٽ هُئا “جمالَ”،
“مُشڪ، عنبر، موتين، مرجان”، جا ڏيان ڇا مِثالَ،
“مصري، ماڪي، انبَ، ڏاڙهون، ڪاٺ ۾ شيشم ڏيالَ،
ريشمي “ململ” جو ڪپڙو هُئا “ڪنيزن” جا ڪمالَ،
دل ڏيڻ ۽ دل وٺڻ جا، ٿيا هِتي واپارَ ٽي،
ڪِن جي ٽي آ هارِ “هِت”، ڪِن کي وِڌائون “هارَ” ٽي.

▼

# گبول قبيلي ڪي پيٽا

ڪر ثنا “سُبحان” جي، جو آهي مالڪ مُختيار،
بعد ۾ آ اسم “احمد”، جيڪو نُوري آ نبار،
آ اَبو سڀني جو “آدم”، پوءِ پاڙا ٿيا هَزار،
“هندو، مُسلم” ۽ “عيسائي”، ڪي “قُريشي” قُربدار،
هي “گبولن” جو قبيلو، آ قديمي آشڪار،
نسل هي “ڪُردن” سندو، آهي بنيادي بي شمار.

ٿو ڪريان “ڪيٽي بندر” کان، قوم جي اڄ ابتدا،
۽ “ٻُهارن”، “ساڪري”، وارا رکي شل خُوش خُدا،
“گهگهر ڦاٽڪ” “پپّري” ۾، پُڙ اُهي آهن اَدا،
“مِلز ايريا” ۽ “بلاول”، ڳوٺ “چڪرا” ۾ سَدا،
“حيدري”، “گذريءَ” ۾ آهن، ۽ “لياري” نامدار،
ڪر مَدد مُشڪل ۾ تن جي، پاڪ تون پروردگار.

“موچڪو” ۽ “حب ندي”، تون ڏي “چَتاري” تان چَڪر،
۽ وَري “ڪانوڙ” کان، ڏي “گڏاپ”، “ڪونڪر” تان تون وَر،
“ڄامشورو”، لاڙڪاڻو، ٿا رَهن “دادوءَ” اَندر،
ٻيا ٻه پاسا ڪيترا ٿيا، آهي سارو “ڪيرٿر”،
ٿا رهن “مورو”، “بديڻن”، آهن “ٽنڊواَلهيار”،
شل اُنهن سڀني سندو، والي وَڏائي ڪو وَقار.

"گھوٽڪي" "جروار" وارا، ڳوٺ "جاني" ۽ "سکر"،
وَچ "مِٺي"، "ٿرپارڪر"، "گُجرات" ۽ تون "جوڌپُور"،
پُڻ رهن "پنجاب" ۾، "افغانَ" ۾ تن جو اَثر،
بس "بلوچستان" ۽ "ايرانَ" ۾ آهن اَپر،
"دُبئي"، "مسقط"، آهي تِن، "اومان" ۾ دارالقرار،
"شام" ۽ "بحرين"، "ٽُرڪي"، ڪين "فلپائن" وِسار.

جَس هُجي تنهن دوست کي، جنهن هيءَ لکي "تاريخ" آ،
رُوح افزا آهي شُجرو ۽ شڪايت ناهي ڪا،
رات ڏينهن محنت ڪري، تنهن ڪئي جفاڪش جابَجا،
شل پسند هر ڪنهن کي پئي، آهي فقيراڻي دُعا،
جنگ ۽ جهيڙو ڇَڏيو، ماحول ٿي پئي سازگار،
وير ڪينو سڀ وِساري، پاڻ ۾ ڪريو پيار.

رائگان هيءَ ڪونَ ٿيندي، جستجو تُنهنجي "جمالَ"،
تنهنجي ڪاوش قُرب جا، ڏيندي دنيا پيئي مِثالَ،
بارگاهِ ايزديءَ ۾، مُنهنجو هي آهي سَوال،
جيستائين آ دُنيا، رک قومَ قائم ذوالجلالَ،
شعر هي منهنجو ٻُڌي، وهَ واهَا ڪندا پيا لک هَزار،
"مائٽن"، "پنهنجن" "پراون"، رهندو يارن يادگار.

▼

سنڌ جي وحدت مٿي، ويري نہ اهڙي وار ڪر،
سوچ ناقص ساڻ سنڌڙي، ڪين ٽُڪرا چار ڪر،
نفرتن جي پوک پوکي، پاڻ لئہ آزار ڪر،
زور ننهَن چوٽيءَ جو لائي، ڏاڍ ۽ ڏهڪار ڪر،
ڪُجھ بہ حاصل ڪونہ ٿيندئي، پاڻ کي پَل خُوار ڪر،
پاڪ ڌرتيءَ تي نہ ٿُون، بُوجهل جهڙي ڪار ڪر.

تنهنجو مقصد آ هي پڌرو، ديس سان دوکو ڳرڻ،
اِن حياتيءَ کان تہ بهتر، آ ٻڏي توکي مرڻ،
وچ هِتان هڪدم هَليو، جي ناهي توکي هِت رَهڻ،
جيڪو ڪائي سنڌ جو، تنهنجو مَرڻ هِت آ جيئڻ،
ڇَڏ بغاوت بد مَغز، باغي نہ تون بيزار ڪر،
هوڏ اِن تان وچ لَهي، ڦورو نہ تون ڦُرمار ڪر.

تون ڪڏهن ٿيو "شاهہ ابدالي"، جلائين مُلڪ کي،
تون "هلاڪو" پاڻ بنجي، ٿو مچائين مُلڪ کي،
تون ڪڏهن "انگريز" ٿي بس، ٿو ستائين مُلڪ کي،
آهين "موديءَ" ساڻ مليل، ٿو ڦٽائين مُلڪ کي،
ڪنهن چيو هي توکي آ، اهڙو ڪِريل ڪردار ڪر،
رهزنيءَ جي ڇڏ روش، تون ڪين اڄ لاچار ڪر.

هَٽ وَڏائي ڇڏ هَنيلا، هوڏ تان لهَ هاڻ تون،
رنگ مذهب جو ڏئي، ڇو ٿو ڪرين ڇڪتاڻ تون،
ديس جو ڪائي نَمڪ، بس بي نَمڪ ٿئين پاڻ تون،
راند ڪيڏڻ رَتّ جي ڇَڏ، ڪين ڪر رت ڇاڻ تون،
ڇڏ "ڪراچيءَ" جي پڇر تون، "خر" نہ ايڏو خار ڪر،
گوڙ گدڙن جيئن ڪري، لُومڙ نہ تون للڪار ڪر.

سنڌ صوبو رهندو هِڪڙو، جيسين هي آ جڳ "جمالَ"،
رهجي ويندا سڀ اَڌُورا، تنهنجا ڪوتا سڀ خيالَ،
توسان گڏ آهن اسان جا، توکي ڪهڙي آ مجالَ،
تنهنڪري تون پيو ٻُڌائين، قوم ساريءَ کي قوالَ،
سنڌ آهي سنڌين جي، سوچ ۽ ويچار ڪر،
ڏاريان ٿيندا ڏٽي ڪيئن، قوم کي بيدار ڪر.

▼

جڏهن ڪان مون جَنم وَرتو مونسان غُربت گڏي آئي،
“برادر ڀاءَ” نہ ٿيو پيدا، نہ ڀُلجي ٿي ڪا “ڀاڄائي”،
نہ “ماروٽن” ۽ “ماساتن”، چڱائي مونسان ڪئي ڪائي،
نہ “مامن” “ماءَ” جي ملڪيت مان ٽڪو پئسو ڏنو پائي،
اڃان ڪاوڙ ڪري مُون تي، رَهن ٿا “خانَ” سي خاري،
تباهي شال ٿئي تن جي، جنين دل مُنهنجي آزاري.

“زمينون”، “زَر”، ويا ڪائي، رُوئن پيا روز “زرداري”،
مِٽي ۽ مائٽي مُنهنجي، تہ بلڪل هُئي ڪا بازاري،
رَهيو آ ايترو رشتو ٿيا جيئن “لُنڊ لاشاري”،
ڀَلي دل پنهنجي ويناسين، ڪيائون ڪين ڀو واري،
“صُبح سانجهي” پليتن ڪي، هڻن پادر ڪي “پالاري”،
تباهي شال ٿئي تن جي، جنين دل مُنهنجي آزاري.

“امينن”، “مولوين”، “مفتين”، ڏيکاري آهي لاچاري،
ٻُڌڻ وارو نہ آ ڪوئي، وڏيرا آهن واپاري،
گهڻو عرصو آ گُذري ويو، ڄَڏي تن جي مُون ڀاءَ چاري،
عدالت پُڻ اميرن جي، سراسر آ هي سرڪاري،
ڏنگي ڪو تن ڏڦيرن ڪي، تہ “ڪاريهر” “ڪلاداري”،
تباهي شال ٿئي تن جي، جنين دل مُنهنجي آزاري.

مُناسب ڪين آ ڪنهن جي، گلا غيبت ڪرڻ گُهرجي،
حَيا ڪا يار هوندي آ، ٻُڌڻ گهرجي سَين تن ڪي،
هُجي لعنت سدا هردم، اُنهن لُوسي لباڙين تي،
جَلي ويندن ڳڪن جا گهرَ، ڪا باهي تن ڪي ڏاتر ڏي،
ڪڏهن ٻاڙو نہ مون ٻوليو، اُنهن ڪي هو عُمر ساري،
تباهي شال ٿئي تن جي، جنين دل مُنهنجي آزاري.

زمينون ويبون بنجر ٿي، وسي واري وٽن پيئي،
مِٺا پاڻي ٿڌا جت هُئا، اُهي ويا کُوهَ کارا ٿي،
جدا ٿي جانبن کان ويا، "پراوا"، پنهنجا بس ڪيئي،
جِنين ٿي وَر ڏنا وَرَ وَرَ، هٿي دل تن جي اڄ ويئي،
هيٺا ٿي حال تن جا پيا، اڪين مان آب آ جاري،
تباهي شال ٿئي تن جي، جنين دل مُنهنجي آزاري.

"جمال" آهي خُدا مُنهنجو، اڪيلو ڪين آهيان مان،
اُنهيءَ هستيءَ منجهان ڪيئن اڄ، اُميدون پنهنجون لاهيان مان،
جنين جو رب، تنين جو سڀ، اُنهي کي ئي ٿو چاهيان مان،
لکين ٿورا ٿو مالڪ جا، پلايون پالَ ڳايان مان،
پُڪاريان پيو مان پَرور کي، ڪري سردار سرداري،
مُهابي مير مُرسل جي، ڪندو مُونساڻ موچاري

# مارئي جي ٺي حرفي

“الف” آس آهي، اَباڻن اُڪيرَ،
حَويلين ۾ هِرڪي، نہ هينئڙو حَميرَ،
وَٽي وَڃ تون پنهنجا، وَڪيلَ ۽ وَزيرَ،
نہ وِجه زائفائن، کي ظالم زَنجيرَ،
وڏائي ڇڏي ڏي، ڦِٽو ڪر فخر،
ايڏو ظلم زوري، نہ ڪر تون زبَر.

ڪري “بي” تُون بانوَر، نہ ڪر اَڄ اُداس،
بَرن ۾ بندياڻي، بلاتي ٽياس،
قضا قيد ڪوٽن ۾، قابو ڪياس،
هِتي ويهي وِجهلي، مگر جي مُياس،
مَڙهہ منهنجو مارن، اُماڻج عُمر،
ايڏو ظلم زوري، نہ ڪر تون زبَر.

توکي “تي” ڪو پنهنجو عَقل ڏي خُدا،
اُٽن روز اُڏمان، ٿا سُورن سندا،
سنگهارن کي ساري، سڪان پئي سدا،
نہ جالي سگهان ٿي، اُنهن کان جُدا،
مِلان شال مارن کي، موٽي مَگر،
ايڏو ظلم زوري، نہ ڪر تون زبَر.

سچو ڏينَهن "ٿي" پئي، رُڳو رت رُوئان،
پنوهارن جا پيئي، مان پانڌي پُڇان،
"ميرانڌيءَ" کان معافي، وڃي مان وٺان،
ڪري وهم جيجل، ڪو مونتي متان،
پُڇان تن پنوهارن کي، آڌيءَ اَسر،
ايڏو ظلم زوري، نہ ڪر تون زبَر.

جَجهو "جيم" جن وَٽ، لڏو مانُ مون،
گُذر آ غريبن جو پيچُون پِسيُون،
ڏنارن کان مونکي، نہ ڪر ڏار تون،
اِلاهي اوهان کي، مون آزيون ڪيون،
اجازت ڏي مونکي، نہ ڪر ڏُک ڏَمر،
ايڏو ظلم زوري، نہ ڪر تون زبَر.

نہ ڪر هوڏ "حي" تون، اِهو ڪم ڪُڏو،
چڪر توکي پرٽي، جو ڪنهن آ وِڏو،
سنگهارن ڏي موٽي، وڃان شل سِڏو،
اباڻن آ مون لئہ، رُکو پَٽ رَڏو،
وِجهي کير خُوش ٿي، پيان مَن پَلر،
ايڏو ظلم زوري، نہ ڪر تون زبَر.

ڪلي خُوش ٿي “خي” ڪيئن، پَلنگ تي ويهان،
لُڏي لاڏ سان ڪيئن، مان لاٿون لَهان،
وجي ڏوٿين کي، مان ڏوري ڏسان،
مِٺن مُنهنجي مارن، سان موٽي مِلان،
وٿاڻن مان کولي، وَرايان وَلر،
ايڏو ظلم زوري، نہ ڪر تون زبَر.

نہ ڏي “دال” دَڙڪا، جَلي ٿو جِگر،
اجان تڪ نہ آهُن، جو ٿيو آ اَثر،
خُدا جو تہ دل ۾، ڏيان کو تون ڏَر،
هيڏو ڪر نہ هيٺن، سان هانجو حَشر،
اسان ڪان تہ ڇا ۾، تو آهين اَپر،
ايڏو ظلم زوري، نہ ڪر تون زبَر.

ڪريان “ذال” زَر زَر، نماڻي نِدا،
ستائين تو مونکي، سکر ٿي سَدا،
غضب هيڏو حاڪم، نہ آهن ڪندا،
اسين راڄ، رعيت، حُڪم جا بندا،
نياڻين ۾ تن جي، نہ رک تون نَظر،
ايڏو ظلم زوري، نہ ڪر تون زبَر.

ركي “ري” تو رُوحَ ۾، جا آهي رَضا،
مَرڻ ڪان بہ وَڌ ٿي، سا پانيان سَزا،
لِکئي انگ ڪوٺن ۾، آندو قَضا،
ڇَڏي پنهنجا مارو، ڪريان ڪيئن مَزا،
آئون آهيان اَپري، سُکيا ٻيا سَبُر،
ايڏو ظلم زوري، نہ ڪر تون زبَر.

ڪيون “زي” مون زاريون، وَڳر وَٺ وَڃان،
هِتي آئون ڳٹتين، ۾ پيئي ڳران،
پنوهارن سان گڏجي، پَلر ڪو پيان،
ويهي هيڪ جيڏين، سان گڏجي گُهمان،
پَلر جي پاٽيءَ سان، اُجاريان آندر،
ايڏو ظلم زوري، نہ ڪر تون زبَر.

سدا “سين” آئون، ٿي ساريان سنگهارَ،
چڪن چاڪَ دل جا، هينئن ۾ هَزار،
ڪِرن لُڙڪ اکڙين، مان ڪريو قطارَ،
نہ وِسرن ٿا مونکي، ڳوناٽا ڳنوارَ،
ڪُڏن چاهَ مان ٿيون، ڇُوڙيلون ڇَلُهَر،
ايڏو ظلم زوري، نہ ڪر تون زبَر.

نہ "شين" شانُ ٿُنهنجو عُمر آ اِهو
چڙِي "ڪيت" ڪي ڪيئن، ڪريان وَر ٻيو،
مَرڻ ڪان ٻہ وَڌ، مُون لئہ مهٽو ٿِيو
اِهو ڪم اسان مان، نہ ڪنهن آ ڪِيو،
پنوهارن ڪي پلپل، نہ ڪر تون پَڌر،
ايڏو ظلم زوري، نہ ڪر تون زبَر.

سڪي "صاد" ساهَ ٿو، سنگهارن سَوا،
لاهي ميرا ڪپڙا، اوڍيان ڪيئن اَڇا،
اسين راڄ تنهنجو، اوهان جا ٻَچا،
انهن تي ڏمرجي، نہ ڪر تون ڏڪا،
چڱو جي ٿو چاهين، تہ ڇڏ چڙ ڇِٽَر،
ايڏو ظلم زوري، نہ ڪر تون زبَر.

ڏَرو "ضاد" زوري، نہ سرندئي صَفا،
جيڪا آهي ڏيٺي، سا ڏي تُون جَفا،
آئون خُوف تنهنجي، ڪان آهيان خَفا،
ٻَڌان توکي ٻانهُون، تي ڏَهہ ڏهہ دفعا،
وَٽن ڪين تنهنجا، ٿا مُشڪ و عَنبر،
ايڏو ظلم زوري، نہ ڪر تون زبَر.

"طوئي" اڄ تڙن تي، تنوارون ٽيون،
حبيبن جُون هڪلون، هُونگارون ٽيون،
سهيلين سِپن جون، سنپارُون ٽيون،
مون تي مائٽن جون، ميارُون ٽيون،
اُتر پاسي اُپرن، اَچا پيا اَبر،
ايڏو ظلم زوري، نہ ڪر تون زبَر.

"ظوئي" زال تُنهنجي، نہ آهيان آدا،
ڏئين ٽو تون دڙڪا، ۽ دابا ـــ وڏا،
فقيرن سان ايڏا، نہ ڪر تون ڦڏا،
ناهِن منهنجا مارُو، مَياري رُڳا،
ٽيو مالَ تي تن، غريبن گُذر،
ايڏو ظلم زوري، نہ ڪر تون زبَر.

اسين "عين" آهيون، وڏا عيبدار،
اوڻايون اسان ۾، تہ آهن اَپار،
نينهَن ۾ بہ آهيون، اسين نامِدار،
ٽيندا آهيون پنهنجي، ننگن تان نِثار،
ٽُوهر ٽاڪ آهن، ڍِبُون ۽ ڍنگهرَ،
ايڏو ظلم زوري، نہ ڪر تون زبَر.

نَٽي "غين" ٽُنھنجي، غُلامي ڪريان،
چڏي ڏي پنوھارن، جا پاٽي پَريان،
سگِر سيڪي ثابت، ٽَئيءَ تي تريان،
ڏنارن جو دل ۾، ڏيان پئي ڏريان،
ڪَتا ڪيرَ ڪائُون، ۽ مُرڪي مَٽرَ،
ايڏو ظلم زوري، نہ ڪر تون زبَر.

ڦِٽي ننڊ "في" وَئي، نہ سانگي سُتا،
حَشر ۾ هَميشہ، هو مون لئہ هُوندا،
اَچانڪ اچڻ جُون، پيا ڳالهيُون ڪندا،
ٻُڏائي نہ مونکي، هي گُفتا گندا،
تون مسڪين ماٽهن، مَٽي ڪر مَهر،
ايڏو ظلم زوري، نہ ڪر تون زبَر.

جَڏهن "ڪاف" ٽُنھنجو ڪندا ڏڙ دَفن،
اُتي تنھنجو بلڪُل، نہ بَچندو بَدن،
سُڪي ماس ويندئي، ٽيندين هَڙ هَڏن،
وساري چڏيندين، تون سارو وَطن،
اَصل ماڳ ٽُنھنجو آ ڪاري قَبرَ،
ايڏو ظلم زوري، نہ ڪر تون زبَر.

ڪِٿي “قاف” ڪنهن ڪي، نہ قيدي ڳَري،
ٻِره ڪان ٻَدن، ۾ ٿي باهي ٻَري،
رُڳو تات تن ۾، ٿي تن جي ٿَري،
هينئون رات ڏينهن پيو، ڏُکن ۾ ڏَري،
اِهو سنگ نہ سَرندئي، پلي چا ٻہ ڳَر،
ايڏو ظلم زوري، نہ ڪر تون زبَر.

لَهن “لام” مون تان، هي قيدي ڳَڙا،
ڏسان جهانگيئڙن جا، وڃي جُهوپڙا،
چڱا مالَ وارن جا، چنگ ۾ چَڙا،
گهگهيرين سان گڏجي، ڀَريان گڏ گهڙا،
ڏسان پنهنجي ڏيه جو، وڃي لَنب لُڙ،
ايڏو ظلم زوري، نہ ڪر تون زبَر.

مَرم “ميم” ماري، ٿو مونکي مُدام،
دُکن ديرا اَڏيا، ٿيا گُوندر گُدام،
تڪبُّر چڙهي ڏي، نہ ڪر تنگ تمام،
آهيان “سامَ” ٿي هِت، سا تولئہ حَرام،
ڪاهي ڪاله ڪُل سپ، ويا چانگُون چَپر،
ايڏو ظلم زوري، نہ ڪر تون زبَر.

نَڪو "نُون" ناريون، ڪو بُولو وِجهن،
سَڳيون سونَ وَرنيون، ٻانهوٽا ٻَڌن،
رکي چٽ چولي تي، ٽيون گُجريون گُهمن،
ٽِلي ٺهڪ ڏيئي، خُوشي مان ڪِلن،
چڱو چُله تي چاڙهيون، ٻَلو ٽئي ٻَتر،
ايڏو ظلم زوري، نہ ڪر تون زبَر.

وَريا "واءَ" وَصل جا، وچوڙا ويا،
مُوري مُلڪ ۾ پيا، مُنگها ءِ ميهَا،
ليهارن جُون لامون، ءِ پيرون پَڪا،
نہ ساعت سَري ٽي، سنگهارن سَوا،
ٻَبَر ٻيريون ڪائي، ٻيٻُون ڪن ٻَڪر،
ايڏو ظلم زوري، نہ ڪر تون زبَر.

هُرن "هي" ٽا هَر هَر، سي مارُو مِلن،
ڪيا وارا وِجڙين، وَسي پيو وَطن،
ڪَڱُون، ڪاريون، ڪُنديون، ٽيون رايون، رَنين،
ڏُهي پنهنجي هٿ سان، ڪِليو ڪيرَ پيئن،
ڇَمر جون ٽيون چائُون، ڇَنن ۾ ڇَبَر،
ايڏو ظلم زوري، نہ ڪر تون زبَر.
ڪنديس "الف" آئون، سَين سان سچي،

ڏيندس "ساک" پنهنجي، اوهان کي اَچي،
عُمرَ کان اچان پئي، مان بلڪُل بَچي،
ڪيم ڪين ڪُر سان، مُون آهي ڪَچي،

ڪِلي “ڪيٽَ” ڪي ڏيو خُوشي جي خَبر،
ايڏو ظلم زوري، نہ ڪر تون زبَر.

ڪيا ياد “يي” مون، اَباڻا اَجها،
لَڄائي نہ لوئي، نہ پاتم وَڳا،
اسين “پيڙ ياءُ”، هُئاسين سَڳا،
عُمرَ چاڙهي اُت تي، اُماڻيو اَدا،
ڦِڪو ڦوڳ ٿي پيو، جَليو تنهن جگر،
ايڏو ظلم زوري، نہ ڪر تون زبَر.

“جمالَ” آئون جهانگين، وڃان پئي وَري،
ڪڙا ڪوٽ قابُو، ويا جهٽ جُهري،
ٿيس بند خاني ڪان، بلڪُل بَري،
وڃي پيچ پيئندس، پنوهارن پُري،
مِلي مارُئي مارن، ڏِني ياڳَ پَر،
صَبر ۾ ملي ويو، سُکن جو ثمر.

سوين سُهنج ٿي پيا، لَٿا ڏُک ڏُکارَ،
وَسايا ويڙهيچن، جا والي وَلهارَ،
سدائين سُکي ٿي پيا، سانگي سنگهارَ،
ٻُڌي هيءَ پنوهارن، جي پَرور پُڪارَ،
مِنايون ورهايون، ۽ شربت شَڪر،
پيو نيٺ نِڪري، ڪَگر مان قَمر.

▼

# "سال جا ٻارنهن مهينا"

جَجهو "جنوريءَ" ۾ آ سرديءَ سَتايو
اَچي تنهنجي يادن، آ مونکي وَرايو
ڏيئي هيج هِڪدم، تو هينئڙو هَٽايو
سَوين ڀيرا سُهڻا، اوهان آزمايو
مَگر ايئن نہ تومان، مون پُورل ٿي ڀانيو
اَجان تائين تُنهنجو نياپو نہ آيو.

اجان سِڄ سُهڻا، اِجهو آهي اُڀريو
وڇين پيو تون نازڪَ، صَنم يار سَنڀريو
وِڃهو تيل، سُرمون، نِهارين نہ نِڪريو
وڃان توکي مَستيءَ ۾ مِنڙا مان وِسريو
عَجب آهي مونکي، هي تُنهنجو اجايو
اَجان تائين تُنهنجو نياپو نہ آيو.

تُون "فيبروريءَ" ۾ نہ آئين پيارا،
ايڏو دُور دلبر، نہ ٿي تُون دُلارا،
نزاڪت جا نِرتئون، ٻَسائي نِظارا،
ويندا تنهنجا ڪنهن وَٽ، هي عاشق ويچارا،
پرين تو نہ پنهنجو آ چهرو ٻَسايو
اَجان تائين تُنهنجو نياپو نہ آيو.

ٻَهار آيو ليڪن، نه آئي ٻهاري،
سَرنهن جا هو گُلڙا، ٽا چَمڪن چوڏاري،
سَدائين ٿي تن جي، ڪَيم آبياري،
پَوي ياد صُورت، ٿي تُنهنجي پياري،
ڪِٿي آهي ٻيو ڪو وَطن تو وَسايو،
اَجان تائين تُنهنجو نياپو نه آيو.

ڪئي تو نه "مارچ" ۾ مُونڏي تَياري،
رَهي ٿي اَوهان جي، مونکي اِنتظاري،
ڪبي آهي پيارا، پرين پوئيواري،
لڳين ٿو تون مِنڙا، ڪو منهنجو مَياري،
نظر هيٺ ڪريو وَڃين ڪنڌ نَمايو،
اَجان تائين تُنهنجو نياپو نه آيو.

ڪندو ڪر نه مُونسان، مِٺا مُحب ماڻا،
وَٽن ٽا ڳلن تي، ڪي مُوتيءَ جا داڻا،
وِسارڻ نه گُهرجن، پرين ڪي پُراڻا،
ڪٿي نيڻ جنهن دَم، مَٽين ٿو نماڻا،
اُنهيءَ وقت مُونکي، ٽا جاني جَلايو،
اَجان تائين تُنهنجو نياپو نه آيو.

هي "اپريل" آيو پتو ناهي ٽُنهنجو
ڪيو پاڻ کي تو پڪو آهي پنهنجو
ٻُڏائي تون مونکي، ڪيل ڏوهه منهنجو
عقل يا ڏنل آ، ٻئي توکي ڪنهن جو
ويهڻ مان نه وَرندئي، نه رُوح کي رنجايو
اَجان تائين ٽُنهنجو نياپو نه آيو.

"مَئي" ۾ مَزو پڻ، نه آيو اسانکي،
ڏنو راز دل جو نه دلبر مون ڪنهن کي،
پَلا ڪيئن ٿي گُذري، خبر ناهي توکي،
وساري سگهان ٿو نه ٽُرتئون توهان کي،
تصوّر تہ تنهنجي، آ تَن من تپايو
اَجان تائين ٽُنهنجو نياپو نه آيو.

گرم لُڪَ لڳي ٿي، ڱريون رَس رِهاٽيون،
گُلن ۽ ڦُلن ۾، ڪريون ڪي ڪِهاٽيون،
اندر جون تہ اوريون، ڪي يادون پُراٽيون،
ڪري خوب خُوشيون، مَزا پاڻ ماٽيون،
ايڏو وقت ويهي، ڇو مُنهنڙو مَٽايو
اَجان تائين تُنهنجو نياپو نہ آيو.

جڏهن "جوُنِ" آئي، نہ آئين تُون جاني،
مِلي وچ مِنا تون، ڪري مهرباني،
خُدا توکي بخشي، هي جوڀن جواني،
اوهان جي اچڻ لئہ، اَٿم دل ديواني،
ڪري قرب پنهنجو لَبن سان لڳايو،
اَجان تائين تُنهنجو نياپو نہ آيو.

اندر ۾ ٿي آهي، تَپش تيز تولا،
ڪيم تنهنجي جاني، مون ڳوتن ۾ ڳولا،
جُنبش جان ۾ ٿي، اچن جهوپ جهولا،
مٺا مونکي توسان، ملائيندو مولا،
سبب ڪهڙي سُهڻا، تو آهي سِڪايو،
اَجان تائين تُنهنجو نياپو نہ آيو.

“جولائيءَ” جون آيون، هي هِڪدم هَوائُون،
لُڪن لاھ پَٽيا، ڦٽيل دل فضائُون،
جي ايندين تون مون وَٽ، تہ ٿيندءِيون عَطائُون،
اوهان کي پيو ڏيندس، مان دل سان دعائُون،
ڏِسي مون کي ڏُوران، نہ لالڻ لنوايو،
اَڃان تائين تُنهنجو نياپو نہ آيو.

مَڪا ماڪين جا، گُلن کي ٿيا پيڙا،
پَنن تي پُڄي ويا، مَکن جا تہ ميڙا،
وَلر سان وچن پيا، ڇَمر جيڏا ڇيڙا،
مَٿان بيٺا بادل، سي واڄٽ وَڄايو،
اَڃان تائين تُنهنجو نياپو نہ آيو.

هي ”آگسٽ“ آيو اَڃان تون نہ آهين،
ڇَيم هاڻ آخر، اڃي غم ٿو لاهين،
لِڪي لوڪَ کان، يا وِيٺو لُڙڪ واهين،
عُذر يا ڪو پيو آ، ڇوڙ چا ٿو چاهين،
اوهان يا تہ سمجھو آ مونکي پَرايو،
اَڃان تائين تُنهنجو نياپو نہ آيو.

ڳچو ڳاهَ اُپريو آ پوٺن پَٽن تي،
پِري پئونر آيا، ڪي پرجي پِٽن تي،
ڏنيون مَک چُميون ٽي، گُلن جي چَپن تي،
اچي گڏ ٿيا پلپل، ڪي پوپٽ پَنن تي،
گُلن ڪان بہ سُهڻو تو آهين سَوايو
اَجان تائين تُنهنجو نياپو نہ آيو.

ٿيون "سيپٽمبر" ۾، اکيون تولئہ آتيون،
گُذاريوسين گڏجي، ڪي راتين جون راتيون،
ڳنڍيل هڪ ٻئي سان، هُيون پنهنجون چاتيون،
وِجهي ٻيٽا پاڪر، ڳرانيون ٿي پاتيون،
مَزو چاشِنيءَ جو چَپن مان چَکايو
اَجان تائين تُنهنجو نياپو نہ آيو.

ڪَري درد دانهُون، ٿي ڪوئل ويچاري،
روئي ويٺي هَر هَر، دَٻا دَٻ ڏُونهاري،
ءِ برسات جي لئہ، ڪئي تاڙي تياري،
ڪري ڪُوڪَ قُمريءَ، اندر ٻاهي ٻاري،
مَگر ٻُلبُلن آهي، ماتم مَچايو
اَجان تائين تُنهنجو نياپو نہ آيو.

اَچي “آڪٽوبر” ۾ اَندر ٿيو اُداسي،
پَسڻ لاءِ پلپل، رهان ٿو پياسي،
نئون نِت نهي ٿو وڳو توکي ناسي،
ڪريان تُنهنجي اُلفت، جي کهڙي عَڪاسي،
رَهي دُور دلبر، نہ دل کي دُکايو،
اَجان تائين تُنهنجو نياپو نہ آيو.

اَوهان ڪان اَڪيلو، اَٺم انتظاري،
ڪري ڪُوڪَ ڪونجن، ڪئي آهَ و زاري،
وَهن اَشڪ اکين مان، تِن کي ٿا جاري،
رُوئن ٿيون، رَڙن ۽ اَٺن انتظاري،
ڇَڏيو سُستي سُهڻا، نہ نازڪ نٽايو،
اَجان تائين تُنهنجو نياپو نہ آيو.

“نَومبر” ۾ نازل، ٿيا نُوري نِظارا،
اکيچار چَمڪن، ٿا سُهڻا سِتارا،
نہ موتي تون آئين، مَگر ماهَ پارا،
طَلب تات تُنهنجي، پرين آ پيارا،
هِن غمگين دل جو، اچي غم گهٽايو،
اَجان تائين تُنهنجو نياپو نہ آيو.

ڄمُون ڄامَ موريا، ۽ ڇانهُيون ڇُوهارا،
اڪيلو ويا گُذري، ڪي سانوڻ سِيارا،
پَٽياسين ٽي پيرُون، سَڄا ڏينَهن سارا،
ڪڏهن "ساڪرو"، ۽ گُهمياسين "ٻُهارا"،
"ٺٽي" ۾ رَهياسين، ڪڏهن ٺاهَ ٺاهيو،
اَڃان تائين تُنهنجو نياپو نہ آيو.

"ٻسمبر" ۾ توسان، مُون نازڪ نڀايو
آيس پنهنجي دل کي، مان "گهارو" گُهمايو
"دڙي" ۾ بہ دل کي، مُون دَم تي پَٽايو
"سجاول" ۽ "چُوهڙ"، نہ "جاتي" ڀُلايو
"ٻَنوري" ۾ مونکي، تو دَر دَر رُلايو
اَڃان تائين تُنهنجو نياپو نہ آيو.

"جمال" آهي تُنهنجو هي عاشق اَصل ڪان،
"گُجي" ۾ بہ آيس، مِلڻ لئہ اَوهان سان،
"لَڏيا، ليٿ" ٻگولي، ۽ "ٻگاڙهي" وِيس مان،
ڏِنا وَر مون تولئہ، ٽي "ڪيٽي بندر" تان،
ڪڏهن سير "ڪينجهر" جو تو ٽي ڪَرايو،
اَڃان تائين تُنهنجو نياپو نہ آيو.

▼

# 2010ع واري ٻوڏ تي لکيل

ٻوڙيو "سرحد سچو" " ڪابل نديءَ اَفغان"کان،
ٻيو ٻه پاٽي گڏ ٿيو اُت، بَس "بلوچستان" کان،
"پنج ندي پنجاب" پهچي، پو مَٿيو "ملتان" کان،
بس طَرح اهڙيءَ سان آيو قهر "ڪوهستان" کان،
"توڙي بند"، توڙايو آ، "قائم علي شاهہ خُورشيد شاهہ"،
وِيا "علي واهڻ"، بَچائي، مالَ جو چارو ۽ گاهہ

"سنڌ" ۾ آيو جڏهن، بس غَم "گُڊوءَ" وارن ڪَيو
سوڙ ۾ ساري "سکر" تي، هوش تِن هاري وڏو،
"ڪرمپُور"، ۽ "غوثپور"، بس "دين پُور"، ڏَک سان ويو
ٻوڏ ۾ "اوٻاوڙو"، آهي "مبارڪپور" ٻُڏو
۽ "حَسن آباد مُوندر"، "گورچاٽي، ميرواهَ"،
"مسجدون" ويران ٿِيون، ۽ دربَدر ٿِيا "درسگاهَ"،

"خان پور"، "راڌڻ" ڪان پوءِ "دريا" اَچي ويو جوش ۾،
"ميرپُور ٻُرڙو"، ٻُڏي وِيو، ناهي ڪو پيي هوش ۾،
"ٻَڙهي خيرو" "ڪيرٿر"، "عاقل آگاٽي"، آغوش ۾،
شهر "جهٽ پَٽ"، ۽ "حمل"، آ گُڙنگ، ان جي غوش ۾،
"خيرپور"، "ڪيٽي جَتوئيءَ"، ڏي ڪري پيو گجگاهَ،
ٻوڙ ٻوڙان پيو ڪري، اَج، "دريا" دلبر بادشاهَ

شور ۾ "شهدادڪوٽ"، "قمبر"، "جوهي"، "ٿُل" ۽ "جيسر"،
"لاڙڪاڻو"، "دادو" ۽ آ، "لَلّيا" تي ٿِيو اَثر،
"آمري"، "ڪشمور"، "سيوهڻ"، "رِند حيدر" ۽ "پينگر"،
"اوستا محمد"، "مٽياري"، مَستيءَ ۾ آهي "مَنڇر"،
"ڪوٽڙي"، "حافظ ٽنڊو" ۽ ڳوٺ "راڄو مَلُوڪ شاهَ"،
"سُورجاڻي"، جي ٿُٺو هوندي نه درگاهَ "مهرشاهَ".

ٻوڏ ۾ "ٻيلو ٻَنُون"، "ميرپُور بٺورو" ۽ "دڙو"،
"جهوڪ، لائق پور" ڪي آ، چوطرف پاڻيءَ جو ڪَڙو،
ڪِن ڪي گهارو ويو ڪٽي، ڪِن جي مَٿي تي آ گهڙو،
پيا ڏين سرڪار وارا، هاڻ ويچارا پَڙو،
"عالمُون" جي "ڪوٽ"، ڪان مَنزل اَٿس "محمُود واهَ"،
سَر "سجاول" ڪي ڪري، "جاتي" وجي "پيو ڪورواهَ".

هُئا اُجارا مينهن لاءِ، مالَ ماڻهو بي حِساب،
پر ويچارن ڪيترن جو، ٿي وِيو خانو خَراب،
پردي واريون، زائفائون، نِڪري پييون بي حِجاب،
جڻ ته هيءَ بارش اُنهن لئہ، عرش کان آئي عَذاب،
مال ويا مُوڙي به ويئي، ٿي ويو سڀ ڪُجه تباهَ،
سر ڪٽي نڪتا رُڳو، مُٺ ۾ اَچي ويو تن جو ساهَ

سنڌڙيءَ منهنجي ۾ آ، برسات بربادي ڪئي،
مالَ ماڻهو، گهر وِيا، ڪنهن کي نہ ڪنهن جي ڳالَ پئي،
گهر ٻُڏا، ٻَنيُون ٻُڏيون، هر چيز ويچارن وَئي،
خواب هُئا، ڪُجه خِيال هُئا، هينئڙي ۾ حسرت ڪيڏي هُئي،
ٻوڏ ٻوڙي سَڀ ڇڏيو، ناهي وَسيلو ڪا بہ واهَ،
هاڻ نِڪرڻ جو نہ آهي، ڪو بہ رَستو روڊ راهَ

"ڪير" خُوش ٿي، جن ٿي ڪاڏا، ٿيو پِنڻ تن کي نَصيب،
عيد هُئي هر وقت جِن لئہ، ٿِيو رُوئڻ تِن کي نصيب،
بيوَسا بيمار ٿي بَس، ٿيو رَهڻ تِن کي نصيب،
تار پاڻي ناهي تانگهو، ٿِيو تَرڻ تِن کي نصيب،
وَڻ ۽ واهڻ وييون وَسنديون، ناهي اَج آرامگاهَ
رنگ غُربت جو بہ هو، پَر شانَ ۾ هُئا شهنشاهَ

حُڪمرانن ڪي نہ آيو روڄ راڄن تي رحم،
ٻاله حق جي جو ڪَري ٿو، ٿا ٿين اُن تي گرم،
اي خُداوند ٿُون اسان جو، باري بخشي رک ڀَرم،
پنهنجي رحمت ٻاجه سان تون، ڪر ڪَرم وارا ڪَرم،
ڪَر ٻُڏي جا ٿُون ئي ٻيڙا، درد دُک لحظي ۾ لاهَ،
ٻن ڪِروڙن تائين ماڻهن، جي اَندر جي آهي آهہ

خُوب خالق آهين واقف، حالَ مُنهنجي کان "جمالَ"،
مهر ڪر مُنهنجا ٿُون مالڪ، سُڻ سپيئي ٿُون سوالَ،
مست اڄ مهراڻ آهي، ڇيه مان ڏي پيئي ڇالَ،
"سنڌ" ساريءَ جا سَدا، محفوظ رک ماڻهو ۽ مالَ،
بخش ڪر باري تون منهنجا، عُمر ساريءَ جا گُناهَ،
"مير مُرسل" جي مُهابي، ڪر نِماڻن تي نِگاهہ

▼



جمال پنهنجي نالي جيئان، پنهنجي ڪلام ۾ چوندڊ جمالياتي جوهر ڏيکاريا آهن. جنهن مان سندس جمالياتي، حسناڪين جا جلوا پڻ جهلڪندا نظر اچن ٿا.
جمال مراد ٺٽي جي ماضيءَ جي شانداريءَ ۽ تابناڪيءَ جو پرم رکيو آهي، اڄ به اسان چئي سگهون ٿا ته ٺٽي جي ماضيءَ واري علمي، شاهوڪاري ۽ شاهڪاريءَ جي مثال طور نمونو جمال مراد گبول جهڙي خُوبصورت شاعر کي پيش ڪري سگهون ٿا.

**حافظ حبيب سنڌي (چوهڙ جمالي، ضلع سجاول)**

جمال مراد باقاعده پڪو پختو ۽ بهترين شاعر آهي ۽ ٺٽي جي قديم شاعرن جي روايت جو تسلسل آهي. جنهن ۾ ٻوليءَ جا نوان ۽ انوکا لفظ ڪتب آڻي، سنڌي ٻوليءَ جي سينڌ کي سائو سُرهو ۽ سٽيو بنايو آهي.

**حافظ محمد رمضان مهيري (ڪورواه، ضلع بدين)**

جمال مراد گبول، اڏ صدي ڄمار ماڻيندڙ ذهين ۽ فهيم استاد به آهي ته شاعر به، هن استادي پيشي ۾ به پاڻ مڃرايو آهي. سنڌ جي برک شاعرن جي صف ۾ علمي ۽ قلمي اهليت به رکي ٿو.

**محمد احسان احسن جوکيو (گهارو ضلع ٺٽو)**

لفظن جي چوندڊ، علمِ عُروض جي سُونهَن، مقصد جي پُورائي ۽ خيال جي اڏام جهڙيون خوبيون رکندڙ ضلعي ٺٽي تعلقي ميرپور ساڪري جو گُهڻ مشق شاعر، جمال مراد گبول کي سندس مائٽن ۽ بهترين استادن اهڙي ته تربيت ڏني آهي، جو ڪيس ڪنهن قيمتي ماڻڪ سان تشبيه ڏجي ته ڪو وڏاءُ ڪونهي.

**اقبال شاهين (جاتي، ضلع سجاول)**

Sahil Printers Hyd: 0333-2634650